# سامي ءَ جا چونڊ سلوڪ

(معنيٰ ۽ سمجهاڻيءَ سان)

اصل گڏ ڪيل:

**سر ڳواسي**

**راءِ بهادر ڪوڙومل چندنمل**

چونڊيل ۽ لکيل:

**شري واڌومل هوانچند**

دفعو ٻيون ] **قيمت ٠-٨-١** [ جلد ١٢٥٠

١٩٥٣ع

Gul Hayat Institute

ڇپائيندڙ:

**ڪوڙومل سنڌي ساهتيہ منڊل**

سول ايجنٽس:

**هندستان ڪتاب گهر**

١٣، حمام اسٽريٽ، فورٽ، بمبئي-١.

Gul Hayat Institute

Printed & published on behalf of Kauromal Sindhi Sahity
Mansing Chuhermal at Navrashtra Press, 23, Hamam St.,

...ANAND GHANSHYAM...
PRIVATE LIBRARY
Book No. 222
BOMBAY

# ساميءَ جا چونڊ سلوڪ

(معنيٰ ۽ سمجهاڻيءَ سان)

اصل گڏ ڪيل:

**سر ڳواسي**

**راءِ بهادر ڪوڙومل چندنمل**

چونڊيل ۽ لکيل:

**شري واڌومل هولچند**

دفعو ٻيون] **قيمت ١-٨-٠** [جلد ١٢٥٠

**١٩٥٣ع**

ڇپائيندڙ:

**ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل**

سول ايجنٽس:

**هندستان ڪتاب گهر**

١٣، حمام اسٽريٽ، فورٽ، بمبئي-١.

Gul Hayat Institute

# پنوڙي

[۱]


| صفحو | مضمون :- |
| --- | --- |
| ۱ | چپائيندڙ جا نوٽ |
| ۳ | ساميءَ جي سلوڪن جو تاثر (رشي ڏيارام گدومل) |
| ۹ | ساميءَ جو جيون چرتر (پروفيسر جيٺمل پرسرام) |
| ۱۶ | سامي صاحب جا سلوڪ (پروفيسر ڪلياڻ بي. آڏواڻي) |
| ۳۸ | ڀومڪا (شري واڌومل مولچند) |
| ۴۴ | پرميشر جي پراپتيءَ جون پؤڙيون " |


[۲]

## ساميءَ جا چونڊ سلوڪ


| | |
| --- | --- |
| ۲ | پرماتما سروُ وياپڪ |
| ۸ | ستگر |
| ۱۴ | مورکه |
| ۲۰ | اوديا |
| ۲۶ | مايا |
| ۳۲ | جڳت ناسونت |
| ۳۸ | گرمکه |
| ۴۴ | مانکه ديهه |


Gul Hayat Institute

| مضمون :- | صفحه |
|---|---|
| ساڌ سنگت ۽ ست سنگ | ٥٠ |
| سنتن جي ست سنگ جو ڦل | ٥٦ |
| ساڌو جن جا گڻ | ٦٢ |
| سنتن جا گڻ | ٦٨ |
| هرجن جا گڻ | ٧٤ |
| ويساسي ۽ جگياسي | ٧٦ |
| سيوا ۽ سيوڪ | ٨٠ |
| گرگم | ٨٤ |
| سهاڳڻ | ٨٦ |
| اندر جي صفائي يا پوترتا | ٩٠ |
| من ۽ منن | ٩٢ |
| من مارڻ يا جيتڻ | ٩٤ |
| همت هارڻ | ٩٦ |
| ايمان يا خودي | ٩٨ |
| ڪوڙ | ١٠٠ |
| سچ ۽ سچيار پرک | ١٠٢ |
| پڙهڻ | ١٠٦ |
| رهت | ١٠٨ |
| سڪ | ١١٠ |
| محبت | ١١٤ |
| پريم | ١١٦ |


Gul Hayat Institute

| مضمون :- | صفحو |
|---|---|
| عشق | ١٢٠ |
| پريمي | ١٢٢ |
| محبتي | ١٢٤ |
| عاشق | ١٢٨ |
| ڀڳتي ۽ ڀڳت | ١٣٢ |
| گيان | ١٣٤ |
| گياني | ١٣٦ |
| سنياسي | ١٣٨ |
| آتما | ١٤٠ |
| جوت | ١٤٢ |
| انهد شبد | ١٤٤ |
| آتما جو آنند | ١٤٦ |
| اندر جو ڳجهه ۽ سلوڪ | ١٤٨ |
| ڏکين لفظن جي معنيٰ | ١٥٠ |

Gul Hayat Institute

# پڌنامو

[ ۱ ]

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ۱۲ | ۷ | تنهن گهر | تنهن ۾ گهر |
| ۱۵ | ۱۷ | وڃاي | وڃائي |
| ۱۸ | ۲۳ | الوپ | انوپ |
| ۲۲ | ۱۸ | الوپ | انوپ |
| ۲۸ | ۱۲ | تر ڦندا | تڙ ڦندا |
| ۳۸ | ۱ | توري | توڙي |
| ۴۰ | ۲۳ | بولي ءَ | ٻولي ءَ |
| ۴۸ | ۱۶ | سنڪندر | سڪندر |
| ۵۰ | ۹ | سو | سي |
| ۵۳ | ۵ | اَسڪي | اُسڪي |
| ۵۶ | ۲۱ | ڍونڊي | ڍونڍي |

Gul Hayat Institute

[ ۲ ]

## سامي ءَ جا چونڊ سلوڪ

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ۵ | ۱۲ | خالي | خالق |
| ۱۷ | ۱۸ | هرذي | هردي |
| ۳۴ | ۸ | وپ | روپ |
| ۳۴ | ۲۱ | بت | ثابت |

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ٧٣ | ٧ | ڏسن | ڏسن |
| ٨٧ | ١٣ | ڏسين | ڏسي |
| ٩٤ | ١٣ | ايڪا | ايڪنا |
| ١٠٧ | ٤ | سمجهي | سمجهن |
| ١١٦ | ١٦ | پوري رکي، | پوري، رکي |
| ١٤١ | ١٧ | غضي | غصي |
| ١٥٠ | ڪالم١- ٢ | پرتبنب | پرتبنب |
| ١٥٣ | ڪالم١- ١٥ | اڳو | آوڳو |
| ١٥٥ | ڪالم١- ١٥ | آڏ | آڌ |
| " | ڪالم٢- ٢٠ | سڌارڻ: | سڌارڻ- |
| ١٥٦ | " ٢- ٢٢ | پسڙيو | پسريو |
| ١٦٥ | " ١- ١٧ | ڳڏ | ڪڏ |

Gul Hayat Institute

# ڇپائيندڙن جو نوٽ

ساميءَ جا سلوڪ، شروع ۾ سرڳواسي ديوان ڪوڙيمل گڏ ڪري، ٽن ڀاڱن ۾ ڇپايا هئا؛ سي ڪيتري وقت کان کپي ويل آهن. عام ماڻهن توڙي ڪاليج جي ودياترين جي، انهن ڪتابن لاءِ گهر ٿيڻ لڳي. اهي گهرون پوريون ڪرڻ لاءِ، ڪوڙيمل منڊل جي باني ڪارن خيال ڪيو ته ساميءَ جا سلوڪ چڱيءَ طرح سوڌي، جدا جدا مضمونن تي، رتائتي نموني ۾ نئين روپ ۾ ڇپائجن ۽ ان سان گڏ ڪجهه سمجهاڻي به ڏيڻ گهرجي، انهيءَ لاءِ ته ساميءَ جي سلوڪن لاءِ پڙهندڙن ۾ چاهه وڌي ۽ ساميءَ جو روحاني خزانو عام جي اڳيان پڌرو ٿئي ۽ اهي اهو خزانو پائي آنند ۽ شانتي پراپت ڪري سگهن. انهن مرادن پورين ڪرڻ لاءِ منڊل اهو بار، سرڳواسي مسٽر واڌومل مولچند تي رکيو. هن صاحب اهو ڪم پر اپڪار ۽ عام ڀلي جو ڄاڻي، خوشيءَ سان پاڻ تي هموار ڪري گهڻي محنت سان پورو ڪيو. سلوڪن جي چونڊڻ ۾ سرڳواسي ديوان وسڻي مل پنجومل گدواڻيءَ پڻ مدد ڪئي.

سرڳواسي راج رشي ڏيارام گدومل جو تاتپرج ساميءَ جي سلوڪن جو ڀرئين ڇاپي ۾ وڌل هو جو وري هن ڇاپي ۾ به درج ڪجي ٿو.

اسانجي پياري مٽر سرڳواسي پروفيسر جيٺمل پرسرام پڻ هن پستڪ لاءِ سامي جو جيون چرتر لکي ڏنو آهي. پروفيسر ڪلياڻ بي. آڏواڻيءَ سامي صاحب جي سلوڪن تي ڪاليجي وديارٿين جي نقط نظر کان، ٻولي، تشبيهن وغيره بنسبت سمجهاڻي لکي ڏني آهي. تن هن پستڪ کي وڌيڪ سندر ۽ ڪارائتو بڻايو آهي. منڊل مٿين سڀني صاحبن جو گهڻي قدر شڪرگذار آهي.

هن پستڪ جا ٻه ڇاپا ٿوري وقت اندر کپي ويا آهن. اهو ڏيکاري ٿو ته عام پاٺڪن ۽ پڙهندڙن ۾ هي ڪتاب گهڻي قدر قبول پيو آهي. هي ٽيون ڇاپو عام جي اڳيان پيش ڪندي اسين سڀني تعليمي سنستائن جي باني ڪارن کي وينتي ڪندا سون ته هي سندر پستڪ سڪولن ۽ ڪاليجن ۾ درسي طور رکي، ساميءَ جي سلوڪن جي ڀاڃيءَ جو ڦهلاءُ ڪندا رهندا.

ٽئين ڇاپي جي سول ايجنسي هندستان ڪتاب گهر، بمبئي، کي ڏني ويئي آهي.

شيوا ۾

**هري سندر روپچند**

سيڪريٽري

ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل، حيدرآباد (سنڌ).

Gul Hayat Institute

# ساميءَ جي سلوڪن
# جو تاتپرج

هن جهان ۾ اسانجا ۵ پنج دشمن آهن، جن جهڙا ٻلوان دشمن ٻيا ڪي ڪينهن. سندن نالا مشهور آهن؛ پر سندن نشان ڪن ٿورن کي معلوم آهن. ڪو آدمي ڪونهي جو اُنهنکي ظاهرا ڦٽ لعنت نٿو ڪري؛ پر ڪو ورلي آهي جو اُنهن مان هڪڙي نه ٻئي کي اندر ۾ نٿو سانڍي. انهن دشمنن سان اڪثر جيترو اسانجو پيار آهي تيترو پنهنجن پيارن ٻچن سان ڪونهي. پر تڏهين به جيڪڏهين اسان کان ڪو پڇي ته اهي توهانجا دشمن آهن يا نه؟ ته جيڪر ڪڏهن ڪين چئون نه. انهن دشمنن بابت ڄاڻ به اٿئون پر تڏهن به اڄاڻ آهيون. اُنهن کي نڪي سپاهه آهي نڪي توبخانه، پر تڏهن به حاڪمن کان هو وڌيڪ محڪم آهن ۽ حاڪم خود سندن محڪوم آهن. اهي آهن دشمن، جنکي مات ڪرڻ لاءِ شرتيون ۽ سمرتيون، قرآن ۽ اِنجيل سڀ پرڳهٽ ٿيا. وياس ۽ والميڪي، ٻڌ ۽ زردشت،

هو دور رهي. اهڙو روڳ درحقيقت مرض آهي؛ اِنهيءَ مرض جي دوا ساميءَ جي چوڻ موجب ساڌ سنگت آهي ۽ ساڌ سنگت جي معنيٰ آهي نه اُنهنجي سنگت، جي ٻاهرکي ساڌ سڏائين يا پنج پئسا ڏين، پر اُنهنجي، جنکي ست ڪرم، سيل، سنتوک، نرويرتا، شيوا، ديا ۽ ڌرم آهي. ساڌو اُهي آهن جي ڀاڳي ۾ پينا رهن، جي جڳت کي جوت سمجهي ڪايا ۽ مايا جي موهه ۾ غلطان نه رهن ۽ جي ڪلپت کي ڪٿي سنگسار ڪري ڇڏين. ساڌو اُهي آهن جنجي من ۾ رمتارام سدائين وسيٺي وسي، جنکي نوش ۽ نيش، نشيب ۽ فراز، رنج ۽ راحت سڀ سمان آهن ۽ جي سروپ تان ائين قربان آهن جئن چڪور چنڊ تان ۽ پتنگ روشنائيءَ تان. **تات پرج** هي آهي ته ساڌو اُهي جنجو ڌن آتم ڌن ۽ جنجو گيان آتم گيان آهي. ڪوبه انڪار نه ڪندو ته اهوئي ڌن اُتم آهي، اهوئي گيان اُتم آهي.

پر دشمن کي ناس ڪرڻ هڪڙي ڳالهه آهي، دوست همت ڪرڻ ٻي. ساڌ سنگت ڪرڻ هڪڙي ڳالهه آهي، ساڌو ٿيڻ ٻي. ساڌ سنگت ڪري من جا پوت ڪيڏي سگهجن ٿا، پر ساڌو ٿيڻ کان سواءِ سائين نٿو ملي. ڪي ائين پيا سمجهن ته ساڌو اُهي آهن جن جهان کي ڇڏي فقيريءَ جي جهولي پاتي آهي. پر جهان جي ڪڏن کو ٻن، ڇڪن ۽ ترڪڻين جي جنهنکي آزمائش نه هوندي، تنهنکي سچي لنو ڪڏهين نه لڳندي. جو

Gul Hayat Institute

اهڙن جو لحاظ ڪندو سو ترڻ مور نہ سگهندو. جو دنيا
جي هوس سان نہ لڙندو تنهنکي سور مو ڪير ڇوندو؟
جو ڏکن ڏاڪڙن کان گيڏي ٿي ڀڄندو تنهنکي آسماني
واهر جي ڪهڙي خبر پوندي؟ سيکڻهن جي آتما تي
ڳرو قرض آهي ۽ اهو قرض لاهڻ مٿس فرض آهي.
وَجهن پٺيان وجهه، اشارن پٺيان اشارا اسانکي ملن ٿا؛
پر قرض ۽ فرض جي اسانکي ڪا يادگيري نٿي اچي.
شاهوڪار نٿو سمجهي تہ قرضي آهيان. عالم نٿو سمجهي
تہ قرضي آهيان. ٻئي بيقرض، بيغرض، بيفرض آهن.
نٿا سمجهن تہ مٿن مسڪينن ۽ نادانن کان وڌيڪ قرض
آهي ۽ وڌيڪ جوابداري. نٿا سمجهن تہ نوڪر آهن، نہ
خاوند. تہ ڌن وٽن ڌراوت طور آهي چڱن ڪمن ڪرڻ
لاءِ نہ پنهنجي تن پروري ۽ پنهنجي سرخروئيءَ لاءِ.
ساميءَ جي سلوڪن جو گهڻو زور آهي ممتا مارڻ تي؛
پر ممتا ڪيئن مرندي جي اسين پاڻکي وڏا پدارٿ
ڪري سمجهنداسين ۽ جيڪي ڪي اسانکي آهي، حواس ۽
عضوا، مال ۽ ملڪيت، عقل ۽ علم، هنر ۽ هوش؛ سو
پنهنجو ڪري سمجهنداسين ۽ نہ اسانجي خاوند جو.
هردم جيڪڏهن اسين اهڙي ويساه گهاتي ڪنداسين
تہ پوءِ اسانجي پڇاڙي ڪهڙي ٿيندي؟ هينئر تہ چڱي
جوڻ اٿئون پر جي اُنهيءَ جوڻ ۾ ڏٺي پنهنجو وساري
ڇڏينداسون ۽ ڪافر نعمت ٿينداسون تہ آخر اسانجو

شيوا آهي ۽ ڀڳوان جي ٻانهپي ٻادشاهن جي سلطانيءَ
کان وڌيڪ آهي. اِهي آهن سبق جي ويدانت سيکاري
ٿو. اهي ساڳيا سبق هنن سلوڪن منجهان پڙهي سگهجن ٿا.
شال اسين سڀ اهي سبق هنڊايون؛ شال اسانجون
رڳون رباب وانگي اُنهن سان وڄن ۽ اسانجا روح اُنهن
سان رچن.

ڏيارام گدومل

Gul Hayat Institute

# ساميءَ جو جيون چرتر

(پروفيسر ڄيٺمل پرسرام)

**نالو ۽ ڳوٺ:** "سامي" شاعر، جو اصلوڪو نالو ڀائي چينراءِ آهي. سامي سندس گرو هو، جو هڪ براهمڻ سنياسي فقير هو. ڪوي ڀائي چينراءِ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ "سامي" تخلص اختيار ڪيو آهي. ڪوي چينراءِ شڪارپور جي شهر ۾ جنم ورتو. سندس ڀويان اڳيا ڄيٺرا آهن، پر اڄ به هنن جي رهڻ جو مکيه آستان "امرتسر" آهي، جتي سندن اباڻي ڪوٺي ساميءَ جي ڏينهن کان وٺي آهي. شڪارپور شهر ۾ به ڪويءَ جي مائٽاڻي جاءِ ٻڌجي ٿي، پر پورو پتو ڪونه پئجي سگهيو آهي. شڪارپور ۾ "ساميءَ جو کوهه" ڪري سڏبو آهي. ڪن جو رايو آهي ته انهيءَ مڪان تي به سامي گذاريندو هو. ائين هجي، پر ڪوي چينراءِ گرهستي ماڻهو هو. هن فقيري لباس ڪين ورتو هو. سندس ڏاڏو ڏوٽي امرتسر ۾ هو. سنڌ ۽ پنجاب ٻنهي ساميءَ جو ڳوٺ چئبا.

**سامِيءَ جي علميت:** پاڻ ٿو سامي چئي :-

” ويدن جا ويچار، سي سنڌيءَ منجهه سمايم.“

جيئن مولانا رومي جي مثنوي نسبت چئجي ٿو : ” آهي قرآن (اصلي ڪتاب) پهلوي ٻوليءَ ۾“، جيئن لطيف جو رسالو آهي ساڳيو ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾، تيئن سامِيءَ جا سلوڪ به آهن، ويد (آدي گرنٿ) سنڌي ٻوليءَ ۾. ويد، اُپنشد، سوتر، ڀاڳوت، شنڪر، پاتنجلي ۽ ٻيا انيڪ شاستر سنڌس من ۾ سمايل آهن. ٿورا مثال هيٺ ڏجن ٿا :-

” من ٻڌ واڻي ڪون پري، اندرين اگوچر.“

شنڪر آچاريه اِهو پراڻو اُپنشدي ويچار هيٺين شبدن ۾ ٿو آڻي: ” منو ٻڌي اهنڪار چتاني ناهم.“

سامِيءَ جي اِها پهرين ڏنل سٽ سنڌس سلوڪن جي مکيه پيڙهه، جنهنجو ارٿ آهي : ته آتما اندرين، من ۽ ٻڌيءَ کان پري آهي، انهيءَ انيءَ وٽ ڪي لوچي لهه. شاهه لطيف انهيءَ ڪي جسو جيءُ ۽ جان ٿو سڏي:-

” عشق نه آهي راند جه ڪندس ڳيرو
جيءَ جسي ۽ جان جي ٻيڃي جو هيڪاند
نيڙي نائي پاند، پڇج پوءِ پرينٽو.“

اِهي وئدڪ اپنشد ويچار سامِيءَ ۾ انيڪ آهن، مثلاً:-

(١) پاري ۾ پاڻي تيئن وياپڪ وس ۾.

(٢) جيئن گهاگهر لوڻ جي، پرڻ هلي پاڻي.

(٣) جيئن ڪيلوٽو ڪنب جو.



Gul Hayat Institute

اِهي ساڳيا سنسڪرت شبد پراڪرت ۾ تو ڪم آڻي ۽
نيٺ سنڌيءَ ۾ به ساڻن لڳايو ڇڏي .

" تڏي ۽ ڪوسي سامي رکن سر تي. "

گيتا چوي " ويد واد رتا " ته سامي چوي " ويد پڙهي وادي ٿيا " . اِها علمي خوبي ساميءَ ۾ شاهه لطيف واري آهي جو به عربي پارسي ۾ اَصلوڪا گفتا ڪم آڻي، اُتي اُي نيٺ سهڻي سنڌيءَ سان به سينگاريو ڇڏي .

عربيءَ ۾ آهي " خان ڪروني ازڪر ڪم " ته شاهه نيٺ سنڌيءَ ۾ چوندو " توجني جي تات ؛ تن پڻ آهي تنهنجي " . ٻولي ٻنهي جي نيٺ سنڌي، پر عربيءَ جو سنبند سنسڪرت سان نه هٽڻ ڪري ٻوليون شاهه ۾ جدا جدا پيئون پاسن ؛ پر ساميءَ ۾ هڪ جهڙيون .

پاڳوت، جو مڙني سنڌي هندي شاعرن لاءِ شعرن جو خزانو آهي تنهن مان به ڪجهه ويچار ساميءَ جي سلوڪن ۾ آهن :-

(١) اوڌو تو آندي ڇني جوڳه جتن جي
(٢) مٿر مرلي ڪان وڃاي مکه سان .

شاهه، سچل ۽ ٻين سنڌي صوفين به اُهو پاڳوت گهڻو گهوٽيو آهي. شاهه جي سرن خاص ڪري سرسسئي معذوري ۾ ته موج آهي . ڪرشن ڪي هوت سڏي تو گوپين کي چوي : " سڀ لنگيون تي لڪرو!"
" وهي ويڙهجي جا وصل تنهن وڃايو." اِهو سارو سر پاڳوت تي ٻڌل آهي، تڻن سامي ۾ موهن جون مرليون به پاڳوت منجهان آهن .

Gul Hayat Institute

# سامي صاحب جا سلوڪ

( پروفيسر ڪلياڻ ٻي. آڏواڻي )

## سامي؏ جو تخلص ( سامي ۽ رومي ) :- ڀائي

چئنراءِ صاحب پنهنجي پورن ستگرو سوامي مينگهراج صاحب ۾ مڪمل فنا ڪائي، هنکي شرف ڏيڻ لاءِ، "سامي" يا "ٻانيڻ" جو تخلص اختيار ڪيو:

"پرين؏ ڏ ريو پانهنجو، نماڻي؏ تي ناثو." (سامي)

اهڙو ساڳيو مثال اسان اڳيان، ايران جي جڳ- پرسد شاعر رومي؏ جو آهي، جنهن ٻه پنهنجي ڪامل مرشد شمس تبريز کي شرف ڏيڻ لاءِ، پنهنجي ديوان ۾ پاڻ کي "شمس تبريز" جي تخلص سان روشن ڪيو آهي. رومي، شمس تبريز جي عشق ۾ فنا ٿيو پيو آهي:

"دوتا چون آسمانم من ز عشق شمس تبريزي
مزن زخمه جز آهسته که ناگه بگسلد تارم."

( ديوان شمس تبريز )

سامي؏ پنهنجي هستي پنهنجي گروءَ ۾ گم ڪئي آهي. هينئر ڀائي چئنراءِ صاحب جي مذر واڻي؏ کي



Gul Hayat Institute

**ساميءَ جي سنڌي** :- سامي صاحب شڪارپور جو وڻيل هو، تنهنڪري سندس سلوڪن ۾ شڪارپور جي مٺيءَ رسيلي ٻولي ، سرائڪي ، ڪم آيل آهي. بيدل بيڪس، سچل ۽ دلپت جي ڪلام وانگر، ساميءَ جي ڪلام ۾ به سرائڪي ٻوليءَ جا محاورا ۽ ورجيسون آهن .
ساميءَ جي ڪلام مان ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا :-

(١) " آهن اگم اپار، راهان رام ملڻ جون."
(راهان = راهون)

(٢) " عشق ڪمايو جن، پڇ تنين کون خبران."
(کون خبران = کان خبرون)

(٣) " سر نديءَ کون (کان) ٿالو، ورلو ڪوگرمک ڪري."

(٤) " سران سڀ راڳن جون (سر سڀني راڳن جا)
تيون تنهن ۾ ڪن تنوار."

سامي صاحب ويدن جي واڻيءَ کي، سنڌي لباس پهرايو آهي: " ويدن جي واڻي، سا سنڌي منجهه سٽايان." انهيءَ ڪري سندس سلوڪن ۾ سنسڪرت لفظن جي اڪثريت آهي، ۽ سندس واڻي، رس ۽ مٺاج جو ڀنڊار آهي. مٺاج ۽ نرملتا ۾ قديم رشين جي رچيل گرنٿن ۽ شاسترن جون سڪون ٿو لاهي. ايشور جي مکه مان کهڙا نه آنند پريا ۽ ڪومل وچن ٿو چوائي:

" جاڳج ست سروپ، نارد نج ڀڳتن کي؛
تارڻ ڪارڻ سنسار جي، ڌاريم اهو روپ؛
سامي وچن الوپ، ست چوانئو صفت سان."

Gul Hayat Institute

۽ تصنع جي چيو آهي، ۽ عوام جي ڪوي هئڻ جي حيثيت ۾ "غلط العام صحيح" وارو اصول عمل ۾ آندو اٿس، يا (٢) قافيه (Rhyme) ۽ تجنيس حرفي (Alliteration) جي پورائيءَ لاءِ اهو رستو اختيار ڪيو اٿس. ڪي مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا.

(١) **ڪوجي** (خوضي) لڌو **ڪوج** (خوض)، پرچي پريم نگر جو،
بدائين با نيڻ چوي، تنهن ۾ سهج **سروج** (سرود)،
هردي منجهه **هروج** (هرروز)، درسن ڪري دوست جو.

(٢) چڙي لوڪ لڄا، عاشق چڙهيا اچ ٿي،
منيائون محبوب جي، ساميءَ سڀ **رجا** (رضا)،
ڪوڙي **ڪاموشيءَ** (خاموشي) ۾، وينا ڏيان ڏجا،
ملي ڪن **مجا** (مزا)، سته سد سروپ جي.

(٣) لڪين لوڪ ترپا، **داون** (دامن) لڳي تن جي.

(٤) جيڪي جڳ آيا، سي **مرگهه** (مرگ=موت)
ليان مساڻ ڏي.

اهڙيءَ طرح شاهه به لفظن جون بگڙيل صورتون ڪم آنديون آهن:-

ڪرهي ڪاڪت (طاقت) چڙي، وريس نه وائي- (سرڪنيات)

مثال گهڻيئي آهن پر نموني طور فقط هڪ ڏنو ويو آهي.

**نظم جو نمونو** (ساميءَ جا سلوڪ ۽ شاهه ۽ سچل جا ڏوهيڙا):- ساميءَ صاحب جا سلوڪ باقاعدي

Gul Hayat Institute

ڏوهيڙا آهن. شاهه نون ۽ ڏهن مصراعن تائين به ويو آهي پر سامي ڪنهن به سلوڪ ۾ چئن مصراعن کان وڌيڪ مصرائون نه چيون آهن: ويدن واري قانون تي هليو آهي. جيتوڻيڪ سنڌس واڻي، اپنشد، گيتا، يوگ سوتر، نارد سوتر ۽ ڀاڳوت جي فلسفانه ويچارن سان معمور آهي، تنهن هوندي به، هن صاحب پنهنجن سلوڪن ۾، ڪٿي به، ڪنهن به ڌرمي گرنٿ مان، ڪو به جنسي منتر، يا ٽڪ، ايراد نه ڪيو آهي. شاهه ۽ سچل جي ڪن ڏوهيڙن ۾ قرآن شريف جون آيتون ۽ حديث مان حوالا آيل آهن، جنهنڪري اهڙن ڏوهيڙن جون ماترائون مقرر تعداد کان وڌي ٿيون وڃن. مثال طور شاهه جي "سر سهڻي" مان هڪ بيت ٿو ڏجي، جنهن ۾ هن صاحب هڪ پارسي غزل جي مصرع تضمين طور آندي آهي:

"گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻهون نهاري ٻنگ،
سردر قدم يار فدا شد چه بجا شد، وصل اهوئي ونگ."

مٿئين مثال مان ظاهر آهي ته پارسي شعر واري مصرع ۾ ماترائون، مقرر تعداد کان وڌي ويئون آهن. سامي صاحب جي ڪنهن به سلوڪ ۾، اهڙي نموني، ماترائون وڌيل ناهن. هو صاحب جنسي منتر ڏيڻ جي بجاءِ فقط اشاري کان ڪم ٿو وٺي:

"گيتا ۾ ڀڳوان، ارجن کي ائين چيو."

قافيه جي لحاظ کان به سنڌس ڪلام پڪو ۽ پختو

Gul Hayat Institute

سنڌي زبان ۾ ويدن جي واڻي آهي. سنڌس تشبيهن جي ڪوزي ۾ ويدانت جو مها ساگر سمايل آهي. هتي ڪي مثال ڏجن ٿا، جنمان هن صاحب جي لاثاني تشبيهي فن جو جلوو سڀ جي پرڪاش وانگر پڌرو آهي:

**ڪنول**- ايشور جا سچا عاشق، جنکي سامي "محبتي مستان" تو سڏي، سي جهان جي تالاب ۾ رائين اليپ رهيا پيا آهن، جئن ڪنول گل جل ۾:

"رهن منجهه جهان، سدا اليپ ڪنول جان."

هريءَ جي عشق ۾ ٻڏل عارف هر قسم جي خيالن جي لهرن وچ ڪنول مثل بي داغ رهيا پيا آهن:

"هو جن هر ذاتي کيلن سڀ خيال ۾،
رهن اليپ ڪنول جان سامي سجاتي."

اهڙن عاشقن کي هن سنسار ۾ ڪو به داغ نه ٿو لڳي، جئن ڪنول گل کي پاڻيءَ جي وچ ۾ ڀيني به ڪو به ليپ نٿو لڳي!

"ليپ نه لڳي تن کي، جئن جل رهن ڪنول."

هو سنساري پوڄ پوڄيندي به ڪنول وانگر اوجل ءِ اڇا آهن:

"توڙي پوڄن پوڄ، تان ڀي ڪيول ڪنول جان سدا."

جن عاشقن، سچ سچائي، محبوب جي مورت سيني صورتن ۾ ڏٺي آهي، سي هر ساعت وصل جي موج ۾ آهن ءِ خلق جي ميڙ ۾ رائين نرالا ٿا گذارين جئين

Gul Hayat Institute

ڪنول گل جل ۾ هوندي جل کان نرالا ٿا رهن:
”اُنئي پهر عجيب سان، ملي مؤجان ڪن؛
منجهي راج رهن، ڪيول ڪنول جان سدا.“
جن عاشقن جاڳي پنهنجن اکين سان ڏٺو آهي، سي پنهنجي باطني سلطنت ۾ ڪنول گل وانگر شگفته ۽ شادان ٿا گذارين:
”جاڳي ڏٺو جن، پانهنجي اکين پاڪي؛
مخفي راج رهن، ڪيول ڪنول جان سدا.“
جنهن طالب جي اوديا جو پردو ستگروءَ پري ڪري ڇڏيو آهي، تنهنجو من ائين پيو ٽڙي، جئين ڪنول جو گل:
”جنهنجو پت پاسي، سامي ڪري ستگورو؛
تنهنجو من ڪنول جان، بيحد بگاسي.“
سنسار ۾ پريم ٺڳي سڀني کي ڦاسايو آهي. مرگهه ناد جي آواز تي عاشق ٿي ڊوڙي ٿو اچي ۽ پتنگ جوت ڏسي مدهوش ٿو ٿئي. اها محبت يا عشق جي ڪشش، ڪنول گل جي سرهاڻ جو واس ڏاري، ڀؤنر کي پنهنجي دام ۾ ٿي اڙائي:
”سڀ کي بوڙايو، پريم ٺڳاج لڳي ڪري؛
ٻڌي ناد ڪنن سان، مرگهه ڊوڙي آيو؛
وٺي واس ڪنول جان، ڀؤنر لپٽايو؛
سامي سمايو، پتنگ جوت ڏسي ڪري.“
نڀ يا آڪاس :- جنهن شيوڪ جي من جا سنسا

Gul Hayat Institute

ڦورت ٿيا آهن، سو پنهنجي سرير ۾ آڪاس جيان اسرير ۽ اليپ ٿي ٿو رهي:-

"رهن منجهه سرير، اسرير آڪاس جان."

"جئن اليپ آڪاس ٿئن رهن بدبهي ديه."

"نپ جان نيارو، رهي بدبهي ديه م."

اهڙي گرمکه جي اندر ۽ ٻاهر، ايشور آڪاس جيان سروياپڪ ۽ هرهنڌ پرويش ڪندڙ ڏسڻ ۾ ٿو اچي:-

"اندر ٻاهر نپ جان، پگوت هڪ پاسي."

"جئن گهٽن ۾ آڪاس، ٿئن ساکي ڏسي سڀ م."

"سڀ گهٽ ڏسي سپرين، نپ جان نرالو."

اهڙو گياني پرش جهاني وهنوار ۾ هلندي ۽ انيڪ ڏنيوي ڀوڳ ڀوڳيندي به انهن اليپ ۽ نيارو ٿو رهي جئن نپ يا آڪاس:-

"توڙي لوڪ وڳي، تان پي رهي اليپ آڪاس جان."

"توڙي ڀوڳي ڀوڳ انيڪ، ته به نيارو رهي نپ جان."

"توڙي ڪري وهنوار، تان پي نيارو رهي نپ جان."

اهڙو گياني هن مايا کي ڇل ڇاڻي آڪاس جيان اچل ٿو رهي ۽ گيان جي چوڏول ۾ چڙهي ٿو وهي:-

"اندر ٻاهر نپ جان، رهي اليپ اچل؛
ڇاڻي مايا ڇل، چڙهي وينو چوڏول م."

سچو گرمکه پنهنجي ممت متائي پاڻکي آڪاس وانگر سوکيم ٿو ڪري:-

"ممتا متائي، نرمل رهي نپ جان."

Gul Hayat Institute

ايشور هر ڪنهن وستوءَ جيئن ۾ آڪاس جيان تئو وسي پر اها رمز ڪو "نيهي نهڪرمي" سمجهي:-

"رمتا رام رمي، سڀ ۾ رهيو آڪاس جان؛
سمجهي ڪو ساهي ڇڏي، نيهي نهڪرمي."

سڀڪو "پريم پريم" ۽ "عشق عشق" پيو پڪاري پر پريم، واٽي ۽ واچ کان الڳ آهي جئن گهٽن ۾ آڪاس:-

"سڀڪو پريم ڇڏي، پريم نه اچي واچ ۾؛
جئن آڪاس گهٽن ۾، سدا اليپ رهي."

**انل** - جنهن پڳت جي هرديءَ ۾ ستگوروءَ جي گيان جو پرڪاش ٿيو آهي تنهنجي آتمڪ سرت يا جاڳرتا جي چمڪ انل جيان آڪاس کي وڃي رسي آهي:-

"ديکيا دات گروءَ جي، جنهنجي من وسي؛
انل جان آڪاس ۾، **ساهي** سرت وسي."

حقيقي عاشقن پنهنجي جيءَ مان قرني جي قاسي ڪڍي انل جيان آتم پد پاتو آهي ۽ سروپ سان هڪ ٿي خاص خلوت پيا ڪمائين:-

"**ساهي** ملي سروپ سان، ٿيا خلوتي خاص؛
رهن منجهه آڪاس، انڪي پهر انل جان."

"جن کي عشق عميق جو، سي خلوت خيالي."
(**شاه** - سر سهڻي)

"گرمکه جي گادي، انل جان آڪاس ۾."



Gul Hayat Institute

پر اهڙي پد وارو پرش جهاني انسانن ۾ اهڙو ڇڏو آهي جهڙو پکين ۾ انل :-

”آتم پد واسي، ڪوڙين منجهون ڪو رهي؛
جئين پکين ۾ هڪڙو، انل آڪاسي.“

”وحدت جي واديءَ ۾، ڪوڙين ڪي قليل.“ **(شاه)**

اهو پرش جهان جي سرديءَ ۽ گرميءَ ۾ ائين استت ٿو رهي جيئن انل آڪاس ۾ :-

”جئن انل پکي، استت رهي آڪاس ۾.“

سامي صاحب انل جو مثال ڏيئي منش کي هدايت ٿو ڪري ته اي آڪاس جي گلشن جا پکي! تون به جهاني ترشنائن کان پري اُڏامي وڃي اَنل جيان آڪاس ۾ پنهنجو آشيانو اڏ :-

”انل جا آڪاس ۾، ڪيول ترڪتي اڏ.“

”مرغِ دل را آشيان بايد فقط.“ **(بيدل)**

**مرگهه يا هرڻ :-** جئن سج جو تيج رج ۾ جل جو ڪوڙو نماءُ رچي مرگهه کي ترشنا ۾ رلائيندو آهي، تئن برهم يا ايشور پنهنجي خيال جي چمڪاس ۾ هيءَ مايا اُپائي، اُنهي ڪوڙي ڏيکاءَ ني انسان کي لڳيو آهي.-

”اڻ هوندو اود يا ڇل، تيو چيتن جي چت کي؛
جئن سورج جي تيج کون، مرگهه ترشنا جو جل.“

عام طرح انسان جو حال هي آهي جو پنهنجي اندر جو پردو لاهي نج سروپ جو ديدار نٿو ماڻي؛ پر ختن

جي هرڻ وانگر پنهنجي دُن ۾ مشڪ جو خزانو هوندي
به، باطني خوشبوءِ ڪري ڇڏي وتي سڳنڌ لاءِ ٻاهر
ڇالون ماريندو:-

"اڻ هوندي ڀولي، وڏو جيءُ ڀرم ۾؛
جئن ڪستوري ناڀ ۾، مرگهه ٻاهر ڦولي؛
اوڊ يا پُٽ ڪولي، **ساهي** ڏسي ڪينڪي."

## پپيهه، سپ، مڇن يا مڇلي، چڪور ۽ ڀنور:-

ساميءَ بعضي هڪ ئي سلوڪ ۾ عاشقن جو حال چڪور، ڀنور، مڇي، پپيهه ۽ سپ جي حال سان ٺو ڀيٽي. جئن چڪوي چڪور ۽ چڪور چندرما جي درشن، ڀنور ڪنول جي واس، مڇي جل جي سيتلتا ۽ پپيهه ۽ سپ برسات جي بوند لاءِ ترڦندا آهن تئن ايشور جي عاشق کي به الاهي مشاهدي بنا قرار ناهي ۽ اُن ئي ڀڙ اندر ۾ جلن اٿس:-

"پلڪ نہ ٽڪي پري، نيهي ناراڻ ڪون؛
من ۾ چندر چڪور جان، درشن ڏيان ڏري؛
ڀنور رهي نہ واس ري، جل ري مڇن مري؛
**ساهي** تڏهن ٺري، جڏهن پوي بوند پپيهه کي."

"راتيون ڏينهن جري ٿي، بره ڪارڻ پيءَ جي؛
جئن ڪارڻ سئيت جي، سپ ورلاپ ڪري؛
پياس نہ مٽي مين جي، بنان نير مري؛
تڏهن جيءُ ٺري، جڏهن **ساهي** ملي سپرين."

Gul Hayat Institute

اهڙا مثال الڳ الڳ سلوڪن ۾ به اچن ٿا :-

**مڇي** :- "محبتي مري، درسن ڪاڻ دوس جي؛
جڻ مڇلي نير ڪون، پلڪ نه ٿئي پري."
"سدا پرين جي، لنؤ ۾ رهن لين؛
جڻ جل ڪون مين، پلڪ پراهون نه ٿئي."
"جڻ جل ري مين، تڻ عاشق مرن عجيب ري."

**چاتڪ** :- "چاتڪ جان چت ۾، سدا **ساهي** رام رٽي؛
بيحد بوند چٽي، انيءَ جي آڪاس ۾."

**پپيه** :- "پيءُ پرچي ٽيو پاڻ،
ته به پيءُ پيءُ ڪري پپيه جان."

**پروانو** :- اهڙو انسان ورلو هوندو جنهنکي پنهنجي باطني جلوي جي شناس هوندي. اهڙو دردوند درويش ڪروڙن ۾ هڪ ٿو ٿئي جو انهيءَ جوت کي سچائي پرواني وانگر مٿس ساه ٿو ڇڏي :-

"**ساهي** پنهنجي گهر جي، ڪنهنکي سڌ ڪا نهي؛
ورلي ڪنهن سهي ڪيو، دردوند داني؛
پرچي پرواني، جڻ سچاتو جوت کي."

عاشق صادق عجيبن تان پاڻ ائين ٿا گهورين جڻ پروانا پنهنجو پنهنجو جيءُ شمع مٿان قربان ڪندا آهن :-

"محبت جي ميدان ۾، عاشق رنگ رچن؛
پون پروانن جان، اڳيون عجيبن."



Gul Hayat Institute

مٿين تشبيهن کان سواءِ ساميءَ جي سلوڪن ۾ بيون به
انيڪ دلاويز ۽ سهڻيون تشبيهون اچن ٿيون جنجو انتخاب
سواءِ ڪنهن شرح جي هيٺ ڏجي ٿو جيئن ته "عيان راچ بيان":-

"عشق جاڳيو، **ساهي** سمجهي جيءَ کي؛
جئن چقمق لوه کي، چت ري چلايو."

"اگست جان اچمان ڪري، اوديا سندُ سڪاءِ."

"جئن وچڙيءَ ۾ واءُ، تئن ساڪي ڏسي سڀ ۾."

"پڳٽ ورائي گيان، جئين موتي آب ري."

"جئن نئنن ۾ نور، تئن ساڪي ڏسي سڀ ۾."

"اتي سڀ اياس، جڳت هي جڳديش جو؛
جئن سورج چنڊ ۾، **ساهي** سدا پرڪاش."

"جئن گهاگهر لوڻ جي، پرڻ هلي پاڻي؛
سند ۾ سمائي، موتي ڪينڪي."

"عشق سان عقل، مليو رهي منڊ ۾؛
جئن سن آڪاس سان، پاڻيءَ مليو جل."

"عشق پنيءَ آئيو، عقل پيهي پاڻهي؛
سورج سان لڳو رهي، جئن سورج جو سايو."

**اوديا** (سپنو يا ننڊ) :- سامي صاحب ويدانتي مٿي
جو فقير هو. ويدانت وارن هن حياتيءَ کي سپنن اوستا
ڪري شمار ڪيو آهي. اسانجي جهاني بيداري درحقيقت

هڪ ڳوڙهي خوابيدگي آهي ۽ اسين جيڪي ڪريون يا ڏسون ٿا سو ڄڻ ننڊ يا سپني جي حالت ۾. ڄڻ انسان سپني ۾ سيرن ۽ شغلن کي سچ ڪري ڄاڻندو آهي تئن هوهن ڪوڙي سنسار کي به ست مڃي ويٺو آهي:-

”اڻ هوندو سنسار، ڪلپت ڪري سڌ ٿيو؛
ڄڻ سپني ۾ سڌ ٿيو، نانا وڌ وهنوار.“

سچي گيان يا ڄاڳرت کان سواءِ انسان پاڻکي ائين ٿو سمجهي ڄڻ جيڪر ڪو راڄا سپني ۾ پاڻکي هڪ ڪنگال جي حالت ۾ ڏسي ۽ پنهنجو سقيم حال ڏسي آه و زاري ڪري:-

” بنا گيات گيان، ڪنهين پاتو ڪينڪي؛
ڄڻ سچو سپني ۾، ٿئي سلطان.“

پرم ۾ پلجي مورک انسان پنهنجي آتما لاءِ ائين ٿو ڦول ڦولي ڄڻ ڪا استري ننڊ ۾ پنهنجو ٻار وڃائي در بدر رلي:-

”پرم منجهه پلي، مورک ڦولي آتما؛
ٻار وڃائي ننڊ ۾، ڄڻ در در نار رلي.“

اود يا اسانجي من مان اُٿين ٿي آهي ۽ اسانجي من کي اِي ويڙهي وڪوڙي ويٺي آهي ڄڻ ڏانور يا ڪوريئڙو پنهنجن ئي گهڙيلن تندن ۾ پاڻ کي ڦاسائي ڦٽڪندو آهي:-

”اود يا من رچي، سا ويڙهي ويٺي من کي؛
ڄڻ ڏانور تار ۾، مري پاڻ به پچي.“



ساهي
Gul Hayat Institute

سچو سنت اهو چئبو جو هن جڳت کي مرگهه ترشنا جو جل سمجهي ان سان پريت نہ ٿو لڳائي:-

”سوئي سنت پڳت، سوئي پڳت گيان وان؛
مرگهه ترشنا جي جل جان، ڏٺو جنهن جڳت.“

**ستگروءَ لاءِ اڇهل پريم:-** انسان اندر جو پت تڏهين پري ڪري سگهندو جڏهين مٿس ڪنهن ڪامل پرش جي درشٽي ٿيندي. پورن پرک پنهنجي شش کي پڳتي، جوڳ ۽ ويراڳ جي خزانن سان مالا مال ٿو ڪري، پوءِ هنجي اندر مان هر قسم جا ڪليش ۽ پيڙائون غائب ٿي ٿيون وڃن ۽ هو سڀاڳہ ٿي ”انيءَ جوت“ جي وسيلي هر جاءِ پرميشور پرتڪ ٿو ڏسي. جئن رومي پنهنجي ڪامل مرشد شمس تبريز جي مهر سان وڏي منزل جو صاحب ٿي ويو، تئن سامي پنهنجي برهمڻ ستگروءَ جي ديا سان اعليٰ آتمڪ پدويءَ جو مالڪ بنيو. جئن رومي پنهنجي ديوان ۾ ور ور ڏيئي ڪامل رهبر جي مهما ٿو ڳائي، تئن سامي بہ پنهنجي سلوڪن ۾ بار بار ستگروءَ جي اُستتي ٿو اُچاري:-

”چونکہ باغ من بهار از شمس تبريزي گرفت
درد رون خنديده ام گر از برون ناليده ام.“ **(رومي)**

”جتي مينگهہ منڊل، لٿي بيحد بجلي؛
گروءَ لکايو گيات سان، اهڙو پد اچل؛
پائي سک سروپ جو، **سامي** ٿيو سيتل؛
انئي پهر عمل، اُتري ڪين اکين مون.“ **(سامي)**

Gul Hayat Institute

ساڌ سنگت جي ايرنگي اثر هيٺ منش اهڙو اُتم پد تہ پراپت ڪري ۽ اهڙي سوکيم اوسٿا کي تہ رسي جو هنکي نہ جل بوڙي تہ سگهي، نہ باھ ساڙي تي سگهي. دنيا جي ڪا بہ خرابي هنکي سپرش ڪري نٿي سگهي ۽ هو جهان جي تالاب ۾ نيپ يا آڪاس وانگر نرليپ تي تہ گذاري:-

”جنهن کي لڳو ڦل، سامي ساڌ سنگت جو؛
باھ نہ ساڙي تنهنکي، بوڙي سگهي نہ جل؛
اندر باهر نيپ جان، رهي اليپ اچل؛
جاڻي مايا ڇل، چڙهي وينو چوڏول ۾.“

**نوکنڊ يا افضل ولايت:-** سامي صاحب غيبي ۽ روحاني دنيا جو عجيب وغريب بيان تہ ڪري. جنهن طالب جي اکه کلي تي سو جيئري ئي انهيءَ سوکيم جهان جو مشاهدو تہ ماڻي جتي زمان ۽ مڪان، آڪاس ۽ پاتال جا بندن ناهن؛ جتي نہ ڪرم آهي نہ ڪال، نہ غم آهي نہ زوال. انهيءَ دنيا ۾ رات ۽ ڏينهن جو نشان بہ ڪونهي ۽ هڪ عجيب نور پيو وسي جو نرمل ۾ نرمل نور آهي؛ اهو بہ سوکيم ۾ سوکيم آهي. سامي انهيءَ غيبي ولايت کي ”بيگم پور“ (بي غم پور) يا ”ديس ملار“ يا ”نور محل“ تہ سڏي جتي آنند ۾ بڏل آتمائون رامڪلي ۽ ڪلياڻ جا مڌر سر پيئون آلاپين:-



Gul Hayat Institute

”نيڻن لايو نينهن، نور محل جي نات سان؛
جتي سج نہ چنبڊ کو، نڪو رات نہ ڏينهن؛
مهرون وسي مينهن، **ساهي** سدا عرش جو.“

”ڪنهنکي ڪريان حال، پورب ديس ملار جو؛
جتي اُج بکہ ناھ ڪا، نڪي ڪائي ڪال؛
نڪو ڏينهن نہ رات ڪا، نڪو آڪاس پاتال؛
خاوند جو خيال، سم ورتي **ساهي** چئي.“

انهيءَ ولايت کي دلپت ”پورب ديس“ تو سڏي ۽ انهيءَ ”پورب ديس“ جي تصوير بہ ساميءَ جهڙي تو چٽي:-

”جتي ساز نہ سرود ڪو، نڪا تند تنوار؛
نڪا حد نہ بيحد ڪا، نڪو روپ آڪار؛
نڪو سج نہ چنبڊ ڪو، نڪو ڏند وڪار.“

**(دلپت)**

انهيءَ عجيب ولايت جو ابدي سک ساميءَ پراپت ڪيو آهي ۽ هو بيا سڀ سک انهي پيٽ ۾ تڇ ۽ ناچيز تو سمجهي:-

”صدقي ڪريان تنهن سک جي، ٻل تون حور پريون.“

**مانڪہ ديہ:-** منش هي جامو ڪروڙن جنمن جي چڪر ڦرڻ کان پوءِ پاتو آهي، سو بہ ڪنهن وڏي ڀڄ ۽ شڀ ڪرم ڪرڻ ڪري. مانڪہ جنم جو ملهہ رتنن ۽ هيرن کان مٿي آهي پر مايا جي دام ۾ اڙجڻ ڪري انسان

جي اکين تي اند جا ڪوپا چڙهي ويا آهن ۽ هو پنهنجي ڪيميا جهڙي آور جا پنهنجن هٿن سان وينو ڪوهي؛ امرت ڇڏي ڏاڍي شوق مان زهر وينو ڳيهي:-

”اموليڪ آهي، مانڪ ڏيهي ڏب رتن؛
ڪنيو ڪوڙ ڪلر ۾، ٿو مورک ملائي؛
امرت ڇڏي هٿ مون، وگسي وِک ڪائي؛
منهن مڙهيءَ پائي، ساهي ڏسي ڪينڪي.“

**اسٽ سنسار:-** انسان اکين سان ڏسي ۽ ڪنن سان ٻڌي ٿو ته وينو ته سنسار ۾ هميشه لاڏاڻي جي نوبت جاري آهي ۽ ڪيتري ڪرامت ۽ شجاعت جا صاحب اجل جو شڪار ٿي هن هستيءَ جي باغيچي مان جادوءَ جي پتلين وانگر غائب ٿي ويا ۽ وڃي عدم جي صندوق ۾ سمايا؛ تنهن هوندي به خوديءَ جي گرداب ۾ گهوماٽيون پيو کائي! پنجن پوٽن منجهس اهڙو پڪو واسو ڪيو آهي جو هو نحس ۽ موذي ٻنهي بي سبب وتي ”منن جي محلات“ ۾ نچندو، گويا پاڙڪي انهن پيرن، پيغمبرن ۽ گيانين ڏيانين کان وڌيڪ اتم ۽ اسٿر ٿو سمجهي جنجي هٿ ساري ڪائنات جون ڪنجيون هيون ۽ جي وڏي شڪتيءَ جا مالڪ هوندي به ڪال جي ڪانيءَ کان بچي نه سگهيا! ساميءَ پنهنجي سڀاجهي نموني ۾ اسانجي گوشمالي هيئن ٿو ڪري:-

Gul Hayat Institute

(۱) ”اهڙا لوڪ لڌي ويا، **ساهي** هن سنسار مون؛
جنجي رت ڦيڻن سان، ستئي سمنڊ تيا؛
مانڪ راڪاس ديوتا، پڪي وس ڪيا؛
اهڙا سڀ ويا، اسٿت رهي نہ آدمي.“

(۲) ”ڪوچ ڪري ويا، سپئي هن سنسار مون؛
پير پيغمبر اوليا، جن پنهنجا پنت ڪيا؛
گياني، ڌياني، گرهستي، **ساهي** پنڌ پيا؛
سڀي غيب ٿيا، تو ڇا سمجهو پاڻ ڪي.“

**صوفيانہ ويچار:-** ”وحدت تان ڪثرت“ وارو صوفيانہ راز، ساهي پنهنجي مڌر نوع ۾ هيئن توسمجهائي: ايشور هڪ عجيب بيکہ ڌاري آهي جنهن نرالا نرالا روپ وٺي ۽ پاڻتي نرالا نرالا نام ڌري هڪ وڏي نگي ڪئي آهي ۽ سمورو بار ڪٽي ڪرمن تي اڇليو اٿس. هو دنيا جي بازار ۾ ڪرمن جو هٽ ڪيدي اچي وينو آهي، پر ڪاملن سندس رمز کي سمجهي ڪرمن جو گهونگهٽ چاڪ چاڪ ڪري ڇڏيو آهي ۽ کيس اصلي روپ ۾ ڏٺو آهي:-

”آيو ناگر نت، بيکہ ڌري بازار ۾؛
ڪيدي وينو ڪرم جو، **ساهي** حرڪت هٽ؛
سنتن ساپرسن ڪيو، پٽ لاهي پر گهٽ؛
تارازي ۽ وٽ، ڪٽي سنتيائون سر تون.“

جنهن ”نگہ“ (ايشور) هيءَ عجيب طلسم بازي رچي سپني جون وايون بتال ڪيون آهن، تنهن سان



Gul Hayat Institute

ساميءَ جو پڪو ۽ پورن نينهن لڳو آهي ۽ هنجي ڪا بہ حرفت هن پورن سنمت کان ڳجهي ناهي:-

”جنهن نڳ نڳي، ڪئي ڪل جهان سان؛
ساميءَ جي تنهن نڳ سان، پورن پريت لڳي.“

شاه سوز ۽ گداز جو دريا آهي ۽ سچل جوش ۽ حيرت جو بحر؛ سامي آنند ۽ سيتلتا جو ساگر آهي. سندس واڻيءَ ۾ ويدن جي واڻيءَ جهڙي نرملتا ۽ سندرتا آهي. سندس سلوڪن مان خاص لطف انهنکي ايندو جي ويدانت ڏانهن مائل ۽ هندستان جي پراچين فيلسوفيءَ جا قائل هوندا. اهڙا صاحب ئي سندس وچن روپي گوهرن جو قدرو قيمت ڪري سگهندا. دلپت پنهنجن وچنن جي باري ۾ چوي ٿو:-

”واسنو هن وچن جو، سمجهي ڪو سچيار؛
ويدانتي واڻيءَ ۾، هوندو جو هوشيار.“

ساميءَ جي واڻيءَ سان مٿيون سخن ڪهڙو نہ سهڻو ٿو لڳي!

Gul Hayat Institute

# ڀومڪا

ساميءَ جا سلوڪ سنڌ توڙي پنجاب ۾ گهڻو مشهور آهن. سنڌ جي هرهڪ شهر توڙي ڳوٺ ۾ ساميءَ جا سلوڪ گهڻي چاهه سان پڙهڻ ۾ ايندا آهن ۽ ڪٿائون ڪندڙ ساميءَ جا سلوڪ مثال ۽ اپديش طور ڪم آڻيندا آهن. ڪيترن سڪولن توڙي ڪاليجن ۾ اهي ود يارٿين کي پاڙهڻ ۾ ايندا آهن. ساميءَ جي سلوڪن پڙهڻ ۾ ڏاڍو رس ۽ آنند آهي؛ پر وڌيڪ رس ۽ آنند انهن کي ايندو، جنهن ڌرمي ڳالهين ڏانهن ڪجهه لاڙو هوندو؛ خاص ڪري ڌرمي پستڪن جهڙوڪ گيتا، اپنشدن ۽ ويدانت جي پستڪن مان ڪجهه واقف هوندا؛ ڇاڪاڻ جو ساميءَ انهن سڀني پستڪن جو تت يا سار ڪڍي پنهنجن سلوڪن ۾ وڌو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي انهن پستڪن مان اشارا پڻ ڏنا اٿس.

ساميءَ جي سلوڪن ۾ نه رڳو ويدن، اپنشدن، يوگ سوتر ۽ نارد سوتر ۽ ٻين شاسترن جو سار ڏنل آهي ۽ ڀڳتن، مها پرشن ۽ درويشن جا مثال ڏنل آهن پر انهن سان گڏوگڏ آتم وديا ۽ يوگ وديا بابت به گهڻو بيان ۽ اشارا آيل آهن. يوگ ڇا آهي؟ يوگ جي معنيٰ آهي

Gul Hayat Institute

ميلاپ؛ يعني پرماتما سان ملڻ؛ انهو درشن پراپت ڪرڻ يعني خدا سان واصل ٿيڻ. اهو ميلاپ جنهن رستي ٿئي ٿو تنهنکي هندو شاسترن ۾ سمرن ۽ ڌيان يا ابياس چيو وڃي ٿو ۽ صوفي ان کي ذڪر ۽ فڪر چوندا آهن. تنهنڪري ساميءَ جي سلوڪن کي سورهن ئي آنا پوريءَ طرح اهو سمجهي سگهندو جو پاڻ ان يوگ وديا مان يعني انهيءَ ذڪر فڪر مان واقف هوندو ۽ جنهن پنهنجي اندر ۾ پيهي روح رهاڻ ڪئي هوندي يا روح رهاڻ ڪندڙ درويشن جو سنگ ڪيو هوندو.

اساڻي سنڌ ۾ ڪيترا عاشق لوڪ ٿي گذريا آهن جن پنهنجي باڻي چئي آهي جئن شاهه، سچل، دلپت وغيره. دلپت جي باڻي ساميءَ جي سلوڪن جي نموني آهي. شاهه ۽ ساميءَ ٻنهي جي باڻي ڏاڍي رس ڀري آهي. شاهه پنهنجن خيالن کي طرحين طرحين رنگن روپن ۾ ظاهر ڪيو آهي: ڪڏهن سسئي پنهونءَ جو روپ ڌاري ٿو، ڪڏهن عمر مارئيءَ جو ويس ڪري ٿو، ڪڏهن سهڻي ۽ ميهار بڻجي ٿو ته ڪڏهن هير رانجهوءَ جي پوشاڪ پهري ٿو.

سامي هڪڙوئي ويس ڌاري آهي پر هن پنهنجن سلوڪن ۾ انيڪ وشين يعني مضمونن بابت پنهنجا خيال ظاهر ڪيا آهن. انهن مان مکيه ۴۲ مضمونن تي چوند چوند سلوڪ هن پستڪ ۾ ڏنا ويا آهن. هڪ هڪ



Gul Hayat Institute

جنهن ڪري هو انهن پستڪن جو پورو لاڀ وٺي ڪين سگهندا آهن انهيءَ ڪري پستڪن لکندڙن جي مراد به پوريءَ ريت پر ثواب نه ٿيندي آهي.

ڏسڻ ۾ آيو آهي ته ڪيترا پاٺڪ آهن جن کي ساميءَ جي سلوڪن توڙي ٻين ڌرمي پستڪن ۾ آيلن اشارن جي سمجهڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي آهي. ڪيترن پاٺڪن وقت بوقت انهن بابت پڇا پڻ ڪئي آهي. تنهنڪري سڀني پاٺڪن جي فائدي لاءِ ڪيترن مترن جي چوڻ تي مون انهن لفظن يا اشارن جهڙوڪ جوت، انهد شبد، آتم پد، سماڌي، مڪتي وغيره تي پنهنجي بُڌيءَ انوسار کولي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اميد ته جيڪو به پاٺڪ اهي چڱيءَ طرح خيال سان پڙهي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو تنهن کي ساميءَ جي سلوڪن جي مطلب سمجهڻ ۽ رازن معلوم ڪرڻ ۾ ڏکيائي ڪا نه ٿيندي.

ساميءَ جا سلوڪ سنڌيءَ ۾ ٽن ڀاڱن ۾ ڇپيل آهن جي ديوان ڪوڙيمل محنت وٺي ڪٺا ڪري ڇپايا هئا. ديوان ڪوڙومل سنڌي ساهتيه جي بنياد وجهندڙن مان هڪ هو. هن صاحب سنڌي ساهتيه دوارا سنڌ جي گهڻي خدمت ڪئي آهي پر سڀ کان وڌ پڪ جيڪا هن شيوا ڪري سنڌ سان ڀال ڀلايا آهن سي آهن **ساميءَ جا سلوڪ**. اها ڀلائي ديوان صاحب جي، وسرڻ جي ڪا نه آهي. ساميءَ جي سلوڪن جي ٽنهي ڀاڱن ۾ ڪل

Gul Hayat Institute

ٿئي ۽ ان کان پوءِ ايندڙ مضمونن تي سلوڪ ۽ اڳين سلوڪن جي ارٿ جي آڌار تي چڱيءَ طرح سمجهي سگهن.

پستڪ جي پڇاڙيءَ ۾ سلوڪن ۾ آيل ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ ڪٿي ڪٿي ٿوري سمجهاڻي پڻ ڏني ويئي آهي. انهيءَ ڪري پڙهندڙن کي سلوڪن جي معنيٰ سمجهڻ ۾ گهڻي سولائي ٿيندي.

هن پستڪ ۾ سرڳواسي ديوان ڏيارام گدومل ساميءَ جي سلوڪن جو جيڪو تاتپرج لکيو آهي سو ڏنو ويو آهي. ديوان ڏيارام هڪ اعليٰ ماڻهو هو، هو مهاودوان هو، هن صاحب ساميءَ جي سلوڪن جو جيڪو تاتپرج ٿورن صفحن ۾ ڏنو آهي سو ڄڻڪ سڀني سلوڪن جو عطر آهي. پڙهندڙن کي اهو گهڻو لاڀدائڪ ٿيندو. منهنجي پياري مٽر مسٽر ڄيٺمل پرسرام مهاڳ لکي ڏنو آهي جو پڻ هن پستڪ ۾ وڌو ويو آهي.

پڇاڙيءَ جو منهنجي وينتي آهي ته جيتوڻيڪ هن پستڪ کي سندر ۽ لاڀدائڪ بنائڻ ۾ پنهنجي بُڌيءَ سارو گهڻي خبرداري ۽ تڪليف ورتي ويئي آهي تنهن هوندي به ڪٿي ڪا غلطي هجي ته پاٺڪ ڪميا ڪندا ۽ مون کي اطلاع ڪندا ته مان سندن گهڻو ٿورائتو ٿيندس.

آگسٽ ۱۹۳۸ع
چنديراماڻي گهٽي
حيدرآباد.

شيوا ۾
**واڌومل هولچند**
گورنمينٽ ريٽائرڊ ماسٽر



Gul Hayat Institute

ॐ

# پرميشر جي پراپتيءَ
# جون پؤڙيون

هن دنيا ۾ ڪي اهڙا پرش آهن جي چون ٿا ته **ايشور** يا **خدا** آهي ئي ڪونه؛ هي سڀ مِن جو ٻوتو بنايل آهي؛ سرشٽي آد ڪان وٺي ائين هلندي اچي ۽ هميشه ائين پيئي هلندي؛ هن سرشٽيءَ جو پيدا ڪندڙ يا سنڀاليندڙ ڪو به ڪونهي؛ نيچر يا قدرت پنهنجو ڪم پاڻ ڪري رهي آهي. اهڙن خيالن رکندڙن انسانن جو پڪو نسچو آهي ته پرماتما اصل ڪونهي.

ٻيا وري اهڙا انسان آهن جي چون ٿا ته اسين چئي نٿا سگهون ته پرماتما آهي يا آهي ئي ڪونه؛ ابن ڏاڏن کان ٻڌندا اچون ته پرماتما آهي؛ ڌرمي پستڪن ۾ به پيا پڙهون ته ايشور آهي؛ پر جيئن ته اسان اهو ڏٺو ڪونه آهي پر رڳو ٻڌل ڳالهين کي ڪٽي ڳنڍي ٻڌو اٿئون ته ڀڳوان آهي؛ پر اسان کي اُن جي هئڻ يا نه هئڻ جي خاطري ڪانهي؛ يعني اهڙا ماڻهو پرماتما جي باري ۾ شڪي حالت ۾ آهن.

ٻيان وري اهڙا شخص آهن جن جو چوڻ آهي ته هن سرشتيءَ جو ڪرتار ڪو ضرور آهي؛ ڪا به شيءِ پاڻيهي پيدا نٿي ٿي سگهي؛ تنهنڪري سرشتيءَ کي پيدا ڪندڙ ۽ ان کي پورن نيمن تي هلائڻ لاءِ ڪا مڙيوئي ڳجهي شڪتي آهي، پوءِ انهيءَ شڪتيءَ کي ڀڳوان، خدا، گاڊ وغيره ڪهڙن به نالن سان سڏيو وڃي؛ پر اهو ڀڳوان يا خدا ڏسڻ کان پري آهي؛ ڪو به ان کي ڏسي نٿو سگهي.

چوٿان وري اهڙا مهاپرش آهن جي چون ٿا ته پرماتما آهي؛ هو سروويا پڪ (هرجاءِ حاضر)، سروشڪتيوان (سڀ ڪنهن قسم جي طاقت رکڻ وارو) آهي ۽ اسان هن کي ڏٺو آهي، بلڪ ٻين کي به ڏيکاري سگهون ٿا.

سڀيئي رشي مني، پير پيغمبر، سنت مهاتمائون ۽ درويش پرماتما جي هستيءَ جو هوڪو ڏيئي ويا آهن.
گرو نانڪ صاحب فرمايو آهي:-

جو ناڪر سد سدا حضوري؛
تاڪڻ اندا جانت دوري. (سکمني)

ساميءَ پنهنجن سلوڪن ۾ پرماتما جي هستيءَ بابت گهڻو بيان ڪيو آهي. هو چوي ٿو ته پرماتما سورج وانگر ظاهر بينو آهي پر جيڪڏهن ڪو انڌو چوندو ته سورج آهي ئي ڪونه، ته ان جي چوڻ ڪري سورج جي هستي گم ٿي ڪانه ويندي! اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪي انڌا

Gul Hayat Institute

مطلب ته مورکه يا منمکه جيئو دنيا جي موهه ۽ وکارن
۾ ڦاسي دکه ڀوڳي رهيا آهن. ورلا کي **گرمکه** آهن
جن کي **هانکه ڏيهه** جو قدر آهي. گرمکه ٻن لفظن جو
جوڙيل آهي گر ۽ مکه. مکه جي معنيٰ آهي منهن يا
وات يا واڻي. يعني جيڪو گروءَ جي واڻيءَ يا اپديش
موجب هلي اهو آهي گرمکه.

گورمکه امرت باڻي بولهه، سڀ آتم رام پڇاڻي؛
ايڪ سيوُن ايڪ آراڌهه، گرمکه اَکٿ ڪهاڻي.

ارٿ:- گرو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته گرمکه اهي
آهن جي امرت روپي باڻي يعني مٺا ٻول ٻولين ٿا ۽
سڀني ۾ پرماتما ٻسن ٿا. اهي هڪ جي ئي شيوا ڪن
ٿا ۽ هڪ کي ئي ڌيائين ٿا. گرمکن جي ڳالهه يا واکاڻ
چوڻ کان ٻاهر آهي.

هيءَ دنيا فاني آهي. جيڪو هن ۾ آيو آهي سو هڪ
ڏينهن ضرور هتان لڏيندو.

دارا رها، نه جم رها، سڪندر سا بادشاهه؛
اس تخت زمين پر، سيڪڙون آئي چلي گئي.

شاهه چيو آهي:-

فاني ري فاني، دنيا دم نه هڪڙو؛
لتي لوڙ لتن سين، جوڙيندءِ جاني؛
ڪوڙ ر ۽ کاني، آهي سر سيڪنهن.

ٻئي هڪ مهاتما چيو آهي:-

نت نه ساوڻ مينهن وسندا، نت نه هيءَ برسات آهه؛
نت نه باغن ۾ بهاري، نت نه بلبل لات آهه.

نت نه شاديون شادمانا، نت نه جمشيد جشن آهه؛
نيٺ چانڊوڪيءَ جي پنيان، اچڻي انڌاري رات آهه.

سو **ساهي** چوي ٿو ته هيءَ دنيا فاني آهي ۽ هيءُ منش چولو وري وري ملڻو ڪونه آهي؛ تنهن ڪري جنهن گرمکه کي مانش ديهه جو قدر آهي سو جڏهن **ساڌن** ۽ **سنتن** جي شرن ويندو، انهن جي سنگ ۾ رهي انهن جي اپديش موجب هلندو، تڏهن اُهو گيان جي جوتي پائي پرماتما جو درشن پراپت ڪري سچو سک ۽ آنند پراپت ڪندو.

مهما سادُو سنگه ڪي، سنهه ميري ميتا؛
مٽل ڪوئي، ڪوٽ اَگهه هري، نرمل ٿئي چيتا.

ارٿ:- گرو نانڪ صاحب چوي ٿو ته هي منهنجا متر! ساڌن جي سنگه جي وڏائي مون کان ٻڌ؛ انهن جي سنگه مان اهو فائدو ٿئي ٿو جو اندر جي جيڪا ميل يا اپوترتا آهي سا ناس يا دور ٿئي ٿي ۽ انيڪ پاپن کان هي جيوُ آزاد ٿئي ٿو ۽ چت نرمل ۽ پوتر ٿئي ٿو.

ڪبير اهه تن جائگا، ڪوني مارگ لاءِ؛
ڪي سنگت ڪر ساڌ ڪي، ڪي هر ڪي گن گاءِ.

هاڻي سوال اُٿي ٿو ته انهن **ساڌن**، **سنتن** يا **هرجنن** جا ڪهڙا **گڻ** يا **لڇڻ** آهن؛ ڇاڪاڻ جو اڄ ڪلهه ته ساڌو ۽ سنت سڏائيندڙ ته ڍيرن ڍير ٿي ويا آهن؛ ڪوبه ٿورا اکر پڙهي ڪٿا ڪرڻ يا ڳائڻ سگهي،



Gul Hayat Institute

ساڌن جو ويس پائي، پاڻ کي ساڌو سنت ۽ مهاتما جا لقب ڏيئي رهيو آهي.

جوڳي هن جهان جا، ڏوتاهي ڏوتا؛
پنيو کائين پيٽ ۾، ٽڪر ۽ ٽوٽا؛
ڪپڙا ۽ ڪوٽا، پورب تيندا پڌرا.

جوڳي هن جڳ جا، جنهجو آئي سان آرو؛
هڪ مار وجهن ماني ۽ تي، ٻيو ڳالهن ڳنڪارو؛
ويچارن وجود کي، ڏکن نه ڏيکاريو؛
سوڪتن لهن چارو، ڪرم جو ڪرمعلي چوي.

سو هن وقت ساڌو يا سنت ٿيڻ تمام سولو ٿي پيو آهي پر حقيقت ۾ ساڌو ٿيڻ ڏاڍو ڪٺن آهي.

ساڌ سڏاوڻ ڪٺن هي، مت ڪو ساڌ سڏاءِ؛
ساڌ تب سڏائي ئي، جب جيتائي مرجاءِ.

سچو ساڌو اُهو آهي جنهن جڙي ٻنهنجو پاڻ ماري ڇڏيو آهي. سامي ۽ انهن ساڌن ۽ سنتن جي گڻن جو بيان پنهنجن سلوڪن ۾ چڱيءَ طرح ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

سامي چوي ٿو:-

ڪيڏي وڏائي، ڳڻيان ساپرسن جي؛
سم درسي، سيتل سدا، سڀ جا سکدائي؛
ممتا ميل اندر ۾، رکن نه رائي؛
سامي سدائي، ڪن اُپڪار اڇاهه تي.

حيدرآباد برهمو سماج ۾ ساڌو نولراءِ جي سماڌيءَ
تي سنگ مرمر جي پٿر جي مٿان ساڌن جي گڻن بابت
ساميءَ جو هيٺيون سلوڪ اُڪريل آهي:-

سو ساڌو جن جاڻ، جو ساڌي من شڌ ڪري؛
دک سک، لاڀ الاڀ ۾، رهي ٿبوتيءَ ساڻ؛
سامي چئي سيکنهن جو، ڪيول گهري ڪلياڻ؛
ڪيئي پنهنجو پاڻ، پيئي پياري رام رس.

گرو نانڪ صاحب، ڪبير صاحب ۽ ٻين مهاپرشن ۽ سنتن جي گڻن جو گهڻو وستار ڪيو آهي.

## ساڌ ۽ اَساڌ ۾ تفاوت

ساڌ ۽ اساڌ، ٻئي صورت هڪڙي؛
هو ٻڌن ٻيائيءَ ۾، هي ڪن ٻيو سڀ ٻاڌ؛
هو ٻ وڙن ٽا وس ۾، هي ڪول پسن ٽا ڪانڌ؛
هي انتر آرامي ٿيا، هُنن ڪي اندر ۾ اُپراڌ؛
هُننجي ٻولي ٻڪ جان، هِننجا وچن اگاڌ؛
هِنن سان من موهيو، هُنن سان رهي نه گهري آڌ؛
مصريءَ ۽ ڦٽڪيءَ جو، سمجهي ڏس سواد؛
ڪٿو سنت سماڌ، ڪو پُرجهي ڏسي پارکو.

Gul Hayat Institute

**نوٽ:-** مٿينءَ ڪوتا ۾ "**هو**" لفظ اشارو ڪري ٿو اساڌن ڏانهن يعني جيڪي نالي جا ساڌ آهن پر آهن پيٽ پوڄاري ۽ "**هي**" لفظ اشارو ڪري ٿو سچن ساڌن ڏانهن، جن ڪي پرماتما جي پسڻ جي سڪ آهي يا جن پرماتما پاتو آهي.

جڏهن انهن شب گڏن وارو ڪو مهاپرش ملي تڏهن جگياسوءَ يا خدا جي طالب کي گهرجي ته **ويساهه** ۽ صدق رکي، انهن جو سنگ ڪري ۽ **سچو شيوڪ** يا شش بڻجي انهن جي سچيءَ دل ۽ پريم سان **شيوا** ڪري ۽ **گرگم** يعني انهن گرن يا سنتن جي ڏنل اپديش موجب هلت ڪري. جڏهن جگياسو ائين ڪندو، تڏهن هو پنهنجي پتيءَ يعني پرماتما کي پراپت ڪري سچي پچي **سهاڳڻ** بڻبو. سهاڳڻ استري اها آهي جنهن پنهنجي ڪنت يعني پتار کي ريجهائي پنهنجو ڪيو آهي.

ست سنتوکه دیا ڌرم، سینگار بناوءَ؛
سڦل سهاڳڻ نانڪ، اپني پرب ياوءَ.

سهاڳڻ ٿيڻ لاءِ، پنهنجي پران پتي پرماتما کي هٿ ۾ آڻڻ لاءِ پهريون شرط آهي **پوترتا يا اندر جي صفائي**. جيستائين اسان جي اندر ۾ ڪوڙ، ڪپٽ، کوٽ، پاکنڊ وغيره وڪارن روپي ڪاراڻ آهي تيستائين پرماتما جو درشن پراپت ڪرڻ ناممڪن آهي. شاهه ڀٽائيءَ چيو آهي:-

اکر پڙهه الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار؛
اندر ڪٽي اُجار، پنا پڙهندي ڪيترا؟

بنا سوڌي صفائيءَ جي، ڏسڻ اسرار مشڪل آهه؛
چڙهي منجهه عشق جي درياءَ، هلڻ هن پار مشڪل آهه.

ٻئي هڪ مهاتما چيو آهي:-

دل کا حجرا صاف کر، جانان کي آني کي لئي؛
ڌيان غيرون کا اُٺاءِ، اُسڪي بٺاني کي لئي؛
ايڪ دل لاکون تمنا، اُس پہ اور زياده هوس؛
ڦر نڪانا هي ڪهان، اُسڪي نڪاني کي لئي.

ڪبير صاحب چيو آهي:-

ڪبير مَن نرمل ڀيا، جئسا گنگا نير؛
هر لاڳي پاڇو ڦري، ڪهي ڪبير ڪبير.

اِهو شرط آهي **مَن ۽ مٺن** يعني سڀ ڪجهه پنهنجو سمجهڻ يعني ممتا رکڻ. اِهو **مَن کي مارڻ**. پر مَن ۽ ممتا تڏهن مرندي جڏهن اِن مان **هٺ، اهمان ۽ خودي** ڪڍبي. جيستائين خودي آهي تيستائين پرماتما سان ملڻ ڪٺن آهي. گرو نانڪ صاحب چيو آهي:-

١- ساڌ سنگت جنهن خودي ماري، نانڪ تا نڪو ملي مراري.

٢- خودي مٽي تب سک ڀئي، مَن تن ڀئي اروگ؛
نانڪ درشٽي آئيا، اُستت ڪرني جوگ.

٣- جهه پراڻي هؤمي تجي، ڪرتا رام پڇان؛
ڪهه نانڪ وهه مڪت نر، اِهه من ساچي مان.

٤- آپ گوائيئي، تا شهه پائيئي، اؤر ڪئسي چترائي.

٥- ڪبير تون تون ڪرتا تون هوئا، مجهه مهه رها نه هُون؛
جب آپا پر کا مٽ گيا، جت ديکهہ تت تون.

Gul Hayat Institute

شاهه ڀِٽائيءَ چيو آهي :-

خوديءَ خدا کين ماپندا مَن ۾؛
ٻـن ترارن جاءِ، ناهي هڪ مياڻ ۾.

پاڻ مَ ڪڍج پاڻسين، وسيلا وڃاءِ؛
عشق ساڻ اُناءِ، پير پريان جي پار ڏي.

پاڻ مَ ڪڍج پاڻسين، ريءَ وسيلي وڃ،
پيلو پيـري پڃ، اُڪنڊ ڪـڻ عميق ۾.

دادوُ دعوي ڇوڙدي، ٻن دعوي دن ڪات.
ڪتني سودي ڪر گئي؛ اس پاساري ڪي هات.

ٻـن جي ڪانهي جاءِ، ساڪي سوڪم پـد ۾؛
سمجهي تون سامي ڇڏي، وڃون پاڻ وڃاءِ؛
تہ لنؤ لنؤ منجهہ لڪاءِ، مورت محبوبن جي.

ڪـر اَپنپـو دور، محنت اهـا هـڪ ڪـر.
بنا هـور وسيلي، دلـبـر ٻڪي آءِ گهر.

پارسيءَ واري چيو آهي :-

تو مباش اصلاً، ڪمال اين است بس؛
تو درو گم شد، وصال اين است بس.

انهيءَ خوديءَ يا وجود وڃائڻ تي بيدل فقير
هڪڙي ڪافي چئي آهي :-

سڪ رمز وجود وڃائڻ دي،
نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي.



Gul Hayat Institute

١- اکران دي وچ جيکوئي اڙيا،
عشق دي چاڙهي مول نہ چڙهيا؛
اثباتي دا علم جو پڙهيا،
موج اُنهان سر ساتوڻ دي؛

٢- بحر عميق ۾ جيکو پوسي،
دين کفر دا ورقا ڌوسي؛
ساري ستد تنا کون هوسي،
ذات صفات سماوڻ دي.

٣- برہ بارش جنهن سر آئي،
عاشق جالن سوز سدائين؛
بي دردان نون گل نہ کائي،
درد دي دود دکاوڻ دي.

٤- نال دليل نہ ليسي دلبر،
عشق نہ تيسي اوڏهين رهبر؛
سمجهي مام کو صوفي بي سر،
شاهي طبل وڄاوڻ دي.

٥- بيدل وحدت جي ڳالهہ سچ تون،
وهم طلسم دوئي دا پيچ تون؛
وچ عروج نزول دا ڳنهہ تون،
لذت آوڻ جاوڻ دي.

خودي ۽ کان پوءِ بيو جيکو وکار يا پڙدو هـن
انسان کي پرماتما کان وڇوڙي تو سو آهي **کوڙ ۽**

Gul Hayat Institute

**ڪپٽ.** سامي چوي ٿو ته جنهنجي اندر ۾ ڪوڙ ۽
ڪپٽ آهي پر ين انهيءَ جي ويجهو اصل ڪين ايندو؛
تنهن ڪري پنهنجي اندر مان ڪوڙ ڪپٽ ۽ پاکنڊ
صفا ڪڍي ڇڏ.

ڪوڙ کي ترڪ ڪرڻ کان پوءِ سامي چوي ٿو ته
سڏيو **سچ ڳالهاءِ، سچار** ٿيءُ ۽ سچن جو سنگ ڪر.
اهي سچار ڪير آهن؟ جنجي اندر ۾ محبت جو مچ
ٻيو ٻري ۽ اهي سچار پرش، پنهنجي پياري پريتم کان
هڪ پل به جدا نٿا ٿين.

گرو نانڪ صاحب فرمايو آهي:-

سچ تاپر جاڻيئي، جا رديَ سچا هوءِ؛
ڪوڙ کي مل اُتري، تن ڪري هڇا ڌوءِ؛
سچ تا پر جاڻيئي، جا سچ ڌري پيار؛
ناءِ سڻ من رهسيئي، تا پائي موکه دئار.

سچ يعني پرماتما کي تڏهن ئي ڄاڻي سگهبو
جڏهن اسان جي هردي ۾ سچ سمايل هوندو ۽ سچ
دوارن ئي جيو کي مڪتي پراپت ٿيندي.

سچ برابر تپ نهين، جوٺ برابر پاپ
تلسي جسڪي رديَ سچ وسي، تسڪي هردي آپ.

ست بولڻ نو چلڻ، هٿون به ڪجهه ديءِ.
پريو اُنهان دي بگلي، جهنگل ڪيون ڍونديءِ.

راستي بموجب رضائي خدا ست؛
ڪس نديدم ڪه گم شد از راه راست.

Gul Hayat Institute

سامي چوي تو تہ اهو سچ يا پرماتما رڳو پڙهڻ يا ڳالهين ڪرڻ سان ڪو نہ هٿ ايندو. تون جو پاڻيو وينو آهين تہ مان ويد شاستر پڙهي مها ودوان يا مُکہ گياني بنجي لوڪن کي ڳالهيون ٻڌائي انهن کي ريجهائي خوش ڪندس ۽ انهيءَ مان مون کي پرماتما جي پراپتي ٿيندي سو اِهو تون ڪنهن تو ڪائين.

چريا چنڊ چوڻ، دم ماري ويهہ دم ۾؛<br>
سهجي ڪر **سامي** چوي، تنهن ساڪي جو سمرڻ؛<br>
ڪڏي ون ڪلپت رئيءَ، محبت ساڻ مکڻ؛<br>
پونڪڻ ۽ پوڻ، اتي ڪم ڪُتن جو.

شاهہ پٽائيءَ چيو آهي:-

١- پڙهيو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾؛<br>
پاڻان ڏوهہ چڙهن، جئن ورق ورائين وترا.

٢- سا سٽ نہ سارين، الف جنهنجي اڳ ۾؛<br>
ناحق نهارين، پنا پيا پرينءَ لاءِ.

٣- جي مون پڙهيا پاڻ لئي، سيئي سپل ٿيام؛<br>
واڳهو ٿي ورِيام، اکر اُهي اڳيان.

٤- ڪنز قدوري ڪافيا، جي پڙهي پروڙين سڀ؛<br>
تہ منڍي کوهہ ۾ ماڪوڙي، پيئي ڪڇي اُپ.

ساميءَ توڙي بين درويشن جو اهو مطلب ڪو نهي تہ اصل نہ پڙهو؛ پر هو چون ٿا تہ پڙهڻ ۽ تڏهن

Gul Hayat Institute

سقلو آهي جڏهن انهيءَ موجب **رهت** رهندا يعني ان موجب عمل ڪندا. چاڪاڻ جو ڪهڻيءَ جي ڪنديءَ کان، رهت جي هڪ رتي به وڌيڪ آهي.

شيخ سعديءَ چيو آهي:-

علم هرچند بيشتر خواني؛
چون عمل در تو نيست ناداني.

شاهه چيو آهي:-

جئن جئن ورق ورائين، تئن تئن ڏنو ڏوهه؛
رهڻي رهيو نه سپرين، ته ڪهڻيءَ ڪبو ڪوهه.

روحل ٿو چوي:-

ڪن مڙيئي بات، تات ڪنهين جي تن ۾؛
بُڌيون سُڻيون ڳالهڙيون واڪاڻين وات؛
پر ظاهر ٿيندين ذات، رهڻيءَ مان روحل چوي.

پوءِ سامي چوي ٿو ته رهڻيءَ سان گڏ ڪپي **سڪ، محبت، پريم ۽ عشق.** چاڪاڻ جو:-

جن پايو تن پريم سين پايو هي؛
پريم بنا ڪجهه هات نه آيو هي.

بنا پريم ريجهي نهين، تلسي نند ڪشور.

پڙهي پڙهو جن، تن ورق ورائي ويڙهيا؛
هڪڙو اکر پريم جو، محڪم رکن من؛

اندر ٻاهر آتما، **ساهي** سر ڏسن؛
پيا سڀ ٻات ٻکن، سڀني منجهه سمجهه ري.

اَت سندر، ڪُلين چتر، مڪ گيانيءَ ڏنونت؛
مرتڪ کهيئه نانڪا، جهه پريت نهي ڀڳونت.

شاهه چيو آهي:-
سڪ تنهنجي سپرين، ڪپي ۽ ڪوري؛
سگهان نه چوري، ڏاڍو نيهر نينهن جو.

سڪ تنهنجي سپرين، اندر آهي اجهل؛
ٻڙهڪيو ٻاهر نڪري، ڪوريءَ ڪان ئي ڪل؛
ريءَ سيبراهيءَ سل، مون ڪي ڏنا سڄڻين.

تنهنڪري ساهي چوي ٿو ته جڏهن تون پريم پائي **پريمي** بڻبين، محبت ماڻي **محبتي** ٿيندين ۽ عشق حاصل ڪري **عاشق** ٿيندين ۽ پتنگ جان پاڻ کي پچائيندين تڏهن ئي محبوب جو مزو ماڻيندين.

## عاشقن جون نشانيون

نَو نشانيون نور جون، عاشقن آهين؛
هڪڙو وهن واٽن تي، ٻيو ڪائڻ ڪائين؛
ٽيون سر سڀ ڪنهن اڳيون، ٿا نر ٽيون نوائين؛
چوٿون ٻُڌي ڪنن سان، هوُ وري نه واجهائين؛
پنجون پهه پرين ۽ سان، ٿا پڪو پچائين؛



Gul Hayat Institute

ڇھون ڇنن ڪينڪي، اُھو نـاتو نـباھين؛
سٽين سڪ سڄڻ جي، تا لنو لنو لـڪائين؛
اَنين ڳالھہ عجيب جي، تا ويندي ورائين؛
نائين ننڊ نيڻن کي، تا وجؤدون جاڳائين؛
تڏھن سيبائين، روحل دوساڻي دربار ۾.

پريم کان پوءِ پؤڙي يا ڏاڪو آھي **ڀڳتيءَ** جو. جيڪو ڀڳتي ڪمائي ڀڳوان جو سچو **ڀڳت** ٿيندو، سوئي ان جو درشن لاڀ ڪري سگھندو. شاسترن ۾ نون قسمن جي ڀڳتيءَ جو بيان آيل آھي؛ پر انھن نون قسمن جي ڀڳتيءَ جو ٿورن لفظن ۾ مختصر مطلب جيڪڏھن لکجي تہ اُھو ھي ٿيندو:- ”لوڪ ۽ پرلوڪ يعني ٻنھي جھانن جي سکن جي خواھش ڇڏي ھڪ پرماتما جي درشن جي اِڇا رکي انجو سمرڻ يا ذڪر ڪرڻ، اھا آھي ڀڳتي يا عبادت.“ جڻن ساميءَ پنھنجن سلوڪن ۾ پڻ چيو آھي: جيڪي سچا ڀڳت يا عابد آھن سي ”راج يوڳہ، سڪہ سرڳہ جي اِڇا رکن ڪانہ.“ يعني اھي سچا ڀڳت راجائي سکن، بلڪ سرڳہ يا بھشت جي سکن جي بہ چاھنا نتا رکن.

چاھہ مٽي چننا گئي، منوآ بي پرواھہ؛
جن کو ڪڇو نہ چاھيئي، سوئي شاھنشاھہ.

ڀڳتيءَ کان پوءِ پؤڙي آھي **گيان** جي. جيڪو پرش سچو گيان پراپت ڪري پورو پورو **گياني** ٿيندو اھوئي دلبر جو ديدار پسي سگھندو. گيان جي معنيٰ

Gul Hayat Institute

آهي جاڻ يا سمجهه. يعني مان ڇا آهيان، آتما ڇا آهي ۽ پرماتما ڇا آهي؟ انهيءَ جاڻ کي چئجي ٿو **گيان.** جنهن انسان کي انهن مٿين ٽن ڳالهين جو گيان حاصل ٿيندو، اهوئي آتما ۽ پرماتما کي پوريءَ طرح سمجهي سگهندو؛ انهيءَ کي ئي خود شناس ۽ خدا شناس چئجي ٿو. جنهن پاڻ کي سڃاتو اهوئي خدا کي سڃاڻي سگهندو ۽ اهوئي مکت يا آزاد پرش آهي.

پَرُ سڃاڻڻ سٿرو، پاڻ سڃاڻڻ ڏکو؛
اکيون ڏسن پَرَ کي، پنهنجو ڏسن نه مکه؛
بنا ڏني پنهنجي، ڪڏهن ملي نه سکه؛
دليپ اُلٽي ڏسين مکه، ته سائين ملي ئي دم ۾.

که بي علم نتوان خدارا شناخت.

شيخ سعدي چوي ٿو ته بي علم يا اگياني پرماتما کي سڃاڻي ڪو نه سگهندو.

ويدن ۾ پڻ چيل آهي ته ”ورتي گيان نه مڪتي“ ارٿات گيان کان سواءِ مڪتي ڪانهي. انهيءَ ساڳيءَ ست جو ساميءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي: ”گيان ورائي گت، ڪنهن جي ٿئي ڪين ڪي.“

سچي ڀڳت يا گيانيءَ ۾ ڪهڙا ڳڻ هئڻ گهرجن تنهنجو بيان سري ڪرشن ڀڳوان جيڪو گيتا ۾ ڪيو آهي سو پڙهندڙن جي فائدي لاءِ هيٺ لکيٿو:-



Gul Hayat Institute

## ڀڳت يا گياني ءَ جا اڇڻ.

١- جو ڪنهن به ڀيد ڀاو يعني جات پات يا اوچ نيچ جي خيال کانسواءِ دکي جيون تي سدائين دَيا ڪري ٿو.

٢- جنهن آپو يا خودي تياڳي ڇڏي آهي.

٣- جو سمجهي ٿو ته سڀڪجهه پرماتما ڪرڻ وارو آهي.

٤- جنهن پنهنجي من ۽ اندرين کي جيتيو آهي.

٥- جو اندر توڙي ٻاهر هميشه پوتر رهي ٿو.

٦- جو پنهنجي دوشن يعني عيبن جي دور ڪرڻ ۾ سدائين ڪوشش ڪندو رهي ٿو.

٧- جو سکن کي پراپت ڪري خوش ٿئي ۽ نه ڪي سکن جي وڃڻ ڪري دکي ٿو ٿئي.

٨- جو متر توڙي شترو ءَ کي هڪ درشٽ سان ڏسي ٿو ۽ مان توڙي اپمان ۾ هڪجهڙو رهي ٿو.

٩- جنهن کي پنهنجي سريشٽ گڻن يعني چڱين خصلتن جو اپمان نه هجي.

١٠- جنهنجو هميشه پرماتما تي ڀروسو هجي.

جنهن پرش ۾ مٿيان گڻ آهن اهوئي پورو ڀڳت ۽ سچو گياني ٿي سگهي ٿو. جيڪو گياني آهي اهوئي **سنياسي** ٿي سگهي ٿو. سنياسي ڇا کي ڇڏي تنهنجو بيان سامي ءَ پنهنجن سلوڪن ۾ ڪيو آهي.

سنياسي ءَ کان پوءِ هن آتم پد کي ٻجهڻ جي ڏاڪڻ جا جيڪي ٽي ڏاڪا **آتما، جوت** ۽ **انهد شبد** جا

Gul Hayat Institute

آهن، تنهن پوريءَ طرح بيان ڪرڻ تمام مشڪل آهي؛ چاڪاڻ جو اهي انڀئي ۽ اپياس جون ڳالهيون آهن. سامي چيو آهي:-

دوست جو ديدار، ڪامل آهي ڪهڙو؟
چيو وڃي نہ منهن سان، از غيبي اسرار؛
نڪو روپ نہ رنگ ڪو، نڪو انگ آڪار؛
جڏهن ملندءِ يار، تڏهن پوندءِ سڌ سروپ جي.

گرو نانڪ صاحب چيو آهي:-

روپ نہ ريک، رنگ ڪڇ، ترہ گن تي پربهو ڀن؛
تسهہ بجهائي نانڪا، جس هووئي سپرسن.

سو جن پنهنجي اندر ۾ پيهي روح رهاڻ ڪئي هوندي ۽ پنهنجي اندر ۾ اُها آتم جوت يعني روحاني روشني يا خدائي نور ڏٺو هوندو ۽ انهد جي جهڻڪار ٻڌي هوندي، تنڪي ئي انهن ڳالهين جي پوري پروڙ پئجي سگهندي؛ زبان سان يا لکڻ سان سمجهائڻ تمام مشڪل آهي.

اها جوت يا خدائي نور هرهڪ جيو بلڪ هرهڪ وستوءَ جي اندر موجود آهي. گرو نانڪ صاحب چيو آهي:-

جات مهہ جوت، جوت مهہ جاتا، اَکل کلا ڀرپور رهيا.

Gul Hayat Institute

ارٿات- ساري سرشٽيءَ ۾ تنهنجي (پرماتما) جوت وياپڪ آهي ۽ تنهنجيءَ جوت ۾ ساري سرشٽي سمايل آهي. تنهنجي قدرت جي ڪا ڪل ئي ڪانهي ۽ تون پرپورن يعني قادر مطلق آهين.

پر انهيءَ نور جو ديدار انهيءَ کي ٿيندو جنهن جي دل صاف هوندي ۽ جنهنجي اندر ۾ پريم يا عشق هوندو. مولانا روميءَ چيو آهي :-

آئنه دل چون شود صاف و پاک ؛
نقشها بيني، برون از آب و خاک.

مطلب - جڏهن دل جو آئينو يا آرسي صاف ۽ پوتر ٿئي ٿي تڏهن پاڻيءَ توڙي مٽيءَ مان اهي نقش يعني اها جوت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. تنهنجو مطلب ته هر هڪ شيءِ ۾ خدائي نور جو ديدار ٿيندو.

ساميءَ چيو آهي :-

بنا پاڪائيءَ پاڪ، ڪنهن پاتو ڪينڪي ؛
سمجهي ڪو ساهي، جٿي، محبتي مشتاق ؛
چڙهي جنهن عرش تي، ٻڌو وحدت واڪ ؛
ڇڏي سنسو ساڪ، جدا ٿيو جهان کون.

آتما يا روح ڇا آهي؟ آتما جوتي يا نور آهي ۽ اندر ۾ جيڪو انهد شبد ٻڌڻ ۾ اچي اهو قدرتي يا خدائي آواز آهي.

Gul Hayat Institute

صوفي متي موجب اندر ۾ چار استان يا منزلون آهن:
(۱) ناسوت (۲) ملڪوت (۳) جبروت (۴) لاهوت.

هندو يوگ شاستر موجب اندر ۾ ڇهه چڪر يا منزلون آهن. (۱) گد يا چڪر (۲) لنگ چڪر (۳) نابي چڪر (دن وت) (۴) هردي چڪر (دل وت)

(٥) ڪنٺ چڪر (ڳچيءَ جي مٿڪي وٽ) (٦)
ترڪٽي يا تربيٽي (اکين جي مٿان ڀرن جي وچ ۾).
انهن ڇهن چڪرن يا منزلن کانسواءِ ستون آهي دسوون
دوار، جو تارونءَ وٽ آهي. انهن ڇهن چڪرن مان
هرهڪ چڪر جو پنهنجو پنهنجو ديوتا يا مالڪ آهي ۽
پنهنجي پنهنجي قسم جو آواز ۽ جدا جدا رنگ جي جوتي
يا روشنائي آهي. جو انسان جنهن به چڪر يا منزل جو
ڌيان ڪري ٿو انهيءَ کي انهيءَ چڪر جي ديوتا جو
درشن پراپت ٿئي ٿو ۽ انهيءَ چڪر جي روشنائي ڏسڻ
۾ اچي ٿي ۽ اتي جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. پر آتما يا
روح جو درشن دسوين دوار ۾ ئي ٿئي ٿو.

گرو نانڪ ۽ ڪبير صاحب ۽ ٻين ڪيترن سنتن
پنهنجن باڻين ۾ پنجن شبدن جو بيان ڪيو آهي يعني
هنن جو چوڻ آهي ته هرهڪ انسان جي اندر ۾ قدرتي
پنجن قسمن جا آواز آهن جي اٺئي پهر پيا وڄن. جنهن
سامي چوي ٿو ته "اٺئي پهر وڄي ٿي، مرلي من-
موهن جي."

Gul Hayat Institute

گرو نانڪ صاحب چيو آهي:-

واڄي پنچ شبد تت گهر سڀاڳي؛
گهر سڀاڳي شبد واڄي، ڪلا جت گهر ڌاريئا؛
ڪهي نانڪ سڻهه سنتو، شبد ڌرو پيارو.

ماڻهو چوتا وڃن؟ ڪهڙي ڳالهه آهي جا انهن کي ڇڪيو
اوڏانهن وٺيو ٿي وڃي؟ اهو راڳ ۽ روپ ئي آهي
جنهن ماڻهن کي اهڙو مست ڪيو آهي ۽ ڪيڏي نہ
انهن ماڻهن کي انهن راڳن ۽ روپن مان خوشي ٿئي ٿي!
تڏهن ڇا اندر جا راڳ ۽ روپ انهن جڙتو راڳن روپن
کان گهٽ مست ڪندڙ ۽ خوشي ڏيندڙ آهن؟ انهن
اندرين راڳن، روپن ۽ نظارن ۾ جيڪا مستي، خوشي
۽ آنند آهي تنهنجي بيان ڪرڻ جي ڪنهن کي بہ
شڪتي ڪانهي.

سامي ۽ چيو آهي تہ ”گونگو ڪائي ڳڙ، ڪشڪي
مشڪي ڪينڪي.“ گرو گلابداس چيو آهي تہ:-
”گونگي جيون مٺائي ڪائي، سواد نہ تانڪا ورنو جائي.“
ڀڳت نامديو چيو آهي تہ ”گونگي مها امرت رس چاکيا،
پوڇي ڪهن نہ جائي هو.“ سو هيءَ گونگي واري مٺائي
ڪائڻي آهي، انهي آنند جي بيان ڪرڻ وقت زبان بند
آهي؛ ڪو اندر ۾ پيهي اهي نظارا ڀسي ڏسي. بصره
جي شهر ۾ بيبي رابع بصريہ هڪ مشهور ڀڳتياڻي ٿي
گذري آهي. هڪڙي پيري آسمان ۾ جهڙ اچي ٿيو.
ڏاڍي وڻندڙ هير پئي لڳي ۽ ڪڪرن مان ٿوري
بوند پئي وسي، مطلب تہ ڏاڍو دلڪش نظارو هو. انهيءَ
وقت بيبي رابع بصريہ اندر ڪوٺيءَ ۾ پنهنجي ڌيان
يا مراقبي ۾ ويٺي هئي. سندس سنگين مان ڪنهن

Gul Hayat Institute

هن کي ڇيو ته بيچي صاحب اندر اونده ۾ ڇا ويٺي ڪرين؟ ٻاهر ته اچي ڏس ته ڇا نه نظارا لڳا پيا آهن؟ بيچي صاحب اندران جواب ڏنو ته تون انهن ٻاهرين نظارن تي حيران ٿي ويو آهين پر اندر پيهي ڏس ته اتي ڪهڙا نه اسرار لڳا پيا آهن! سو هت ڳالهين ڪرڻ جي جاءِ نه آهي. ڪو اندر ۾ پيهي اهو مزو ماڻي ڏسي.

اهو جيڪو اندر ۾ آنند پراپت ٿئي ٿو تنهن کي سامي ۽ ٻيا سنت **آتم آنند** يا **برهم آنند** سڏين ٿا. اندر جا نظارا پسي آتما جو درشن ڪرڻ، تنهن کي **آتم پد** چون ٿا. آتمانند ۽ آتم پد جو ساميءَ پنهنجن سلوڪن ۾ گهڻا ڀيرا ذڪر ڪيو آهي. اهو آتمانند پراپت ڪري انسان پنهنجو پاڻ پاڃيو وڃي. هن کي دنيا جي ته ڇڏيو پر پنهنجي سرير جي به سڌ نه ٿي رهي. جڏهن انسان اهڙي اوستا ۾ اچي ٿو تڏهن ان کي بيخوديءَ يا سماڌيءَ جي اوستا چئجي ٿو. انهيءَ پد کي پهچي پرماتما سان ملي هڪ ٿيڻ کي مڪتي يا نروان چون ٿا. مڪتيءَ جي معنيٰ آهي آزادگي، يعني اُها اوستا جنهن ماڻهو سڀني ڏکن، وشين وڪارن، چنتائن ڳڻتين، ڪوڙ پاکنڊ وغيره کان آجو ٿي آنند ۽ شانتي پراپت ڪري ٿو. ڪي ماڻهو چوندا آهن ته انسان مرڻ کان پوءِ مڪت ٿي سگهندو؛ پر اها ڳالهه پوري نه آهي. مڪتي جيئري ئي پراپت ڪرڻي آهي. جنهن جيئري مڪتي

Gul Hayat Institute

يا نجات حاصل ڪئي اهو مرڻ کان پوءِ به مڪتي حاصل ڪري سگهندو.

آخرين پئوڙي يا ڏاڪو آهي **اندر جو ڳجهه نه سلڻ**. سامي چوي ٿو ته جن انهيءَ جوتي سروپ پرماتما جو درشن ڪيو آهي سي اهو ڳجهه عام طرح ڪنهن کي به ڪين ٻڌائيندا آهن. اهي درشن پائي اندر ۾ پيا موجون ماڻين ۽ آنند پائين؛ پر ٻاهر ٻاق به ڪين ڪڍن. جيڪي پڳتيءَ جو ظاهري ڏيکه ڪن ٿا ۽ ٻڪواد ڪن يا ٻڌاڪون هڻن ٿا اهي اچا ڪچا آهن. تنهنڪري سچي ست پرشن ۽ درويشن جو اهوئي چوڻ آهي ته جيترو پاڻ لڪائي پڳتي ڪندا ۽ اندر جا راز لڪائيندا اوترو وڌيڪ آنند پراپت ڪندا.

شاهه ڀٽائيءَ چيو آهي:-

١- سڪڻ وڏوئي توڪ، پر لڪڻ تهان ئي اڳرو؛
تان ڪي لڪي نه لوڪ، مٺان وصالان وٽي پوي.

٢- وڃي رس وڃڻ ڪي، وڃڻ پڻ وڃاءِ؛
لوڪان پاڻ لڪاءِ، لڪيان پڻ لڪيج تون.

٣- سڪ سڪائي سڪ، سڪ نه آهي سٿري؛
لڪ لڪوئي لڪ، ته ڪرن خبر نه ٿئي.

٤- نهائين کون نينهن، سکه منهنجا سپرين؛
ٻري راتو ڏينهن، ٻاهر ٻاق نه نڪري.



Gul Hayat Institute

ڪيترا ماڻهو ڀڳتي ڪندا آهن ٽڪاڻ واسطي. انهن جي من ۾ اها خواهش رهندي آهي ته ماڻهن کي خبر پوي ته مان به ڀڳت آهيان. انهيءَ ٽڪاڻ جي چاهنا سان جيڪو به ڀڳتي ڪري ٿو تنهنکي پرماتما جي پراپتي ڪانه ٿيندي ۽ نه اهو سچو سک ۽ آنند پراپت ٿيندو. جيتوڻيڪ ائين آهي ته جيڪو سچو ڀڳت آهي يا جنهن پرماتما جو درشن پراپت ڪيو آهي سو لڪڻ جو ڪونه آهي. جڳن رجب ناليءَ مهاتما چيو آهي:-

ڀڳت ڪري پاتال ۾، پرگهٽ هو آڪاس؛
رجب تينون لوڪ مين، ڇپي نه هرڪو داس.

سو سچي ڀڳت جي ضرور پڌرائي ٿيندي آهي پر مطلب چا آهي ته ازخود پنهنجي پڌرائي يا مشهوري جي چاهنا اصل نه رکجي.

ساميءَ چيو آهي:-

ساڌ نه سڌائيج، هيءَ ترڪڻ تکي اَٿي؛
هن پرم پيالا ڪيترا، سا پنڌ سرون لاهيج؛
سمجهي تون ساميءَ چئي، منهن مڙهيءَ پائيج؛
لوڪ نه لکائيج، ته واقف ٿئين ورُونهن جو.

جيڪو به انسان مٿي بيان ڪيلن پوڙين جي پوريءَ طرح پيروي ڪري، ڏاڪو ڏاڪو ڪري چڙهندو



Gul Hayat Institute

ويندو، ان کي اوس پرماتما جي پراپتي ٿيندي.
جيڪڏهن ڪنهن به هڪ انسان مٿين پؤڙين تي چڙهي
سچو سک، آنند ۽ شانتي پراپت ڪئي ته مان پنهنجو
پورهيو سڦل سمجهندس.

اوم شانتي

شيوا ۾

**واڌومل هوالچند**

Gul Hayat Institute

# سامي ءَ جا چونڊ سلوڪ

معنيٰ ۽ مختصر مطلب سان.

Gul Hayat Institute

اوم

# سامیءَ جا چونڊ سلوڪ
## معنيٰ ۽ مطلب سان

## (پرماتما سرو وياپڪ يا خدا هر جاءِ حاضر)

١- پرميشر پرتڪ، سامي سورج جان رهي ؛
انڌا ڏسن ڪين ڪي، پنهنجي اکه ؛
ڪوهه ڪرين جڪ جڪ، تو در در ديوانن جان .

٢- انڌا ڪين ڏسن، پرتڪ پرميشر کي ؛
پرم منجهه پليءِ ڪري، پوندو جان پتڪن ؛
سنت سنگ سهي ڪيو، سامي سڄاڻن ؛
رتا رنگ رهن، دئيت وڃائي دل جي .

٣- پاري ۾ پاڻي، تئن وياپڪ وسي سڀ ۾ ؛
سوکم سنت پرين جي، ڪنهن جاتائي جاتي ؛
سامي سمائي، تنهنجي سرت سروپ ۾ .

٤- ويد پران قران ڪو، سيني ۾ هڪ سوٽ ؛
سمجهي ڏس سامي چئي، لائي من مضبوط ؛
جئن آڪاس گهٽن ۾، تئن سڀ ۾ ساکي پوت ؛
ڪو آتم وت اوڏوت، سمجهي هن سخن کي .

Gul Hayat Institute

٥- اکين منجھ آهين، اکيون عجيبن جون؛
جئي ڏسان نيڻ پري، تئي واجھائين؛
مئون پاند مهر جو، هڪ لحظو نہ لاهين؛
لنؤ لنؤ لڪائين، درسن دردوندن کي.

٦- محل منجھ آهين، سوڌا تنهنجا سُپرين؛
اکيا ڇپيا ڪينڪي، ٿا بدن ڳالهائين؛
جي منهن مڙهيءَ پائين، واقف سي ورونهن جا.

٧- نڪو ڪوه، نہ اڌ ڪوه، نڪو پير پري؛
جاني جھروڪن ۾، ٿو **ساهي** سڏ ڪري؛
جنهن کي ڪرل ڪن پيو، تنهن ڏٺا نيڻ پري؛
موهي ذوق ذري، سا پلڪ پراهون نہ ٿئي.

٨- **ساهي** سڀ ديدار، اتيئي عجيبن جو؛
ڏسي بدي پاڻ تو، بولي بولڻ هار؛
نرآڪار آڪار، ڌاري آيو جڳ ۾.

Gul Hayat Institute

٩- پرميشر پورن، ڇپئي ڪنجر ۾؛
جاءِ ڏنيسين ڪانڪا، آتم ري اُورن؛
ٽيئڙو چت چورن، **ساهي** ڏسي سروپ کي.

١٠- اندر باهر رام، **ساهي** جنهن سهي ڪيو؛
مٿي تنهنجي من مون، ٻي سڀ خودي خام؛
ڪياءِ ڪلپت ڪيڏي ڪري، انهيءَ منجھ آرام؛
پري ڪين سلام، در در ديوانن جان.

١١- انهيءَ عاشق، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
سو ساميءَ ڏسي سپرين، اندر ٻاهر هڪ؛
ڏيئي تنت تلڪ، سيل ڪري سڀ باغ جو.

١٢- سڀ ڪي سنت چون، ناڪر اٿئي گهر ۾؛
انڌا ڏسن ڪينڪي، ڪوڙا قصا ڪن؛
اڻ هوندي درياءَ جي، وهه ۾ نت وهن؛
ڪي گرمک لعل لهن، **ساميءَ** جڙي سروپ سان.

١٣- پري نهارڻ پرينءَ کي، هي ئي جهڙ سنڌو جاڻ؛
سائين توهي ساڻ، راتيون ڏينهن رو حل چوي.

١٤- سر گڻ ۾ نرگڻ، ورلو ڪو گرمک لکي؛
**ساميءَ** جنهنکي ستگروءَ، پاتو گيان انجڻ؛
ڪڍي ميل منن، سوڌو رهي سياءَ ۾.

١٥- عاشق آرامي، رهن ديس ملار ۾؛
جتي اُڃ نه بک ڪا، نڪا ڏور ڏامي؛
سدائين **ساميءَ**، سنمک ڏسن سپرين.

١٦- ستگر جو اُپڪار، ڪهڙو ڳڻيا مک سان؛
جنهن لکايو گهر ۾، ساڪي سرجڻ هار؛
وسيو ميگهه مهر جو، لنؤ لنؤ ڪلي بهار؛
**ساميءَ** سڀ سنسار، سماڻو سروپ ۾.

Gul Hayat Institute

١٧- ڪاريگر ياري، **سامي** مليو ستگرو؛
جنهن ممت متائي من جي، لنؤ لنؤ سڀ ناري؛
سڀ گهٽ ڏيکاري، مورت محبوبن جي.

١٨- رهي هوت حضور، **سامي** سيڪنهن جي؛
پرم پيالي ڪري، مورک ڄاڻن ڏور؛
راتيون ڏينهون مرم ري، مرن سنسي سور؛
چڙهي پڪي پور، ٿيا مقابل محبتي.

١٩- **سامي** الک اپار، من بڌ واڻيءَ ڪون پري؛
وياپي رهيو وس ۾، ساکي سرجڻهار؛
ملي سات سنگت سان، تون غصي کي غار؛
ته دوست جو ديدار، ڏسين هن اکين سان.

٢٠- خالي منجهه خلق، خالق سڀ خلق ۾؛
سمجهي ڪو **سامي** چئي، ورلو جن هڪ؛
مهر ڪري مالڪ، جنهن تي پرچي پاڻهي.

٢١- ڏٺي رنگ پري، مورت محبوبن جي؛
جيڻ مرڻ دک سک جي، آپدا سڀ ٽري؛
**سامي** جئي ٽري، سمهيو سکپت سيج تي.

Gul Hayat Institute

## (سلوڪن جو ڀاڃارٿ)

مٿين سلوڪن جو تاتپرج يا مختصر مطلب هي آهي:- ته پرماتما سورج وانگر ظاهر يا پڌرو آهي؛ پر جيڪي انڌا يعني اگياني يا مورک جيو آهن، جن جون اندر جون يعني گيان جون اکيون بند آهن سي اندر جون اکيون کولي، پرماتما کي نٿا ڏسن؛ اهي ڀرمن ۽ سنسن ۾ ڦاسي مورکن وانگر پيا ڀٽڪن. جيڪي سڄاڳ يعني گياني پرش آهن سي پرماتما کي سڃاڻن ٿا. جهڙيءَ طرح باري (اجو ڀاڻيانو ڏاٿو) ۾ پاڻي سمايل آهي ۽ ان کان جدا نٿو ٿي سگهي، تهڙيءَ طرح ايشور به هن سڄي سرشٽيءَ ۾ سمايل آهي؛ پر اها سڌ ڪنهن ڪامل مرد جاتي آهي ۽ اهڙي پرش جي ورتي سندر سروپ پرماتما ۾ سمائجي يا ملي ويئي آهي. ويد، پران ۽ قرآن سڀني جو چوڻ آهي ته سڀني ۾ هڪ خدا موجود آهي، جهڙيءَ طرح آڪاس يا پولار هر هڪ چيز ۾ موجود آهي. اهي جيڪي پريمي پرش يا عاشق لوڪ آهن سي جيڏانهن نهارين تيڏانهن انهن کي پرين ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

جتن شاهه عبداللطيف چيو آهي:-

١- ايڪ قصر، در لکه، ڪوڙين سهس ڳڙکيون؛
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

٢- سو هي، سو هو، سو اجل، سو الله،
سو پرين، سو پساه، سو ويري، سو واهرو.

٣- سوئي هيڏانهن، سو هوڏانهن، سوئي من وسي؛
سوئي سو پسي، تنهين سندي سوجهري.

٤- سائي صورت عين کي، سائي صورت غين؛
**سمن** نقطا دور ڪرو، ته اوءِ عين کي عين.

اسان جي اندر ۾ اهو پيارو وسي ٿو. پرجيڪي اندر ۾ جهاتي پائين ٿا انهن کي اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پرماتما اسان کان هڪ وک به پري ڪونه آهي؛ هي سڀ ديدار انهيءَ جو آهي. هو ڪٿي‌ءَ کان ونءِ هاڻيءَ تائين سڀني جيون ۾ موجود آهي؛ هن کان سواءِ ڪا به جاءِ خالي ڪانهي؛ جن انهيءَ سهڻي سردار جو ديدار ڪيو آهي سي سدائين پريم ۾ مست رهن ٿا.

Gul Hayat Institute

## (سَتگر يا ڪامل مرشد)

١- سَتگر جهڙو شاهه، ڪو نہ ڏنوسين ڪاٿهين؛
پرچي ڏنو جنهن پورٻي، آتم ڏن اٿاهه؛
نڪي پڇيائين جات پات، نڪي پڇيائين راهه؛
ڪري من اڇاهه، **سامي** ڇڏيائين ڇن ۾.

٢- سَتگر پرک سڃاڻ، رکيو هٿ مٿي تي؛
مٿي ويٺي من موڻ، **سامي** ڪنهن تاڻ؛
وسيو ميگهه مهر جو، پريا نينهن نياڻ؛
اچي وينا پاڻ، سنمک منهنجي سڃڻين.

٣- جنهن ڏي نهاري، **سامي** پورو سَتگرو،
تنهنجي مهر ميا سان، لنئن لنئن سڀ ناري،
تار منجهون تاري، ڏيئي هٿ همت جا.

٤- اهڙي ڪير ڪري، **سامي** بنا سَتگروءَ؛
بگيت جوڳ ويراڳ جا، ڏئي پندار پري؛
انڀيءَ جوت اندر ۾، سنهه سدا ٻري؛
پلڪ نہ ٽئي پري، رمتا رام اکين کون.

٥- پرچي پياري، سَتگر سُرڪي سچ جي؛
اچي اجگئبي چڙهي، خالص خماري؛
ڪلي پيئي پاڻهين، بيحد جي باري؛
خودي خواري، **سامي** ميٽي سمر ٿيو.

Gul Hayat Institute

٦- ستگر من ناريو، تنهن کوٽ جنم جو؛
ڏيو ٻاري گهر ۾، ناڪر ڏيکاريو؛
**ساهي** نواريو، اوديا روڳ اندر جو.

٧- گيان پرڪاشي گر، اچي مليو اوچتي؛
تنهن لکايو لکه سان، نکر ۾ ناڪر؛
ڪري من اڪر، **ساهي** چڏ پائين چپن ۾.

٨- جنهن کي ڪانُ ڪشي، ستگر هنيو شبد جو؛
سو در در ديوان جان، پل پل پرين پسي؛
هسي روئي حال ۾، ڪنهن کي ڪين ڏسي؛
**ساهي** تنت وسي، جتي هار نه جيت ڪا.

٩- آندو آتاري، ستگر پنهنجي گهر ۾؛
ڏيو ڏنائين هٿ ۾، پيائيءَ ري ٻاري؛
ناتنت نواري، **ساهي** چڏ پائين چپن ۾.

١٠- پتت کي پاون، **ساهي** ڪيو ستگر روءِ؛
پرچي ڏنائين پنهنجو، نج نرمل درسن؛
تنڙو من اهن، اوديا ڪلپت نه رهي.

١١- ستگر ڏيکاري، هيرو ڏنو هٿ ۾؛
چيائين چيتن تي، تنڙي نهاري؛
پرکائي پورن ڪون، تن من سڀ ٺاري؛
**ساهي** سنياري، رکي دل دٻليءَ ۾.

Gul Hayat Institute

١٢- جنهن تي رکيو هٿ، **سامي** پوري ستگروءَ؛
ڪيو تنهن ڪلپت ري، پرچي پرڪارَ؛
ڇيت مٿائي چت جي، ٿيو سوکم سمرت؛
پائي پد اکٿ، مشڪي ڪشڪي ڪينڪي.

١٣- عجائب اپڪار، **سامي** ڪيو ستگروءَ؛
ڏنو جنهن پريم پريت جو، ستنه پيالو سار؛
پيئندڙي من پنهيو، لنؤ لنؤ ٿي گلزار؛
دوست جو ديدار، ڏنو دل درپڻ م.

١٤- ڪامل ڪرم ڪيو، تڏهن اکيون کلي آئيون؛
ڏسي پانهنجي پاڻ کي، سيتل من ٿيو؛
سنسو آتم جيءَ جو، سو وڇون سڀ ويو؛
پاسي ڪين پيو، **سامي** ڇڏي سروپ ري.

١٥- سمجهه ۽ صدق، جنهن کي ڏنو ستگروءَ؛
سي خاصا خلوت دار ٿيا، هردم ڏسن هڪُ؛
توڙي رکن لِڪُ، ته بہ **سامي** لِکن ڪينڪي.

١٦- جنهن کي ڏني لَکَ، ستگر سُکه اگم جي؛
مٿيا تنهنجي مَن مون، **سامي** ڇڏي سڀ پکه؛
نَارائڻ ڪون نِمکه، پرچي پاسو نہ ڪري.

١٧- موڪه ڪي گياني، **سامي** ڪيو ستگروءَ؛
پري هنيائين پريم جي، ڪرپا سان ڪاني؛

Gul Hayat Institute

رهي نہ رتيءَ جيتري، نانت ناداني
چاڳائي جاني، ڏيکاريائين ڏيل ۾.

١٨- ستگر چڏايو، **ساهي** اوديا ڏکہ کون؛
رکي هٿ مٿي تي، گهر وني آيو؛
لنؤسان لکايو، اندر ٻاهر آتما.

١٩- ستگر لَکائي، آتم جوت اکين سان؛
بنا بادل جل جي، ورکا وسائي؛
اوديا ميل اندر ۾، رهي نہ رائي؛
وڃائي وائي، **ساهي** چڙهيو سيج تي.

٢٠- ستگر ڏيکاريو، درپڻ ۾ مکہ پنهنجو؛
اوديا پرم اندر جو، کڻ ۾ نواريو،
**ساهي** ڇڏي ناريو، ننهن چوٽيءَ تاءِ جيءَ کي.

٢١- ستگر صفائي، ڏني دل درپڻ کي؛
انهد مورت انيءَ، درشت ۾ آئي؛
مٿي ويئي من مون، باڻيڻ ڇڏي ٻيائي؛
سهجي سمائي، بوند وڃي سر سير ۾.

٢٢- ڪسنگہ ڇڏائي، سوئي ساڌو ستگرو؛
ڏيئي ڳڻ هر يگت جا، اوڳڻ مٽائي؛
انتر مکہ جوڙي ڪري، اوديا پٽ لاهي؛
**ساهي** لکائي؛ آتم پد اکين سان.

Gul Hayat Institute

## ( سلوڪن جو تاتپرج )

سچي سنگروءَ يا ڪامل مرشد جهڙو بادشاهه اسان
کٿي ٻه ڪونه ڏٺو، جنهن راضي ٿي اصلي يا آدي
بيشمار خزانو ڏنو، اُئين ٻه ڪونه پڇيائين ته ڪهڙي ذات
جو آهين ۽ ڪٿان آيو آهين؟ جنهن تي پوري گروءَ
جي ديا ٿي آهي تنهنجي دل مان سڀڪنهن قسم جو
مونجهارو نڪري ويو آهي ۽ انجي سامهون پرين پيارو
اچي بيهي ٿو. انهيءَ رڱ رڱ ۾ شانتي ڇانئجي وڃي ٿي
۽ انهيءَ کي پورو سنگرو ڀؤ ساگر مان تاري پار
ڪري ٿو. ڀڳتي، جوڳ ۽ ويراڳ جو خزانو ڏئي ٿو؛ ۽
اندر ۾ جا گيان جوت ٻيٺي ٻري، ان جو درشن ڪرائي
ٿو. اندر جي دري کلي پوي ٿي؛ جنهنڪري خودي
۽ اهنڪار اندر مان نڪري وڃي ٿو ۽ سم درشٽي پيدا
ٿئي ٿي. جنهن ڪان وٺي پاپ ڪرمن ڪري جو انسان
جو اندر جلي رهيو آهي سو سنگروءَ جي ديا سان اهو
تنتل هردو نري سيتل ٿئي ٿو. اندر ۾ گيان جو ديپڪ
جڳائي پرينءَ جو درشن ڪرائي ٿو. گياتوان گرو پنهنجي
مهر سان نڪر ۾ يعني هر هڪ وستوءَ ۾ ناڪر جو
ديدار ڪرائي ٿو. جنهن ڪري سڀ پرم سنسار دکه

Gul Hayat Institute

۽ ڪليش نورت ٿي وڃن ٿا ۽ سچو آنند پراپت ٿئي ٿو. جن کي ڪامل مرشد اپديش روپي تير هڻيو آهي سي پريم ۾ مستانا ٿيو وڃن ۽ انهن کي هر هنڌ پنهنجو پرين پيارو ڏسڻ ۾ اچي ٿو جئن مجنونءَ کي هر هنڌ ليليٰ پئي ڏسڻ ۾ آئي؛ اهي عاشق پنهنجي حال ۾ مست ٿي ڪڏهن روئن پيا ته ڪڏهن کلن پيا؛ پر پنهنجي اندر جو حال ڪنهن کي ڪين ڏسين، ته اسان سان ڪهڙي ويدن آهي؛ هنن جو من اتي وسي ٿو، جتي هنن کي نفعي نقصان ۽ هار جيت جو ڪو به خيال ڪونه آهي. جيڪي ڪامل مرشد آهن سي پنهنجي مريد کي ريجهائي ۽ دنيا کان من هٽائي پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائڻ سيکارين ٿا؛ ۽ گيان روپي جوتيءَ سان هنجي اندر جي اونده ۽ پيائي ڪڍي ڇڏين ٿا. اهي سچا گرو پاپين کي به پوتر بنائين ٿا ۽ ڏٺيءَ جو خاص ديدار ڪرائين ٿا. سچا مرشد گيان روپي هيرو هٿ ۾ ڏين ٿا ۽ پنهنجي شش جو اندر ٺاري سيتل ڪن ٿا.

Gul Hayat Institute

## ( مورک )

١- مورک تو ماري، پنهنجي هٿين پاڻ کي؛
لڳي مايا موهه جي، ڪوڙي لنو لاڙي؛
ڏسي نه سا سروپ کي، **سامي** سنڀاري؛
گهرڻ منجهه گاري، تو هيرا لعل اڻ ملها.

٢- پنهنجو پاڻ مري، تو مورک جيُ منن ۾؛
جڏهن ڀولو ڀرم ۾، ڦاٿو مت پري؛
جاڳي اوديا ننڊ مون، ڪري نه پت پري؛
ستگر مهر ڪري، ته **سامي** ڇٽي دک کون.

٣- پلي پاڻ پٽي تو، مورک ڇهڙيءَ چاه سان؛
گهٽ وڌ جاڻي پاڻ ۾، راتيون ڏينهن پٽي؛
تڏهن ڇوٽ مٽي، جڏهن **سامي** ملي سروپ سان.

٤- جڏهن سنڪه ڪري داهان، نت درد ري؛
**سامي** سڪه ساگر ڪون، جاڻي پاڻ پري؛
تڏهن مورک مت ري، ممتا منجهه مري؛
ڏسي نه ڏير ڏري، ستهه ستهه سروپ کي.

٥- مورک چوراسي، پلي پوين تو پاڻهي؛
اوديا جي اهنڪار جي، پائي ڳل ڦاسي؛
**سامي** سداءِ رهي، مدهه ۾ مواسي؛
الٿي ابناسي، ڏيو نه ڏسي ڏيهه ۾.

Gul Hayat Institute

٦- مورڪ ڪين هٿي، ڪوڙ ڪپٽ پر پنچ ڪون؛
مانڪ ديہ امول کي، تو ساگر منجهہ سٽي؛
تو هر لائي گهر ۾، **ساهي** انب پٽي؛
موتن ساڻ مٽي، تو وني ڪچ ڪروڙ جو.

٧- مورڪ وڃائي تو، هيرو جنم هٿن مون؛
ملي ساڌ سنگت سان، ليکي نہ لائي؛
ڏاور جيان پاڻ کي، تو ڦندري ڦاسائي؛
منڊ مڙهيءَ پائي، **ساهي** ڏسي ڪين ڪي.

٨- گهر ۾ ڪين اچي، مورڪ ساڌ سنگت ري؛
اوديا نوڙ ڳچيءَ ۾، پائي نت نچي؛
سهسن ۾ **ساهي** چئي، ڪو ورلو رنگ رچي؛
چند کي گور سچي، پيتڙيو پاڻ هٿي ڪري.

٩- گهر ۾ رام وسي، ٻاهر ڍونڍي ڇو نت؛
پائي منهن مهراڻ ۾، **ساهي** ڪين پسي؛
پنهنجو پاڻ ڦسي، تو مورڪ اوديا ڦاس ۾.

Gul Hayat Institute

١٠- مورڪ وِڪ ڪائي، تو آتم امرت کي ڇڏي؛
هيرا لعل انڻ ملها، تو رولي وڃائي؛
**ساهي** ڏسي ڪينڪي، منهن مڙهيءَ پائي؛
هٿ ڪيو هاري تو، مانڪ ديہ امول کي.

١١- راتيون ڏينهن پِٽي، تو مورڪ جي مرم ري؛
ملي چاه چمار سان، پنهنجو پاڻ پٽي؛

بنا ساڌ سنگت ري، ممت ڪين مِٽي؛
**سامي** تڏهه ڇٽي، جڏهن جاڳي جڙي پاڻ ۾.

١٢- محل منجهي آهين، سڏاتورا سپرين؛
هيڏي هوڏي هٿڙا، مورکه ٿا پائين؛
پاڻ ڀلائي پنهنجو، ٿا در در ليلائين؛
سمجهي سمائين، ور لا ڪي وسرام ۾.

١٣- هوندي ڏٺن خوار، مورکه ٿين مرم ري؛
پٽي ڏسن نه پريم سان، **سامي** دسوون دوار؛
جنهن ۾ اکنڊ ڀنڊار، رهي سداءِ سهج جو.

١٤- مورکه جيءَ خراب، ڪيا ڪلپت پنهنجيءَ؛
جنمي مري جڳ ڪي، هر هر ڏين حساب؛
ڪوڙين مون ڪوهڪڙو، ڪري خوشيءَ سان خواب؛
جنهن کي شوق شراب، **سامي** ڏنو ستگروءَ.

١٥- وڏو وڇوڙو، مورکه پاڻ پرين کون؛
ڏيئي وينو گهر کي، اوڻايا جو اوڙو؛
**سامي** رکي ڪينڪي، محبت ڏي موڙو؛
ٻڌي نه ٻوڙو، دانهان درد وندن جون.

١٦- پنهنجو پاڻ حوال، مورکه جيءَ مند و ڪيو؛
رکي چاهه اندر ۾، در در ڪري سوال،
ساڻ رکي پرت پال، تنهنکي ڏسي ڪينڪي.

١٧- هئي هئي کوه ڪرين، مورکه من جي ڀاءِ تون؛
اڻهوندي سنسار جي، ممتا منجهه مرين؛
ڏسي سار سروپ کي، ڏيرج ڇو نه ڌرين؛
سو **ساهي** پري پرين، ڪنهکون آهي ڪينڪي.

١٨- مورکه ڪن خوار، ڇوراسي ۾ پاڻ کي؛
اڳهين رلين ڪيترو، هاڻي ٿيءُ هوشيار؛
ملي مهد جنم سان، پنهنجو ڪر اڌار؛
ههڙو سمو سار، **ساهي** لهندين ڪينڪي.

١٩- مورکه من جي ڀاءِ، ڪوءِ ڪرين تو ڪلپنا؛
ڪنهن پد پاتو ڪينڪي، سچي سک سواءِ؛
سمجهي تون **ساهي** چئي، انتر مکه لنوَ لاءِ؛
ته لنوَ منجهه لڪاءِ، مورت محبوبن جي.

٢٠- ڪوڙا گهر ۾ گهات، مورکه من جي ڀاءِ تون؛
ملي ساڌ سنگت سان، وٺ ويساهون وات؛
ته ڪولي بجر ڪپاٽ، ڪامل ڏيني ڪل سان.

Gul Hayat Institute

٢١- ڪوڙا ڪم نه ڪر، مورکه من جي ڀاءِ تون؛
اٿئي اوديا سنڌ جي، ڏاڍي لوڀ لهر؛
وچن ساپرسن جو، جاڳي هرڌي ڌر؛
ته حاضر ڏسين هر، **ساهي** چئي سڀ ۾.

## (سلوڪن جو تاتپرج)

**سامي** چوي ٿو ته جيڪي مورکه يا اگياني لوڪ آهن، سي پاڻيهي پاڻ کي دکي ڪري رهيا آهن؛ هو ڪوڙيءَ دنيا جي موهه ۾ ڦاسي سکه جو ساگر جو پرماتما آهي تنهن کي نٿا ڏسن ۽ هي اموالڪ مانکه جنم اجايو وڃائي رهيا آهن. جهڙيءَ طرح ڪنهن دليءَ يا دکيءَ ۾ پگهرا پيا هوندا آهن ۽ باندر لالچ جي وس ٿي پنهنجا ٻئي هٿ ان ٿانو ۾ وجهي ٻئي منيون پگهرن سان ڀري ڪيندو آهي پر دکيءَ جي منهن سوڙهي هئڻ ڪري هو ٻئي منيون ڪڍي ڪين سگهندو آهي ۽ ڦاسي پوندو آهي پوءِ دانهون ڪيڪون ڪندو آهي، تئين هن مورکه جيو به، پولڙي وانگر پاڻيهي پاڻ کي ڦاسايو آهي ۽ پوءِ پيو دانهون ڪري؛ انهيءَ دکه کان ڪو ڪامل مرشد پنهنجي ڪرپا ڪري ڇڏائي ته پوءِ هي جيو ڇٽي سگهي ٿو. هيءُ اگياني جيو، پاڻ کي خواهشن ۽ واسنائن ۾ ڦاسائي پٽڪي رهيو آهي؛ سو انهيءَ دکه کان تڏهن ڇوٽڪارو پائي سگهندو، جڏهن هن جو پنهنجي ڌڻيءَ سان وصل ٿيندو. جئن سنکه يا ناد بنا دکه سور جي دانهون پيو ڪندو آهي؛ تئن مورکه جيو به بيائيءَ ۽ خوديءَ ۾ ڦاسي دکه جون دانهون ڪري رهيو آهي ۽ پرماتما جو سکه جو ساگر آهي ان ڏانهن

Gul Hayat Institute

نٿو وڃي. هيءُ اگياني جيوُ، پنهنجي اصل سروپ
کان پلجي جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڦاسي رهيو آهي ۽
اندر ۾ جا ناس نه ٿيندڙ جوت ٻري رهي آهي، ان
کي نٿو ڏسي. ڪوڙ، ڪپٽ، پاپ ۽ دنيا جي جهنجهٽ
کان پاڻ کي پري نٿو ڪري ۽ امولڪ مانک جنم سمنڊ ۾
ٻوڙي رهيو آهي. هيءُ مورک ڪوريئڙي وانگر پاڻيهي
پاڻ کي ڦاسائي رهيو آهي پر ساڌن جي سنگ ۾ رهي
اندر ۾ جهاتي پائي پرين پيارو نٿو پسي. پرماتما
انسان جي اندر ۾ وسي ٿو، پر هيءُ مورک ان کي ٻاهر
پيو ڳولي؛ آتم آنند جو امرت يا آب حيات ڇڏي
زهر کائي رهيو آهي. آتم ڌن يا روُحاني خزانو هن
انسان وٽ آهي پر بيوقوف انسان انهيءَ ڌن هوندي
به خوار خراب ٿي رهيا آهن. اهو آتم ڌن جو خزانو
ڏسوين دوار ۾ رهي ٿو. ان دروازي کي پريمسان
کولي اهو خزانو هٿ نٿا ڪن.

Gul Hayat Institute

## (اوديا)

١- سارو جڳ جکي ٿو، اوديا جي اهنڪار ۾؛
جاڳيو جوڳي جيءَ ۾، ڪلپت ڪانہ رکي؛
اندر ٻاهر آتما، **ساهي** سم لکي؛
بيحد بوند چکي، اُنئي پهر آڪاس جي.

٢- **ساهي** سوئي ڪر، جنهن ۾ ڪرٽو نہ رهي؛
اوديا پند مٿي ٿون، گرگم لاهي ڊر؛
تہ دوست تنهنجي در، پيهي اچي پاڻيهي.

٣- پرين ڳالهين ڪون پار، اٿئي ڳالهين جي ڳوٺ ۾؛
**ساهي** سڪ سچيءَ سان، تون ويهي ڪر ويچار؛
اوديا پرم نوار، تہ لهين پير پرينءَ جو.

٤- سڀ ڪي نچائي، تو اوديا پوت پرم جو؛
بنا ڦاهيءَ ڦند جي، تو پل پل پٽائي؛
منتر نہ مڃي ڪنهنجو، رهيا ٻلي ٻل لاهي؛
ستگر ڇڏائي، تہ **ساهي** ڇٽي ڏک ڪون.

٥- ڪڍيو جنهن خلل، اوديا جو اندر مون؛
پاتو تنهن پرتيت سان، آتم پد اَچلُ؛
سدائين سيتل، **ساهي** رهي سپاءَ ۾.

٦- بنا ڏر ڏري ٿو، جڳت مڙيوئي جيءَ ۾؛
اڻ هوندي اوديا پوت ڪي، سڀ ڪونہ ڪري؛

ورلي ڪنهن گرمک ڪيو، پرچي پٽ پري؛
**ساهي** ڏسي ٺري، سڀ چمتڪار چيٽن جو.

٧- اوديا رَنَ لُٽي ٽي، خاص خزانو سڀ جو؛
جوڙي جيٽن ڪسي بَندي؛ گهيرت سان گُهٽي؛
پيادا پنج ٻچي ڪري، راتيون ڏينهن ڪُٽي؛
ڪو **ساهي** سنت چُٽي، ڪري حمايت هر جي.

٨- چِنَ ماتر سک سار، سمجهو جن **ساهي** چٽي؛
مِٽيو تن جي من مون، اوديا جو اهنڪار؛
پائي پد اَپار، پرچا رهن پاڻ ۾.

٩- ڪنهن ڪون ڪين لهي، اوديا ڪلف اندر جو؛
توڙي تيرٿ تپ ڪري، دک بک سڀ سهي؛
تياڳ ڪري گهر بار جو، غفا منجهه رهي؛
ساڌوءَ سرن پئي، ته سُڪي ٽئي **ساهي** چٽي.

١٠- اوديا چنڊالي، ويڙهي ويئي جيءَ کي؛
جوڙي وڌائين واڄ جي، اڻ هوندي جالي؛
نرپيءَ راڄ ڪسي ڪري، ڪيائين ڪنگالي؛
ولايت والي، ڪو **ساهيءَ** ٽي سايو ڪري.

١١- **ساهي** ڪيڏي جن، **اوديا** ميل اندر مون؛
سي نرمل سنسار ۾، سدا اليپ رهن؛
چيٽيءَ ۽ ڪنچر ۾، سم روُپ ڏسن؛
لنؤ لنؤ رس پئن، آتم پد اَپار جي.

Gul Hayat Institute

١٢- آتم ٻُڌ آئي، تڏهن سچي دل درپڻ تي؛
**اوديا** ميل اندر ۾، رهي نه رائي؛
ملي مهد جنن سان، لَنؤ لَنؤ لِنؤ لائي؛
**ساميءَ** سَمائي، وڃي سُرت سروُپ ۾.

١٣- ورلو ڳسائي، ڪو محبت سان من ڪي؛
ملي ڪاريگر سان، پوئي ڳل پائي؛
سنسو پرم اندر مون، ڳرگم وڃائي؛
**اوديا** پُٽ لاهي، **ساميءَ** ڏسي سروُپ ڪي.

١٤- عجائب آهي، سنگت ساڌُو جن جي؛
**اوديا** ميل اندر مون، ڏوئي سڀ لاهي؛
**ساميءَ** لڪائي، پنهنجو پاڻ اکين سان.

١٥- ڪُسنگ ڇڏائي، سو ساڌُو، سو ستگروُ؛
ڏيئي ڳڻ هر يڪ جا، اوڳڻ مَٽائي؛
انتر مڪ جوڙي ڪري، **اوديا** پُٽ لاهي؛
**ساميءَ** لڪائي، آتم پد اکين سان.

١٦- **اوديا** اَناري، ڪوڙين ڪيا ڪيترا؛
مَنائي مستان تيا، **ساميءَ** سِرُ ڏاڙهي؛
لائي وينا لوڪ ۾، تمع جي تاڙهي؛
ڪلپت ڪهاڙي، هڻن پنهنجي پاڻ کي.

Gul Hayat Institute

١٧- ڦُرني منجهه سنسار، ڦرنو ڪلپت پانهنجي؛
جئن سپني ۾ سڌ تيو، اڻ هوندو وهنوار؛
سمجهي ڏس **ساهي** چئي، تون ڪري سڌ ويچار؛
ته **اوديا** جو اهنڪار، مٽي وڃئي من مون.

١٨- ورلو ڪو آهي، ساڌو جن سنسار ۾؛
جو جگياسيءَ جي جيءَ جو، سنسو مٽائي؛
**اوديا** پُٽ لاهي، **ساهي** لڪائي سار ڪي.

١٩- ڏکي سڀ سنسار، ڦاٿو **اوديا** ڦاس ۾؛
سکي ورلو سا پرس، ڪڍيو جنهن اهنڪار؛
**ساهي** سرجڻهار، پائي پرچو پاڻ ۾.

٢٠- اڻ هوندي مايا، **اوديا** ڪري سڌ ٿي؛
منجي وينو پاڻهين، پنهنجا پرايا؛
**ساهي** جاڳي جيءُ سُت، ڪلپت جي ڪايا؛
درخت جي ڇايا، جاڳي ڏسي ڪينڪي.

٢١- اڻ هوندي پولي، واڌو جيءُ ڀرم ۾؛
جئن ڪستوري ناڀ ۾، مرگهه باهر ڦولي؛
**اوديا** پُٽ کولي، **ساهي** ڏسي ڪينڪي.

٢٢- سپڪو همت هٽي تو، **اوديا** منجهه اندن جان؛
ڏيهي مٽي پاڻ ڪي، جپ تپ دان ڳٽي؛
ورلي ڪنهن گرمگه ڪي، انيءَ واڪ وٽي؛
جنهن ڪي پاڻ ڪٽي، ڏئي همت همت جا.

Gul Hayat Institute

## (سلوڪن جو تاتپرج)

سارو سنسار اوديا يا بي علمي ءَ جي خوديءَ ۾ پرجي اجائي بڪواد ڪري رهيو آهي، ڪو ورلو جوڳي يا مها پرش اندر ۾ جاڳي دنيا جي ڦرڻن يا اجاين خيالن کان پاڻ بچائي ٿو. اهي جوڳي جن اندر باهر هڪ ئي آتما پسن ٿا ۽ اَنڱي پهر آتمانند جو مزو ماڻين ٿا. ساهي ٿوي ٿو ته گروءَ جو اپديش وٺي اگيان جي پَرِي پنهنجي سِرَ تان لاهي ڇڏ؛ جڏهن تنهنجو اگيان دور ٿيندو تڏهن پرين پيارو تنهنجي گهر ۾ پاڻيهي اچي واسو ڪندو. دلبر جو ديدار ڳالهين ڪرڻ سان ڪونه ٿيندو؛ هو انهن ڳالهين کان پري آهي پر وري اتيئي به ڳالهين جي ڳوٺ ۾، يعني ملندو به ڳالهين سان؛ يعني اگيان جي ڳالهين سان اجائي بحث مباحثي ڪرڻ سان پرماتما جو درشن ڪونه ٿيندو، پر گيان ۽ ويچار جي ڳالهين سان ئي ان جي پراپتي ٿيندي. تون انهن ڳالهين تي سچي پريم سان ويهي ويچار ڪر ۽ اگيان جا پرم يا سنسا دور ڪر، ته پوءِ پاڻيهي توکي پرينءَ جو پتو پوندو. اوديا جو پرم روپي پوت سيني کي ڇائي يا رلائي رهيو آهي؛ اهو پوت بنا ڪنهن رسيءَ يا ڄار جي سيني کي ڦاسائي دکي ڪري

Gul Hayat Institute

وڙهيو آهي، انهيءَ اوديا روپي پوٽ تي ڪنهن جو ٻه جادو ٽوٽڪو ڪونه ٿو هلي؛ وڏا وڏا جوڌا پنهنجو ٻل هلائي ويا پر ڪوبه انهيءَ پوٽ کان پاڻ ٻچائي ڪونه سگهيو؛ انهيءَ پوٽ کان ڪامل مرشد ئي ڇڏائي سگهي ٿو. جنهن پرش پنهنجي اندر مان اوديا جي خرابي ڪڍي آهي اهوئي پوري ويساهه سان نه چڙندڙ روحاني درجو حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ اهو سدائين پنهنجي اندر ۾ شانت چت رهي ٿو. سڄو سنسار اڻ هوندي اوديا جي پوٽ کان پيو ڏجي پر سچ پچ اهو پوٽ آهي ڪونه؛ ڪو ورلو گرمک پرش آهي جو اگيان جي پردن کي دور ڪري پرماتما جي جوتيءَ جو ديدار ڪري آنند ۾ رهي ٿو.

اوديا روپي رڻ سپني جو روحاني خزانو ڦري رهي آهي؛ ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار اهي پنج پوٽ رات ڏينهن سپني کي ڏکي ڪري رهيا آهن؛ ڪو ورلو مهاپرش پرماتما جي ڪرپا سان انهن کان پاڻ ٻچائي ٿو. جن پرشن سنسار جي سکن کي ڪن ڀنگر يعني ٿوري وقت لاءِ جٽاءُ ڪندڙ ۽ بي بقا سمجهيو آهي؛ انهن جي اندر مان اگيان جو اهنڪار نڪري وڃي ٿو ۽ اهي پرماتما جو درشن پائي سدائين آنند ۾ رهن ٿا.

Gul Hayat Institute

## (مايا)

١- مايا ڀُلائي، وڏا جيءَ ڀرم ۾؛
سامي ڏسي ڪونڪو، منهن مڙهيءَ پائي؛
جنهنکي اوديا ننڊ مون، ستگر جاڳائي؛
ويهي وڃائي، سو نغارو نرباڻ جو.

٢- مايا سڀ موهي، جيءَ ڪيا وس پنهنجي؛
وڏاءِ ڏول چال سان، انڌا بنڌي توئي؛
ٻُڌي ڏيئي پاڻ کي، ڪن هوئي هوئي؛
آتم ڏٺن ڪوئي، مورکه وينا مت ري.

٣- مايا ڪيا موڳا، سامي جيءَ جهان جا؛
هٺن واٽ ويچار ري، اُنن جان اوڳا؛
جنهين نہ جوڳا، ترڪ ڇلائن تن کي.

٤- مايا ڀُلائي، وڏو جيءَ ڀرم ۾؛
پاڻ پنهنجو پاڻ ۾، وِسُرو وڃائي؛
سپني ۾ سامي چئي، ڪوٽ جنم پائي؛
اوديا پَٽُ لاهي، جاڳي ڏسي ڪينڪي.

٥- مايا ڀلائي، وڏو جيءَ ڀرم ۾؛
اڻ هوندي درياه ۾، غوطا نت کائي؛
سامي ڏسي ڪينڪي، منهن مڙهيءَ پائي؛
ستگر جاڳائي، تہ جاڳي جڙي پاڻ سان.

Gul Hayat Institute

٦- وڏا سڀ ونگي، مايا جيءَ ممت سان؛
ڏاڍي ڏائڻ ڏڏري، ڪنهنکون ڪين سنگي؛
ڪو نيهين ويس نڪري، اٽڪل ساڻ اڳي؛
ٽيئي لوڪ لنگهي، **ساهي** وينو سمر ٿي.

٧- ڪئي خلق انڌي، مايا موهه ممت سان؛
مرگهه ترشنا جي جل ۾، وڃي سڀ وهندي؛
ورلي ڪنهن گرمک لڌي، ڪرپا ساڻ ڪندي؛
**ٻانهيڻ** جنهن ٻڌي، پنجئي ڪيا وس پنهنجي.

٨- اڻ هوندي حرڪت، مايا رچي راس ڪئي؛
تنهن ۾ لوڪ لُڙهي ويا، موڙ ڪه مني مت؛
عاشق چڙهيا اَڇ تي، لنؤ سان هٿي لت؛
ڪَٽي سڀ ڪلپت، سيتل ٿيا **ساهي** چئي.

٩- وڏا سڀ ڪيري، مايا جيءَ محل مون؛
چڏياءِ چل ول سان، حرص منجهه هيري؛
وينا منهن ڦيري، **ساهي** چئي سروپ ڪون.

١٠- سارو جڳ انڌو، ٿيو مايا جي موهه ۾؛
وڃهي وينا پاڻ کي، بنا سمجهه سَنڌو؛
ڪو عاشق چڙهيو اَڇ تي، ڇاڻي ڏور ڏنڌو،
واري ڪيت ڪنڌو، **ساهي** مليو سروپ سان.

Gul Hayat Institute

١١- تياڳي ويراڳي، مايا سڀ مستان ڪيا؛
**سامي** ڪو ورلي بچو، گرمک وڏ ڀاڳي؛
ڏنو جنهن جاڳي، پنهنجي اکين پاڻ کي.

١٢- مورک هئي هئي ڪن، مايا ڪارڻ من ۾؛
ست جا ٽي سنسار کي، نانا دک سهن؛
ڪال پنهنجي ڪنڌ تي، اندا ڪين ڏسن؛
**سامي** هليا وڃن، روئندا رت اکين مون.

١٣- سيئي حيران، ڏٺا مايا موه ۾؛
ورلو ڪو گورمک رهي، سم سيتل نرٻاڻ؛
جنهنکي آتم گيان، **سامي** ڏنو ستگروءَ.

١٤- ساري خلق خوار، رهي مايا موه ۾؛
اٿندي وهندي ننڊ ۾، ڪري ڪين قرار؛
ورلو ڪو گورمک بچو، **سامي** جئي سچار؛
ڏنو جنهن ديدار، پنهنجي اکين پنهنجو.

١٥- مورک ميڙن مال، استر جا ٽي پاڻ کي؛
جپي وٽ جگديس کي، ڇڏي خام خيال؛
اچي پهچندءَ اوچتو، **سامي** جئي ڪنڌ ڪال؛
ڏسي پنهنجو حال، روئندين رت اکين مون.

١٦- **ٻانڀڻ** بند ۾ ناٿُ، ڪوڙا مايا موه جا؛
ڪٽي هٽندءَ ڪڏ ۾، اها ڏائڻ ڏات؛
ڇڏي پوٿيون پاٿ، جاڳي ڏس جگديس کي.

Gul Hayat Institute

١٧- ڏرين ڪوه پيار، تو **ساهي** مايا موه سان؛
اٿي سڀ اوديا جو، اڻ هوندو اسرار؛
جڳ نانگ نوڙيءَ ۾، سپني ۾ سنسار؛
ڪرين جي خوار، مرگهه ترشنا جي جل ۾.

١٨- ڪوه ڪرين اپياس، تو مورک مايا موه جو؛
**ساهي** سپنئي ڪيا، جنهن رڻ ۾ رولي ناس؛
ملي ساڌ سنگت سان، ڪر باريءَ منجهه نواس؛
نه ڇيتن ڇد آڪاس، ڏسين پنهنجي گهر ۾.

١٩- چاکي ميڙ بن مال، آهين تون پانڌيرو پنڌ جو؛
ڪنهين نيون ڪينڪي، مڻ مون منقال؛
پر تني جو حال، جن جو ليکو پيو لکڻ سان.

٢٠- مايا سڀ موهي، جيءَ ڪيا وس پنهنجي؛
**ساهي** سنت اڇاه ڪي، سگهي نه جوهي؛
وڏا جنهن کوهي، پنهنجي پر پکيءَ جا.

٢١- چاکي ميڙ بن مال، ساڻ هلندءِ ڪينڪي؛
بنا نالي نام جي، اٿي جڳت جنجال؛
ڇڏي خام خيال، تون جاڳي جپ هر نام کي.

٢٢- ڳهرين ڪوه گهڻي، مورک مايا رام کون؛
ويا پنهندا ڪيترا، منهن تي همت هڻي؛
تون پڻ نيندين ڪانڪا، ڪوڏي ساڻ ڪڻي؛
سار سنڀار ڌڻي، سکي ٿئين **ساهي** چئي.

Gul Hayat Institute

جي ڦاسيءَ ۾ ٻڌي ڇڏيو آهي؛ انهيءَ مايا روپي ڏائڻ
کي ڪوبہ جيئري ڪونہ سگهيو آهي. سڀڪو هن جي
ڦندي ۾ ڦاسيو ٿو وڃي؛ ڪو ورلو پريمي جنُ ڪنهن
اٽڪل سان انهيءَ ڏائڻ کان پاڻ بچائي نڪري ٿو وڃي.
ڪي ورلا گرمک پرش آهن جي ڪام، ڪروڌ، لوڀ
موهہ ۽ اهنڪار، انهن پنجن وڪارن کي جيتي هن مايا
کان بچي وڃي پار پهچن ٿا. هن مايا سڀني ماڻهن کي
پنهنجي آتما روپي محلات مان ڪيرائي ڪٺي هيٺ ڦٽو
ڪيو آهي، ۽ پنهنجن حرفتن سان سڀني کي حرص
هوس ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي؛ جنهن ڪري اُهي مورک
جيوُ، پرماتما کان منهن موڙي دنيا ۾ ڦاٿا وينا آهن.
سڄي دنيا مايا جي موهہ ۾ انڌي ٿي پيئي آهي؛ ڪو
ورلو عاشق يا پريمي آهي جو دنيا جي ڌنڌن کي ڌوڙ
ڄاڻي پرماتما سان ملي هڪ ٿئي ٿو. هن مايا نہ فقط
دنيا جي ماڻهن کي حيران ۽ پريشان ڪيو آهي پر ويراڳي
۽ تياڳي پرش بہ انهيءَ جي ڦندي ۾ ڦاٿا پيا آهن؛ ڪو
ورلو وڏ ڀاڳي گرمک انهيءَ مايا کان بچي پرماتما جو درشن
پراپت ڪري ٿو.

Gul Hayat Institute

## (جڳت ناسونت)

١- اندا پيا اُرجهي، ڪايا مايا ڪُلَ ۾؛
ست جاڻي سنسار کي، ڦوڪَ ويا ڦُرجي؛
**سامي** ڏنو سروپ کي، ڪنهن سُڄاڳي سُرجي؛
پيتائين پُرجهي، پيالو پريم اگم جو.

٢- اُتي اهڙا لوڪَ، **سامي** ويا سنسار مون؛
هٿا جنهجي هٿ ۾، رِڌِ سِڌِ جهڙا ٿوڪَ؛
ڪال ڪري ٿو سڀ کي، ڦُري سمي سان ڦوڪَ؛
تون ڪئن ماري جهوڪَ، وينين وساري رام کي.

٣- ڪوڙيءَ اُلجهه ۾ اُلجهي، الجهين تان الجهه لنوَ سان؛
جاڻي جوت جڳت کي، گُرگم گهر ۾ رُجهه؛
ڪنهن کي سَلِ ۾ ٻُجهه، ازغيبي اسرار جو.

٤- اهڙا لوڪ لڏي ويا، **سامي** هن سنسار مون؛
جنهجي رت ڦيڻن سان، سنڱي سمنڊ ٿيام
مانڪ راڪاس ديوتا، پکي وس ڪيا؛
اهڙا سڀ ويا، اسٿت رهي نه آدمي.

٥- سڀو جڳ فاني، ڏٺو جنهن اکين سان؛
پير فقير امير کي، ڪال هڻي ڪاني؛
**سامي** سمجهي ڪونڪو، اچرج حيراني؛
ورلي ڪو گياني، ڪَتي ڪال اڪال ٿيو.

Gul Hayat Institute

٦- آتي سڀ فنا، جا تو ڄاتي پنهنجي؛
مرگهه ترشنا جي جل سان، ناحق نينهن نه لاءِ؛
جاڳي پريم وچاءِ، ته ساڪي تئين **ساهي** چئي.

٧- ڪوهه ڪرين ايمان، ڪايا مايا ڪُل جو؛
اِستر رهيو ڪونه ڪو، مير مَلڪ سلطان؛
سمجهي ڏس **ساهي** چئي، آتي فاني سڀ جهان؛
پائي آتم گيان، ڪلپت ڪي اندر مون.

٨- ڪوچ ڪري ويا، سڀئي سنسار مون؛
پير پيغمبر اوليا، جن پنهنجا پنٿ ڪيا؛
گياني ڌياني گرهستي، **ساهي** پند پيا؛
سيئي غيب ٿيا، تو ڇا سمجهو پاڻ کي.

٩- اڻ هوندي اگيان، رچي راند رنگه پري؛
ست جاڻي **ساهي** چوي، نرت ڪرن نادان؛
مشڪن ڪشڪن ڪينڪي، ڏسي سنمت سجان؛
رهن منجهه جهان، سدا اليپ آڪاس جان.

١٠- سڀ جڳه من رچيو، ڪلپت جي ڪلنڪ سان؛
مني وينو پاڻ ۾، اڻ هوندو پريم سچو؛
پائي نوڙ ڳچيءَ ۾، راتيون ڏينهن نچيو؛
بلا ڪون بچيو، جڏهن **ساهي** مليو سروپ سان.

١١- **ساهي** ڄاڻج چل، ڪايا مايا ڪُل کي؛
جئن سک سپني جو، مرگهه ترشنا جو جل؛

Gul Hayat Institute

جاڳي ڪيڏ جيءَ مون، گوگم خاص خلل؛
ڪري جنم سڦل، ملي ساڌ سنگت سان.

١٢- سپني منجهه ڪنگال، راڄا ٿيو هڪ ديس جو؛
هاٿي گهوڙا پالڪيون، ميڙيائين سڀ مال؛
در تي بينا ڪيترا، **سامي** ڪن سوال؛
جاڳي اهو حوال، پنڌو وتي پنڌ ڪٽي.

١٣- ڪوڙي ڪلپت ڪري تون، وهي جيُ وهڻ ۾؛
جيئن سمهيو سپني ۾، نانا روپ ڌري؛
جاڳي بنا نه ٿئي، اوديا پٽ پري؛
**سامي** تڏهن ٿري، جڏهين پرچي ڏسي پاڻ کي.

١٤- اڻ هوندو سنسار، ڪلپت ڪري ست ٿيو؛
جئن سپني ۾ ست ٿيو، نانا روپ وهنوار؛
سمجهي ڏس **سامي** چئي، ڪري ست ويچار؛
نه اوديا جو اهنڪار، مٽي وڃي من مون.

١٥- سڀ جڳ ڪوڙو ڏٺو، بنا نالي نام جي؛
**سامي** ڪي ست سنگ ري، لڳي ڪين مٺو؛
ڪرمن جو چٺو، قاڙي سڀ ڦٽو ڪيو.

١٦- جئن ٻيڙيءَ جو ٻُور؛ تئن لوڪ ڪتب جا؛
جنين منيا پنهنجا، سي ٿيا چڪنا چُور؛
سمجهي پٽ **سامي** چئي، تون اوديا جو انگور؛
پٽ رکيج مُور، متان شاهه پڇني ليکڙو.

Gul Hayat Institute

١٧- **سامي** ڄاڻ اُست، جڳت هي جڳديس ري؛
سنتن ساپرسن جي، اٿئي اها مت؛
سمجهي پربرم پرتيت سان، ڪري سِڌ سنبت؛
ڀڃي ڏس تت، جت ساکيءَ جو سوجهرو.

١٨- اٿي سڀ اپاس، جڳت هي جڳديس جو؛
جئن سورج چنڊ ۾، **سامي** سدا پرڪاش؛
ڪري ڏس ڪلپت ري، ننن منجهه نِواس؛
نہ چيتن چِد آڪاس، حاضر ڏسين هٿ ۾.

١٩- جنين ڀاتي مت، سنتن ساپرسن جي؛
تنين ڄاتو جڳ کي، اڻ هوندو پرم است؛
آهي جنهن جي آسري، سوئي ڏنائون ست؛
راتيون ڏينهان رت، **سامي** رهن سروپ سان.

٢٠- سو ڀاڻيو بدوان، جنهن انيءَ سار سهي ڪيو؛
**سامي** ڄاڻي جيءَ ۾، فاني سڀ جهان؛
چنتا چاهہ ڪڏي ڪري، تئي نربل نرباڻ؛
درسن ڀائي دان، سدا رهي سنتوک ۾.

Gul Hayat Institute

## ( سلوڪن جو ترجمو )

**سامي** چوي ٿو ته اندا يعني اَگياني جيوَ، سرير تن ۽ ڪٽنب جي موهه ۾ مُنجهيل يا ڦاسي پيا آهن؛ هو هن دنيا کي ست يا قائم سمجهي مفت ۾ پاڻ ڦرائي رهيا آهن؛ ڪنهن ورلي سڄاڳ پرش سچيت ٿي پنهنجي سروپ يعني پرماتما جو درشن پراپت ڪيو آهي ۽ پريم جو پيالو پيتو آهي. هن دنيا مان اهڙا اهڙا لوڪ لڏي ويا جنجي هٿن ۾ رڌ ۾ سڌين ڇهڙيون شيون هيون پر وقت پائي موت انهن کي به ڦري سڀ ڪري ڇڏيو؛ پوءِ تون ڪهڙيءَ ڳالهه تي وساري پلٽي ماري ويٺو آهين؟ هن ڪوڙيءَ دنيا جي ڄار ۾ پاڻ کي ڦٽڪاءِ نه، پر جيڪڏهن ڦٽڪڻ يا لڇڻ ته پريم يا عشق ۾ ڦٽڪ. هن دنيا مان اهڙا به لوڪ لڏي ويا جنجي گاڏيءَ جي ڦيٿن سان ڌرتي ايندي ڪوڙڪي ويندي جنهن مان ست سمنڊ پيدا ٿيا؛ جنجي همت ۾ نه رڳو انسان هئا پر راڪس، ديوتائن ۽ پکين تي به انهن جو حڪم هلندو هو. پيرن، فقيرن ۽ اميرن کي به ڪال پنهنجو ٻڪر بڻايو ڇڏي؛ ورلو ڪو گياني پرش آهي جو ڪال کي ماري امر ٿئي ٿو. هيءَ دنيا رڃ جي پاڻيءَ وانگر آهي، جنهن

رج ۾ ڀاڳي پريان ڏسڻ ۾ ايندو آهي پر حقيقت ۾ هوندو
ڪونه آهي، تنهن هيءَ دنيا به ڀاڳيءَ وانگر سست ڏسڻ ۾
اچي ٿي پر سچ پچ آهي ڪانه. انهيءَ بي بقا ۽ اَست
دنيا ۾ پاڻ ڦاسائڻ نه گهرجي. سرير، ڌن ۽ ڪٽنب جو
ايمان ڇو ٿو ڪرين؟ هيءَ دنيا فاني آهي. مير ۽ سلطان
به هليا ويا؛ تون به هڪ ڏينهن هتان هليو ويندين؛
تنهنڪري بهتر ائين آهي ته اندر مان اجايا خيال ڪڍي
آتم گيان پراپت ڪر، جنهن مان سچو سک ملنديءِ. هن
دنيا مان پير، پيغمبر ۽ اوليا جن پنهنجا مذهب جاري
ڪيا ۽ گياني، ڌياني ۽ گرهستي سڀ لڏي ويا. پوءِ
تون پاڻ کي ڇا سمجهي ويٺو آهين؟ هي سڄو سنسار
من رچت ڪلپنا آهي ۽ هي جيوُ، ڪوڙي موهه جي
نوڙي پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي، رات ڏينهن ٻاندر وانگر
نچي رهيو آهي. هوُ انهيءَ ڏک يا مصيبت کان تڏهن ڇٽندو
جڏهن پرماتما جو درشن پراپت ڪندو.

Gul Hayat Institute

## (گرمکھ)

۱- تياڳي، ويراڳي، مايا سڀ مستان ڪيا.
سامي ڪو ورلو بچيو، گرمکھ وڏ ڀاڳي؛
ڏٺو جنھن جاڳي، پنھنجي اکئين پاڻ کي.

۲- ورلو ڪو مھمانُ، گرمکھ جاڻي پاڻ کي؛
جنھن کي ھنيو ستگروءَ، سامي سيتل باڻُ؛
مَنجھي ڏيھ بديھ ٿيو، ڇڏي پنھنجو پاڻُ؛
سدا سنتن ساڻُ، ميلو ڪري مگھن ٿي.

۳- گورمکھ ڪوڙ ڪپٽ، ڪنھن سان ڪري ڪينڪي؛
سامي جنھنجو ستگروءَ، پرچي لاٿو پَٽُ؛
پرميسر پرگھٽ، وياپڪ جاڻي وس ۾.

۴- گرمکھ پَدُ پاتو، الپيءَ آڪاس جو؛
مَمتا متائي من جي، سامي رنگ راتو؛
صاحب سڃاتو، چيتيءَ ڪنچر ۾.

۵- ھَر جس ٻُڌن، گرمکھ ساڌ سنگت ۾؛
نانا واڪ ولاس جا، پرچي پاڻ چون؛
ٻُڌي ٻُڌائي سڀ جو، سامي ڪارج ڪن؛
سدا سم رھن، اسٿت آتم پد ۾.

۶- گرمکَھ گھر گنڀيرَ، رتا رھن رنگ ۾؛
ممت وڃائي من جي، ٿيا سامي نرمل نيرَ؛

Gul Hayat Institute

گڏيا رهن سڀ سان، پين کنڌ ون ڪيرَ؛
وڃي چڙهيا سيرَ، لهريون ڪُنُ لنگهي ڪري.

٧- ليکي منجهہ آهن، سڀئي جيءَ جهان جا؛
گرمکہ ليکي کي ڇڏي، پير اڳي پائين؛
**ساهي** لنؤ لائين، وڃي انيءَ جي آڪاس ۾.

٨- سهسين ڪن صلاح، تہ گرمکہ سکہ گروءَ جا؛
جني لڌي لکہ سان، آتم پد جي راهہ،
پائي پرماتم کي، ٿيا بي غم بي پرواهہ؛
**ساهي** رهن اچاهہ، ساکي ٿي سنسار ۾.

٩- هوندي بل نربل، ورلو ڪو گرمکہ رهي؛
**ساهي** ساڌ سنگت جو، جنهن کي لڳو ٿل؛
ساکي ڏسي سڀ ۾، تپ جان نرمل؛
سدائين سيتل، رهي پنهنجي حال ۾.

١٠- سنتن ساڻ ملي، گرمکہ سارُ سهي ڪيو؛
**ساهي** رهي سماڌ ۾، سداءِ ملي؛
گاوين رامڪلي، چيتن چد آڪاس ۾.

١١- سدائين مهمانُ، گرمکہ جاڻي پاڻ کي؛
ڏنو جنهن گر گيات سان، فاني سڀ جهان؛
ڪايا مايا ڪُل جو، رکي نہ ايمان؛
پائي پد نرباڻ، **ساهي** رهي سپاءَ ۾.

Gul Hayat Institute

١٢- مايا منجهه اداسُ، ورلو ڪو گرمکه رهي؛
جو درشٽ مانِ سنسار ڪي، نهچي ڄاڻي ناسُ؛
**ساميِ** ساڌ سَنگت جو، وني پئور جان واسُ؛
جنهن گهٽن ۾ آڪاسُ، تنهن ساکي ڏسي سڀ ۾.

١٣- گرمکه ڪوڙ ڪپٽُ، ڪنهن سان ڪري ڪينڪي؛
**ساميِ** جنهنجو سنگروءَ، پرچي ڪوليو پٽُ؛
پرميشر پرگهٽُ، وياپڪ ڏسي وسِ ۾.

١٤- ڏيهي نہ ڄاڻي، گرمکہ پنهنجو پاڻ ڪي؛
چيتن سار سروپ ڪي، گرگم سڃاڻي؛
مِمت متائي من جي، موجان نت ماڻي؛
سمهي پت تاڻي، **ساميِ** سکپت سيج تي.

١٥- گرمکہ پد پاتو، انييءَ آڪاس جو؛
مُمت مِتائي من جي، **ساميِ** رنگہ راتو؛
صاحب سڃاتو، چيتنيءَ ڪنچر ۾.

١٦- گرمکہ گُڻ ڪٽي، **ساميِ** سڀ ڪنهن جو؛
اوديا جي اهنڪار جا، ليکا ڪين ڳٽي؛
آتم لکہ سهي ڪري، سڀ جو داس ٻٽي؛
ورلي ماءُ جڻي، ڪا اهڙا پُٽر انييءَ

١٧- هُٽُ ڪڍيو آهي سنتن، سؤدي سارَ جو؛
جو گرمکہ پورو، سڪ سان وڃي وهائي؛

Gul Hayat Institute

ڪَنُ مَنُ ڏيئي تن کي، سچ پليءِ پائي؛
جُڳُ جُڳُ تو ڪائي، **ساهي** ڪُٽي ڪينڪي.

١٨- گرمکھ موڙي من، **ساهي** لائيو لکھ ۾؛
بنا سار وچن جي، ڪنهن کي ڏئي نہ ڪَنُ؛
پاتائين پرچي ڪري، انهيءَ آتم ڌن؛
سدائين پرسن، رهي اليپ ڪنول جان.

١٩- گرمکھ جي گادي، انل جان آڪاس ۾؛
هار جيت دک سکھ کون، اگم الهدي؛
چڙهي تنهن چوڪيءَ تي، ٿيو سهجي سماڌي؛
لڌائين آدي، **ساهي** سکھ سروپ ۾.

٢٠- گرمکھ ڇپي ڪين، جنهن جو پَٽُ پري ٿيو؛
توڙي ڏُر پل پنگلو، ڪوٽ ڳنڍيون ڪوپين؛
پنجئي ماري پنهنجا، تنهن **ساهي** ڪيا اڏين؛
سدا رهي لي لين، انهيءَ جي آڪاس ۾.

٢١- توڙي لکھ لڳين، چاٽان حرف حساب جون؛
گرمکھ ڳاهڪ گڻ جا، پلڪ نہ پاسو ڪن؛
پلو چاڙهي پنهنجو، سنمکھ سدا رهن؛
**ساهي** سمجهيو جن، پکو پير پرينءَ جو.

٢٢- اَٿ ئي پهر پَلن، گرمکھ پنهنجي پاڻ کي؛
**ساهي** سم ويساه سان، پنجئي دوت دسن؛
اندر ول ولن، باهر باقن ڪين کي.

Gul Hayat Institute

## (سلوڪن جو تاتپرج)

**ساميءَ** چوي ٿو تہ دنيا جي موھہ ۾ سڀئي انسان مست آھن يعني دنيا ۾ ڦاٿا پيا آھن؛ خود ڪيترا تياڳي ۽ ويراڳي پرش، جن ظاھري دنيا کي ترڪ ڪري ڇڏيو آھي اھي بہ دنيا جي جار ڪان ڇٽل ڪونہ آھن. ڪو وڏن نصيبن وارو گروءَ جي اپديش تي ھلندڙ پرش، دنيا جي جار ڪان ڇٽل رھي ٿو. اھو گرمک کھڙي قسم جو آھي جنھن جي اندر ۾ گيان جي جوتي جاڳي آھي ۽ انھيءَ گيان دواران ھن پنھنجو پاڻ کي ارٿات پنھنجي آتم کي سڃاتو آھي؟ ورلا ڪي گرمک آھن جي پاڻ کي ھن دنيا ۾ مزمان ڪري سمجھن ٿا يعني ائين ڄاڻن ٿا تہ اسين ھن سنسار ۾ ٿوري وقت واسطي آيا آھيون ۽ اسان جو وطن ڪو بيو آھي. انھن جي ھردي ۾ پوري گروءَ اپديش روپي سيتل تير ھنيو آھي؛ اھي پنھنجي خوديءَ ۽ ديھہ جو ممت ڇڏي مھاپرشن جي سنگ ۾ خوش گذارين ٿا. جيڪي گرمک آھن سي ڪنھن سان بہ نجي ۽ دولاب ڪونہ ڪن ٿا ڇاڪاڻ تہ ڪامل مرشد انھن جي خوديءَ ۽ بيائيءَ جا پردا دور ڪري ڇڏيا آھن، جنھن ڪري ھو ھرھڪ چيز ۾ پرماتما کي ڏسن ٿا. پوءِ ھو ڪنھن سان ڪوڙ ڪپٽ ڪن؟ جيڪي سچا شش يا مريد آھن سي موھہ ۽ خودي ڇڏي ھميشہ پريم ۾ رتل

Gul Hayat Institute

رهن ٿا ۽ گيان روپي آسمان ۾ پکيءَ ڪئان ۽ هاٿيءَ
۾ هڪ صاحب جو ديدار ڪن ٿا. اهڙا گرمکھ پرش
سنتن جي سنگھ ۾ رهي پرماتما جي ساراهه جا خوشي
ڏيندڙ وچن پاڻ به ٻڌن ٿا ۽ ٻين کي به ٻڌائي انهن جا
ڪارج راس ڪن ٿا ۽ پاڻ پنهنجي آتم پد يا روحاني
منزل تي سديئو قائم رهن ٿا. گرمکھ پرش اندرمان
خودي ۽ غير گند ڪيڍي گنگا جل وانگر اُوجل رهن ٿا.
اهي پرماتما جو درشن پراپت ڪري بي غم ۽ بي پرواهه
رهن ٿا. اهي اهڙي شڪتي حاصل ڪندي به پاڻ کي
نربل سمجهن ٿا يعني خودي نٿا رکن ۽ سدائين شانت چت
رهن ٿا. اهي هميشه ڌڻيءَ جي ڌيان ۾ رهن ٿا ۽ خوشيءَ
جا راڳ ڳائين ٿا. ورلا ڪي گرمکھ آهن جي دنيا کان
اُداس رهن ٿا ۽ انکي فاني سمجهن ٿا ۽ يونٽري وانگر
واس ونءِ سڀ ڪنهن هنڌ پرماتما پسن ٿا.

Gul Hayat Institute

## ( مانڪ ڏيهه )

١- ڪنهن ورلي کي آهي؛ قدر مانڪ ڏيهه جو؛
ڏنو جنهن گرگيان سان، منهن مڙهيءَ پائي؛
ممتا مِٽائي، سڪي تيو **سامي** چئي.

٢- ورلي ڪنهن قدر، جاتو مانڪ ڏيهه جو؛
اچي مليو اوچتو، جنهن کي غيبي گُر؛
تنهن متايس مَن جي، **سامي** هُر گُر؛
هَرِ ڏسي حاضر، چيتيءَ ڪنچر ۾.

٣- ورلو ڪو جاڻي، قدر مانڪ ڏيهه جو؛
**سامي** جنهن کي ستگرو، انتر مک آکي؛
صاحب سڃاڻي، چيتيءَ ڪنچر ۾.

٤- ورلو ڪو جاڻي، قدر مانڪ ڏيهه جو؛
جو ملي ساڌ سنگت سان پُسريو گهر آڻي؛
ڏسي سڀ سنسار کي، جاڻيءَ ۾ جاڻي؛
**سامي** سڃاڻي، جاڳي پنهنجو پاڻ کي.

٥- امولڪ آهي، مانڪ ڏيهي ڏب رتن؛
ڪنهيو ڪوڙ ڪَلر ۾، تو مورک ملائي؛
امرت ڇڏي هٿ مون، وِگسي وِکُ کائي؛
منهن مڙهيءَ پائي، **سامي** ڏسي ڪينڪي.

Gul Hayat Institute

٦- مانک جنم املڪ، ڪنهن پاتو ٻُورِنِ پُن تي.
سو پوساگر جي پيٽ ۾، رِڙهي ڪَرِمَ رولُ؛
**سامي** سنتن سان ملي، لهه آتم پد اڏولُ؛
هر هر اهڙو تول، هٿ ايندءِ ڪينڪي.

٧- ناحق وڃائين تون، مورک مانک ديھ کي؛
**سامي** سنتن سان ملي، ليکي نه لائين؛
ڄاڻي ست سنسار کي، روئين ءِ ڪائين؛
ٻُڪ پري لائين، تون مِٽي پنهنجي منهن ۾.

٨- مانک ديھ اُتم، ڪنهن پاتي پورن پُن تي؛
**سامي** چئي تنهنجو، رکي من مرم؛
اَتي بي قيمت جو، هڪڙو هڪڙو دم؛
ڇڏي ڪلپت ڪم، جاڳي جپ نام کي.

٩- ورلي ڪنهن ڄاتو، قدر مانک ديھ جو؛
جنهن ملي ساڌ سنگت سان، منهن مڙهيءَ پاتو؛
**سامي** چئي سروپ کي، سنڌ سڃاتو؛
واري خط ڪاتو، جنهن ڏي وينو جم سان.

١٠- هيرو جنم نه هار، مورک من جي ياءَ تون؛
ملي ساڌ سنگت سان، اوديا پيرم نوار؛
پنهنجو پاڻ سنڀار، ته سڪي ٿئين **سامي** چئي.

١١- هيرو جنم نه هار، مورک جيءَ مرم ورائي؛
تو ڇار وڃائين ننڊ ۾، ڪوڙ ڪپٽ ۾ ڇار؛

ڏسي ڪال قهار کي، رئندي زارون زار؛
ساڄهر سارُ سڀار، **سامي** چوئي ساڌ سنگ.

١٢- اندا ڪن اعتبار، ڪايا مايا ڪل جو؛
ست جاڻي سنسار کي، کپي تين خوار؛
رهي اليپ آڪاس جان، ڪو ساڌو جن سچار؛
جنهن کي سک قرار؛ **سامي** ڏنو ستگروءَ.

١٣- مانڪ جو اوتار، ڪنهن مليو پورن پُنُ تي؛
تنهنجي ڪريان ڪيتري، وڏائي وسنار؛
سهسن ۾ **سامي** چوي، ڪو جاڻي سنت سچار؛
ڪيو جنهن ديدار، گرگم ڀرچي پنهنجو.

١٤- ويٺي سا ويٺي، باقي رکُ رهت سان؛
**سامي** سپرين کي، اندر پُس پيهي؛
مانڪا ديهي، موتي ايندي ڪينڪي.

١٥- پرين وسن پار، من بڌ واٽي ڪرم ڪون؛
هيڏي هوڏي هٿڙا، مورک الله نه مار؛
پيهي پنهنجي گهر ۾، گرگم ڏيو بار؛
هيرو جنم نه هار، **سامي** چئي سمجهه ري.

١٦- نانا ڀهارين، مورک من جي پاءِ تون؛
چئي هڪ زبان سان، سڀ کي ڏيکارين؛
گهر پنهنجو نه ڏسين، **سامي** سنڀارين؛
حرفت ڪيو هارين، هيرو جنم هٿن مون.

Gul Hayat Institute

١٧- نانءَ نه نهارين، پائي منهن مڙهيءَ ۾؛
جنم پاتيءَ جڳت ۾، سو حرفت ڪيو هارين؛
موڪ ٿو مارين، تون پنهنجي هٿين پاڻ کي.

١٨- ڪايا ڪوٽ ڪچو، آهي منارو مٽيءَ جو؛
آهي ساهه سرير ۾، تنهن جوڙي راس رچو؛
جنهن کي لڌو تن مون، سو پيري ڪون بچو؛
ڪِري ٿيو ڪچو، جڏهن ويو ساهه سرير مون.

١٩- ڀُلي سڀ سنسار، ديهي مَني پاڻ کي؛
جنمي مري ڏک سهي، ڇڏي نه اهنڪار؛
ورلي ڪنهن گرمک ڪيو، واسٿو جو ويچار؛
ڏسي ساڪِي سارُ، سنمک ٿيو **ساهي** چئي.

٢٠- وڃي تي گذري، آرجا هن هٿن مون؛
سمجهي ڏس **ساهي** چئي، تون ڪري دل اُجري؛
موت ڪندءِ مُجري، اڃي ڪِري اوچتي.

٢١- راتيون ڏينهن ڇِڪي ٿو، چڙهيو ڪال ڪلهن تي؛
سمي ساڻ سپڪنهن کي، نيندو ساڻ ڏکي؛
ڏاريو جنهن سرير کي، سو اسٿر ڪين ٽِڪي؛
توڙي وڃي لِڪي، ڪو **ساهي** لنڪا ڪوٽ ۾.

Gul Hayat Institute

## (سلوڪن جو تاتپرج)

**ساهي** چوي ٿو تہ هي جو مانش جنم اسان کي مليو آهي سو امولڪ جنم آهي، جنهن کي اشرف المخلوقات چيو وڃي ٿو. اهڙي مانک ديهہ جو ڪنهن ورلي انسان کي قدر آهي، جنهن گروءَ کان اپديش وٺي پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي پنهنجي آتما جو درشن ڪيو آهي ۽ پنهنجي خودي وڃائي سچو سک حاصل ڪيو آهي. جنهن انسان کي پاڳن سان ڪو پورو گرو ملي ويو آهي، انهي سڪيا سان هن جي من جي سڀ چنتا يا اپائتہ مٽجي ويئي آهي ۽ پرماتما کي، ڪٿيءَ کان وٺي هاٿيءَ تائين، سڀ وستوءَ ۾ حاضر ڏسي ٿو. جنهن پرش کي هن مانش جنم جو قدر آهي، سو پنهنجو جنم دنيا ۾ اجايو نٿو وڃائي پر هومهاپرشن جو سنگہ ڪري پرماتما، جو هر جاءِ وياپڪ آهي، تنهنجو پنهنجي اندر ۾ ديدار ڪري ٿو ۽ پاڻ کي سڄاڻي ٿو تہ مان اصل ڇا آهيان. هيءَ مانک ديهي رتنن ۽ جواهرن کان بہ وڌيڪ قيمتي آهي پر اهڙي امولڪ وستو، هيءَ مورک جيوُ، دنيا، جا ناسونت ۽ ڪلر مثل آهي، جنهن ڪلر مان ڪجهہ بہ

ورڻو ڪونہ آهي، انهيءَ جي پنيان اجائي وڃائي رهيو آهي، ۽ امرت ڪي ڇڏي خوشيءَ سان زهر کائي رهيو آهي. هيءُ انساني سرير ڪن وڏن پڃن ۽ شڀ ڪرمن ڪرڻ سان پراپت ٿيو آهي، سو هن خوفناڪ دنيا جي لاءِ پاپ ڪرمن ۾ رلائي خراب نہ ڪر. مها پرشن جي صحبت ۾ رهي نہ ڇرندڙ آتم پد پراپت ڪر ڇاڪاڻ تہ هھڙي املاڪ ديھ توکي بار بار ڪانہ ملندي آهي. اي مورک انسان! تون هيءَ پنهنجي مانڪ ديهي اجائي برباد ڪري رهيو آهين ۽ درويشن سان ملي ڪنهن سچائي ڪم ۾ نٿو لڳائين؟ هن دنيا کي استت يا قائم سمجهي روئين ۽ کائين پيو. اجايون تڪليفون ۽ ڏک پيو سهين ۽ مٽيءَ جا ڀڪ ڀري پنهنجي مٿان پيو وجهين ارٿات اجايا بار ۽ بوجا ڪٺي پنهنجي مٿان پيو رکين. هي املاڪ منش جنم آهي جنهنجو هڪ هڪ دم بي بها آهي. انهيءَ جو پنهنجي دل ۾ ڪجهہ مرم يا حياءُ رکہ ۽ اجايا ڪم ڇڏي پرماتما جو سمرڻ ڪري سچو سکہ پراپت ڪر.

Gul Hayat Institute

## ( ساڌ سنگت ۽ ست سنگ )

١- وڃي پؤ ڪري، **سامي** ساڌ سنگت ۾؛
ڏيکيا وني دل سان، لنگهي گهاٽ گهري؛
ته سهڄي جڳ سپني جو، وڃيئي وسري؛
اڇي ڪين ننڍڙي، جنم مرڻ جي ڏک ۾.

٢- ول ڇل سڀ ڇڏي، اچي ساڌ سنگت ۾؛
سنتن ساپرسن سان، جوڙي جيءُ گڏي؛
ته وڃهني سنت اڏي، ڏسي سک **سامي** چئي.

٣- بنا ساڌ سنگت، **سامي** سڌريو ڪونڪو؛
جاڳي ڪين اندر مون، پيئي سڀ ممتا مت؛
پائي گيات گروءَ جي، ڪرين اپيد پگت؛
ته ساکي ڏسين ست، چيتنيءَ ۾ ڪنچڙ ۾.

٤- ساڌ سنگت جي اوٽ، وڏي جنهن ويساه سان؛
**سامي** نه ڇلي ڪنهن جي، تنهن ڇيتن تي چوٽ؛
ڪٽي سنئيائين سر تون، پاپ پڻ جي پوٽ؛
تن ۾ ٽيرت ڪوٽ، پرچي ڪري پرينءَ سان.

Gul Hayat Institute

٥- جنهنکي رنگ لڳو، **سامي** ساڌ سنگت جو؛
اٿي تنهنجي گهر مون، اوديا پوت پڳو؛
ڪيائين صاف سمجهه سان، پڇو ۽ اڳو؛
وڪٽي ڀور ڀڳو، سنت مليو سروپ سان.

٦- جنهنکي رس آيو، **ساهي** ساڌ سنگت جو؛
تنهن جوڙي من مرم سان، انتر مکه لايو؛
گرگم سار سهي ڪري، سنسو مٽايو؛
نهيو نهرايو، سکه لڌائين سم جو.

٧- مري جنهن مڙو، وڏو ساڌ سنگت جو؛
سو ستيه ستِ سروپ جو، ڇڏي ڪين ڇڄو؛
لئي ڏناءِ لکه ۾، **ساهي** جڳه سڄو؛
توڙي رهي رڄيو، ته پي ڪري پيکه ٻکين جان.

٨- آهن اڳم اپار، راهان رام ملڻ جون؛
تن سيني ۾ هڪڙي، ساڌ سنگت ڀج سار؛
**ساهي** مل تنهين سان، ڪري پريم پيار؛
ته دوست جو ديدار، ڏسين پيڊ پرم ري.

٩- رکيو جنهن ناتو، سر تي ساڌ سنگت جو؛
يگت هار ڳڇيءَ ۾، پوئي تنهن پاتو؛
**ساهي** سپرين کي، سڀ گهٽ سڃاتو؛
وائي نه واتو، سيوڪ تي سيوا ڪري.

١٠- وڏو جنهن ستي، پنهنجو پاڻ سنگت ۾؛
سو نڪي واڌي ۾ وڌي، نڪي گهاٽي منجهه گهٽي؛
بنا چيت چٽي، سلِ الوٽي سم جي.

١١- جنهن کي لڳو قل، اچي ساڌ سنگت جو؛
مٽيو تنهن جي من مون، **ساهي** سڀ خلل؛

Gul Hayat Institute

سَنهه سَت سروپ کون، پاسي ٿئي نه پل؛
انئَي پهر اچل، رهي پنهنجي حال ۾.

١٢- جنهن دل ڏيئي، **سامي** ساڌ سنگت کي؛
مِٽيا تنهن جي من مون، سنسا سيئَي؛
ساڌي چڙهيو سر تي، اُروار پار پيئَي؛
درشت وچي پيئَي، سَنهه سَت سروپ تي.

١٣- جنهن کي آيو رس، **سامي** ساڌ سنگت جو؛
مِٽي تنهن جي من مون، ڪوٽ جنم جي ڪُسُ،
نِرمل نارائڻ جو، بندي بولي جس؛
خانوند باجهون خس، خالي ڏسي ڪونڪو.

١٤- جني ڏيئي دل، **سامي** ساڌ سنگت کي؛
سي پرچي ڏسن پور ي، جهڳي ۾ جهل مل؛
چڙهي رنگ محل، مؤجان ڪن ممت ري.

١٥- سڏن سودائي، تنهنکي جيءَ جهان جا؛
جنهن سنهه ساڌ سنگت جي، رج مستڪ لائي؛
چڙهيو انيئَي اڄ تي، وڃائي وائي؛
**سامي** سدائين، سنمک ڏسي سپرين.

١٦- بيا سڀ ڪم ڪوڙا، بنا ساڌ سنگت هر ڀڳت؛
**سامي** سمجهن ڪينڪي، مورکه مت موڙها؛
کي گرمکه ڳوڙها، پرچا پاڻ ڪيدي ڪري.

Gul Hayat Institute

١٧- جيڪي سرڻ پيا، **ساهي** ساڌ سنگت جي؛
تنجا پوري ستگوروءَ، ڪارج سڌ ڪيا؛
ويري متر ٿيا، ممت نہ رهي من ۾.

١٨- جيڪو سرڻ پئي، **ساهي** ساڌ سنگت جي؛
سو آتم پد اگم جي، سته سڌ لهي؛
راتيان ڏينهن رهي، ارڌ اورڌ جي وچ ۾.

١٩- سمجهي جني سين، **ساهي** ساڌ سنگت جي؛
سي ممت مٽائي من جي، ٿيا اوڌوتي عين؛
جاڳي ڪڍن نين، تاڏي ڏسن سپرين.

٢٠- تڪي بينس ٿڙ، ڪنهن پار لنگهائيم ڪينڪي؛
بيڪ گره سڀي لوڪ، سڀ **ساهي** سور سگهر؛
نہ ڪي ساڌ سنگت جي، لنوَ سان وڌيم لڙ؛
سهجي اوديا اڙ، مِٽي ويئي من موڻ.

٢١- جني لائي خاڪ، سر تي ساڌ سنگت جي؛
سهجي سک سروپ جو، ماڻن سي مشتاق؛
ٻڌي جن جا واڪ، سهجي من سيتل ٿيو.

٢٢- جنهين دل ڏيئي، **ساهي** ساڌ سنگت کي؛
سهجي سپرين جي، تنهنکي سڌ پيئي؛
سنسا سڀيئي، ميٽي وينو محل ۾.

Gul Hayat Institute

## ( سلوڪن جو ترجمو )

**سامي** چوي ٿو تہ تون سادن يا مهاپرشن جي شرن وڃي پؤ ۽ سچيءَ دل سان انهن کان اپديش پرا پت ڪر. انهن کان سکيا وٺڻ سان توکي گهڻو فائدو ٿيندو؟ توکي اهو فائدو ٿيندو جو هيءُ جهان، جو خواب مثل ڪوڙو آهي، سو توکان وسري ويندو ۽ تون جنم مرڻ جي دک کان ڇٽي مڪتي پراپت ڪندين؛ چاڪاڻ جو جيستائين انسان جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچي دک پيو ڀوڳيندو تيستائين هن کي پورو آرام يا آنند پراپت ٿي ڪين سگهندو. تنهن ڪري تون ول ڇل، ڪوڙ ڪپٽ سڀ ڇڏي سنتن جي شرن اچ. پوءِ اهي سنت تنهنجي سڪ ڏسي توکي پرماتما جو ديدار ڪرائي ان سان ملائي ڇڏيندا. درويشن جي صحبت کان سواءِ ڪوبہ ڪونہ سڌريو؛ تنهن ڪري تون پنهنجي اندر مان آپو ڪڍي، گروءَ کان گيان وٺي، ڪنهن بہ ڀيد کان سواءِ پڪيءَ ڪر تہ پوءِ توکي ڪليءَ ءُ هائيءَ ۾ هڪ پرماتما ڏسڻ ۾ ايندو. جنهن انسان، شردا سان سادن جو اجهو ور تو آهي، تنهن کي ڪوبہ دکي ڪري يا رنجائي ڪونہ سگهندو. اهڙي گرمکہ پنهنجي مٿي تان پاپ ۽ پنج جو بوجو لاهي ڦٽو ڪيو آهي يعني هو انهن ڪمن کان نرليپ رهي ٿو ۽ هنجي اندر ۾ انيڪ تيرٿ ۽ پوتر آستان واسو ڪن ٿا. اهي تيرٿ هو خوش ٿي پنهنجي

پرينءَ پياري سان گڏ پيئي ٿو. ٻاهرين تيرٿن تي پنڌ ڪرڻ جو اُن کي ضرور ڪونهي ڇاڪاڻ جو پوتر دل ڪان مٿي ٻيو ڪو به تيرٿ ڪونهي. جنهن جگياسوءَ کي سنتن جي سنگ جو رنگ لڳو آهي تنهنجي اندر مان اگيان دور ٿي ويو آهي ۽ هو آڳو ۽ پڇو سنڀالي پير ڪڍي ٿو. دنيا جي ڌنڌن ڪان فارغ ٿي هو سهجيئي پرماتما سان لين ٿئي ٿو. جنهن کي ساڌن جي سنگ جو مزو آيو آهي تنهن پنهنجي من کي موڙي پنهنجي اندر ۾ لڳايو آهي ۽ گروءَ ڪان اپديش وٺي پنهنجا سڀ ڀرم ۽ سنسا نوار يا آهن ۽ سم درشتا (يڪ نظري) جو سک حاصل ڪيو آهي. جنهن انسان جيئري ئي مري ارٿات پنهنجو آپو وڃائي مها پرش جو سنگ ڪيو آهي، سو پرماتما جو اڇهو نشو ڇڏي ۽ سڄو سنسار پرميشور ۾ سمايل ڏسي ٿو.

Gul Hayat Institute

## ( سنتن جي ست سنگ جو قُل )

١- اوديا ڪيڙ و انڌ، پنل ڏيئي جيءَ کي؛
اچي تيس ڪنهن پُن تي، سِنتن سان سنبنڌ؛
ڏيئي تن آنند، **سامي** جيءُ سچو ڪيو.

٢- پريت اچي پيئي، **سامي** ساپرسن سان؛
خاص خزانو گيات جو، ڇڏيو تن ڏيئي؛
وپري رهيو ڪونڪو، تيا سچرط سيپيئي؛
پاس پلي ويئي، اوديا پرم اسار جي.

٣- پاڳن ڏنو پر، تڏهن سنتن جو سنگ تيو؛
ڇهد جو جنمن جو، سو سڀ ثاب پيو؛
سنسو آتم جيءَ جو، وڃائون ويو؛
پرين پاط ڪيو، هيءَ نظر لماٽيءَ تي.

٤- جنهن جنهن پد پاتو، تنهن **سامي** سنتن سان ملي؛
سنتن ري ڪنهن پاٺهين، سار نه سڃاتو؛
رهي جيءُ جنجال ۾، اوديا رنگ راتو؛
گرمک سو گياتو، جو سمجهائي اسمجهه کي.

٥- رکيو جنهن ناتو، سنتن ساپرسن سان؛
تنهن لنگهي مايا موه کون، پورن پد پاتو؛
چيتيءَ ۽ ڪنچر ۾، صاحب سڃاتو؛
وائي نه واتو، **سامي** رهي سنتوکه ۾.

Gul Hayat Institute

٦- لگي ميخ نہ اُکڙي، هنئين جا هوتن؛
سوين سونارا مڙيا، لکين لوهارن؛
انبورن سان اُکري کري، کس نہ کڏي تن؛
شابس تن پرين، جن چڙ سان چوري کڍي.

٧- جني پاتي مت، سنتن ساپرسن جي؛
تني جا تو جڳ کي، اڻ هوندو پرم اَست؛
آهي جنهنجي آسري، سوئي ڏنائون سَت؛
راتيون ڏينهان رت، ساهي رهن سروپ سان.

٨- ملي مهد جن سان، انيئي لنؤ لائي؛
اوديا دک اندر ۾، رهيو نہ رائي؛
سهجي سمائي، مايا محبوبن جي.

٩- سنتن سرن پئي، پريمي پريت پرتيت سان،
جاڻ وڃائي پنهنجي، آگيا منجهہ رهي؛
تڏ گرمي بکہ ڏيہ جي، ساهي سڀ سهي؛
تڏهين لعل لهي، امولک اندر مون.

١٠- کڏي پاڻ کرين، سنگت سادوءَ جن جي؛
وڃن امول پڏي کري، هردي منجهہ ڌرين؛
اوديا سنڌ ترين، ساهي سم ويساه سان.

١١- اها تهل کرين، سنتن ساپرسن جي؛
ممتا کڍي من مون، ساهي پيت ڌرين؛

Gul Hayat Institute

جاڻ وڃائي پنهنجي، انهيءَ اجر جرين؛
تہ موٽي ڪين مرين، پائي سک سروپ جو.

١٢- سنتن ساڻ هلين، **سامي** سپرين ڏي؛
وٺي راهہ ويساهہ جي، ڪٽي پير جهلي؛
ڪرين سواري پريم جي، ٻڌين سچ پلي؛
تہ اچي پاڻ ملي، اڳيون توسان سپرين.

١٣- ٻيا سڀ ڏٺي ٻن، ڪجهي سنگ سنتن جو؛
جي آئي ڪي آدر سان، پرچي پنهنجو ڪن؛
ذات ورن ڪل ڪرم ڏي، **سامي** ڪين ڏسن؛
گڏي گڏ ڇڏين، سته سڌ سروپ سان.

١٤- سنت سنگ سڦل، جنم ٿيو تنهن جن جو؛
جاڳي ڪيو جيءَ مون، **سامي** ممتا مل؛
ڪنهن سان ڪري ڪينڪي، ڪوڙ ڪپٽ ول ڇل؛
سداءِ سيتل، رهي پنهنجي حال ۾.

Gul Hayat Institute

١٥- ساپرس جو سنگ، سيتل ڪري سڀ ڪي؛
ميٺي ڏئي مستڪ تون، ورداتا جو انگ؛
وڃي لاهي تنهين ڪون، جنهنکي لڳو رنگ؛
**سامي** ٿي سر ڀنگ، ورتي وڏ وچار سان.

١٦- پرچي جنهن پياسيءَ، ساڌوءَ جو سنگ ڪيو؛
سهجي ٿيو **سامي** ڇٽي، تنهنجو پت پاسي؛

اندر باهر نپ ڇان، ساکي سم باسي؛
ڦري نه ڦاسي، اوديا جي اهنڪار ۾.

١٧- سنتن سنگ ڪيو، جنهن **ساهي** سک سچيءَ سان؛
سهڄي تنهن جي جيءَ مون، سنسو پرم ويو؛
لنگهي پار پيو، اوديا جي آڙاه کون.

١٨- سداءِ سيتل، سنگت سنت جن جي؛
ڪوري سڀ قلوب مون، ڪيڍي ممتا مل؛
جوڙي جوت سروپ سان، **ساهي** ڪري اچل؛
چڙهيو جن عمل، واقف سي وروه جا.

١٩- تيو سنت سنگ، پيا سڀ سنگ ڇتي ويا؛
اڇي ازغيبي لڳو، لنؤ لنؤ آتم رنگ؛
ممت متائي من جي، **ساهي** رهي نسنگ؛
ڇاکي گهمي ڇهنگ، جنهن گهر ۾ لذا سپرين.

٢٠- ڏني سمائي سبجهه، سنتن ري سنسار ۾؛
مرگهه ترشنا جي جل مون، **ساهي** لئي نه اڄ؛
جاڳيا پورن ڀڄ، تڏهن سنتن جو سنگ تيو.

٢١- عجائب آهي، سنگت سنت جن جي؛
اوديا ميل اندر مون، ڌوئي سڀ لاهي؛
ساهي لکائي، ننهنجو پاڻ اکين سان.

Gul Hayat Institute

سنگہ مان ئي حاصل ڪيو آهي. انهن جي سنگہ کان سواءِ ڪنهن کي بہ انهيءَ سار يا تت جي خبر نہ پيئي آهي. مهاپرشن جي صحبت کان سواءِ هيءُ جيوُ اگيان جي رنگہ ۾ رڱجي دکہ ڀوڳي رهيو آهي. جنهن انسان سنتن سان ناتو رکيو آهي تنهن مايا ۽ موهہ کان پار پئي پورن آتم پد پراپت ڪيو آهي ۽ هو ڪنهن ۽ هاتيءَ ۾ هڪ پرماتما پسي ٿو. اهڙو پرش واد وواد کان دور رهي پنهنجي آنند ۾ رهي ٿو. جيڪي جيوَ مهاپرشن جي اپديشن تي هلن ٿا، انهن هن جهان کي اڻ هوندو پرم ۽ ڪوڙو سمجهو آهي ۽ هيءُ جهان، جنهنجي آسري هلي ٿو، انهيءَ کي ئي ست ۽ قائم سمجهي، رات ڏينهن انهيءَ سان ملڻا رهن ٿا.

Gul Hayat Institute

## ( ساڌو جن جا گڻ )

١- چالِ اُلٽي چال، ساڌو جن سنسار کون؛
لنگھيا پار سمنڊ کون، جن ۾ ماري چال؛
ميٽي وينا من مان، **سامي** سڀ خيال؛
رهن لعل گلال، سدا پنهنجي حال ۾.

٢- ويد وِمل آهين، ساڌو هن سنسار ۾؛
ناڙ نهاري من جي، ڏب دارون ڏسائين؛
زحمت ڪوٽ جنم جي، هڪ ئي گهڙي منجهه لاهين؛
جوڙي جاڳائين، ڪامل پنهنجي ڪل سان.

٣- گهڻ نرمل آهين، ساڌو جن سنسار ۾؛
اُوجل آتم گيان جي، ورکا وسائين؛
اوڏيا ميل اندر مون، ڌوئي سڀ لاهين؛
اُنيءَ اپجائين، **سامي** سهج سروپ جي.

٤- سدا سم رهن، ساڌو جن سنسار ۾؛
بندن ڳالهائين من رڙي، ليڪن سان نرڪن؛
ڪائن پيئن خوش ٿي، هاج سيائي ڪن؛
هلايا هلن، **سامي** سپيرين جان.

٥- نرمل نرالا، ساڌو جن سنسار ۾؛
ڪاڻ نه ڪيڏن ڪنهنجي، سدا سکالا؛
رتا رهن رنگ ۾، مگن متوالا؛
پيدا ءِ پالا، **سامي** تين ڪينڪي.

٦- آن اُپڪاري، ساڌو جن سنسار ۾؛
ٽيئي ٽپر ٽرم جي، ممتا جن ماري؛
ساري وس تاري، جوڙي جهاز پڳت جو.

٧- ڪنهن کي ڪين جهلين، ساڌو ڪُشپ ڪرڻ ڪون؛
**ساهي** واد وواد ڪون، پنهنجو پاڻ پلين؛
شيشو دل اندر جو، محبت ساڻ ملين؛
اندر ول ولين، پاهر باقن ڪينڪي.

٨- ورلا جن ڪيئي، ساڌو هن سنسار ۾؛
ڪديا جن اندر مون، سنسا سڀيئي؛
سهي ڪياڻون سپ ۾، برين کي پيهي؛
سنمڪ ٿيا سيئي، **ساهي** سپرين سان.

٩- آهن بوڌڻ جوڳ، ساڌو جن سنسار ۾؛
ڪديو جن اندر مون، سمجهي سنسو سوڳ؛
ساڪي سار سروپ تي، يوڳين يوڳ ايوڳ؛
اوديا ڪلپت روڳ، **ساهي** ڪٽين سڀ جو.

١٠- سداءِ نرملَ ساڌو جن سنسار ۾؛
ليپ نه لڳي تنکي، جئن جلَ رهن ڪنولَ؛
اندر سم سيتلَ، باهر تنا تاو جان.

١١- ڏسي ڇڏائن ٿا ڪرم، ساڌو جن سڪه کي؛
جُڳت سان جوڙي ڪري، ٿا انترمکه لائن؛

Gul Hayat Institute

اوديا ڪوٽ جنم جي، من مون متائن؛
ساهي لڪائن، آتم پد اکين سان.

١٢- سدا ايڪانتي، ساڌو جن سنسار ۾؛
پرچي پنهنجي گهر ۾، پاتي جن جهاتي؛
سامي؏ سڃاتي، مورت محبوبن جي.

١٣- ڪوه ڪريان اُستت، ساڌو جن جي مک سان؛
من بڌ واڻي؏ ڪون پري، پهچي سگهي نه مت؛
ساڌو جنهجي مت، ساهي جاڻي ساڌ جن.

١٤- سداءِ نرملَ، ساڌو جن سنسار ۾؛
ليپ نه لڳي تنکي، جئن جل رهن ڪنولَ؛
سوڌا ورتن سڀ سان، ساهي بنا خللَ؛
انيئي روپ اَچلَ، گهٽن وڌن ڪينڪي.

١٥- جئي پڌائين ٽا، ساڌو حرف حساب جو؛
جڳتين سان جوڙي ڪري، الڪه لکائين؛
لالي سي پائين، جي گروءَ جي گس پيا.

١٦- اوديا پند اُڇلي، ساڌوءَ وڌي سر تون؛
ساهي جاڻي سپنو، انيت ۽ پرلئي؛
رکي چاه اندر ۾، ڪنهن سان ڪين ملي؛
توڙي خلق ڪلي، ته به سيتل رهي سياءَ ۾.

Gul Hayat Institute

١٧- ساڌو سڌ ڪري، سار لڪائن سڀ ڪي؛
پرم چڙهي ڪو پاڳوان، ڏيکيا من ڌري؛
ڏسي پنهنجو پاڻ ڪي، نرمل نيڻ پري؛
پلڪ نه تئي پري، **ساهي** تنهنکون سپرين.

١٨- ساڌو جن ٿالت، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
جو جاڳي چڙهيو چت تي، چڙهي اونگهه آلس؛
رهي مايا موه ڪان، خلاصو خالص؛
وس جو هڪ والت، **ساهي** جاڻي سپرين.

١٩- سوئي ساڌ سگڻ، **ساهي** هن سنسار ۾؛
جو جيئندي من مواس ڪي، ماري ڪري مڙهه؛
لوڙي لهي تڙ، اُلٽي آتم سَرَ جو.

٢٠- سو ساڌو جن جاڻ، جو ساڌي من شد ڪري؛
ڏکہ سکہ لاپ الاپ ۾، رهي ثبوتيءَ ساڻ؛
**ساهي** چئي سيڪنهن جو، ڪيول گهري ڪلياڻ؛
ڪيي پنهنجو پاڻ، پيئي پياري رام رس.

٢١- ورلو ڪو آهي، ساڌو جن سنسار ۾؛
جو جگيياسيءَ جي جيءَ جو، سنسو مٽائي؛
اوديا پت لاهي، **ساهي** لڪائي سار ڪي.

Gul Hayat Institute

ساڌو جن ھن دنيا ۾ سمر پاؤ سان رھن ٿا ارٿات سڀني
۾ ھڪ پرماتما کي پَسن ٿا ۽ ھو من کان سواءِ ٻڌن،
ڳالھائين ۽ ڏسن ٿا يعني ھو پنھنجو آپو ڪيڏي ڇڏين
ٿا ۽ سھج سڀاءَ ورتي ڌاري دنيا ۾ وچرن ٿا. مھاپرش
سدائين پوتر آھن ۽ سڀني کان الڳ رھن ٿا؛ ھو ڪنھن
جي بہ پرواھ ڪونہ رکن؛ سدائين سکالا ۽ پنھنجي آنند
۾ مست ۽ خوش رھن ٿا. ساڌو جن ھن دنيا ۾ ڪنھن
بہ ڀيد کان سواءِ سڀني جو اپڪار ڪندا رھن ٿا. انھن
ڌرم جي ٽيڪ وٺي پنھنجو آپو ڪيڏي ڦٽو ڪيو
آھي. اھي مھاپرش ڀڳتيءَ جو جھاز جوڙي سڄيءَ دنيا
کي تارين ٿا. مھاپرش ڪنھن کي بہ چڱن ڪمن ڪرڻ
کان منع ڪونہ ڪن؛ ھو واد وواد يا بحث مباحثي کان
ھميشہ دور رھن ٿا؛ ھو پريم جي پاڻيءَ سان دل جو
شيشو ڌوئي صفا ڪن ٿا. ھو اندر ۾ پيا حيلا ھلائين يعني
ھريءَ جو ڀڄن ڪن، پر ٻاھر پڌرو بہ ڪين ڪن.

Gul Hayat Institute

## (سنتن جا گڻ)

# يعني درويشن جون وصفون

١- پُڇهي پرمارٿ، سنتن ارٿ سڌ ڪيو؛
ميل وڃائي من جي، **سامي** ٿيا سمرٿ؛
ليپ نه لڳي تنکي، توڙي ڪئن اڪٿ؛
ٻئي ڪي ڏيئي هٿ، پار لنگهائن پاڻ ٿي.

٢- فارسي ءَ هندي، سنت چون ٿا ڳالهه هڪ؛
سمجهي ڪو **سامي** چئي، ٻيائيءَ بنا ٻندي؛
چڙهي انڀيءَ اَچ تي، وني راهه رِندي؛
پائي گيان گندي، سمهي سکپت سيج تي.

٣- عجائب عقل، سالڪ ڏنو سڪ سان؛
سمجهي روح راضي ٿيو، ڇڏي هنگامو هَل؛
چڙهي نور محل ۾، ڪيائين حق حاصل؛
وحدت ۾ واصل، پرچي ٿيو پريم سان.

Gul Hayat Institute

٤- سنت وني ويو ساڻ، پرچائي پد ۾؛
جتي تون مان ناهي ڪا، نڪو ويد پران؛
نڪو ڪال نه ڪرم ڪو، نڪو بيدي ٻاڻ؛
سنڌ پنهنجو پاڻ، **سامي** ڏسي سم ٿي.

٥- سنتن جو درسن، ڏسي نيڻ ٺري ويا؛
ٻُڌي واڪ وِلاس جا، لنؤ لڳي پرسن؛

اوڏيا ڪلپت نه رهي، مٽيو سڀ مَن؛
پائي آتم ڏن، **ساهي** سمهيو سيج تي.

٦- سنتن سَپاڙي، پٽي پاڙ پرم جي؛
**ساهي** لذائون سر تي، محبت جي ماڙي؛
هوري کيلن هر سان، ڏر ري ڏهاڙي؛
ساري وس ڳاڙهي، ڏسن گيان گلال ۾.

٧- **ساهي** سنت ڪَڇو، پلئه ڏيئي پاڻهنجو؛
ڏيکار پائين ڏيل ۾، ساڪي پرش سچو؛
اوڏيا اونده نه رهي، انهد ناد وڄو؛
بڪيو من رچيو، پل پل پيئي پريم رس.

٨- هوندي بل نربل، **ساهي** ڏنا سنت جن؛
جن ماري من مواس کي، جيتيا پنجئي دل؛
ڌرتي ۽ آڪاس جي، رکن ساري ڪل؛
ڪيڏي سڀ خلل، نيوان چلن نير جان.

٩- سوئي سنت ڀڳت، سوئي ڀڳت گيان وان؛
مرگ ترشنا جي جل جان، ڏٺو جنهن جڳت؛
متا پائين من مون، **ساهي** ممتا مت؛
انيڪ آتم تت، پائي پرچو پاڻ سان.

١٠- سوئي سنت مهنت، جو رکي سانت اندر ۾؛
**ساهي** ڏسي سڀ ۾، پيد بنا ڀڳونت؛
ڳاوي نت بسنت، پرچي پنهنجو پاڻ ۾.

Gul Hayat Institute

١١- سڀ ڪي سنت چون، ناڪر اتي گهر ۾؛
انڌا ڏسن ڪينڪي، ڪوڙا قصا ڪن؛
اڻ هوندي درياهه جي، وهه ۾ نت وهن؛
ڪي گرمکه لعل لهن، **سامي** جُڙي سروپ سان.

١٢- سنتن شڀ ڪرمَ، سمجهي رکيا سر تي؛
سيل سنتوش نروير تا، سيوا ديا ڌرم؛
تپ تيرٿ جڳ هوم ورت، **سامي** سڀ ڀرم؛
ميٽي ڀولو ڀرم، ڪن ڪرتارٿ ڪُل کي.

١٣- شِو ڪان پار پتي، پڇي سنتن جون خبرون؛
**سامي** تن جو حال چئو، جنکي رهت رتي؛
سي پرچا رهن پاڻ سان، پائي پران پتي؛
ڏکه سنسو ڳتي، متي تنهنجي من مون.

١٤- سنتن سڀ سَٽي، وڌائي ويچار سان؛
راضي رهن رضا ۾، پڙهي پريم پٽي؛
ڪائن خاص ڪتي، پرچي پورب ديس جي.

Gul Hayat Institute

١٥- ڀڳت جوڳ ڪرم ڪوهه، چون تا سنت جن؛
جُڳتن سان جوڙي ڪري، من کي ڏين مرم؛
ڪيڏي ڀول ڀرم، **سامي** چڙهن سير تي.

١٦- هميشه هوري، **سامي** ڪيلان سنت جن؛
ڪليي ڪلپت ڪوڙ جي، چت مون سڀ چوري؛

لائي وينا لِڪ سان، سُر سوڪُر ڏوري؛
انهيءَ اگهوري، لنؤ لنؤ بيٺي پريم رس،

١٧- سداءِ ويراڳ، رکن سنت اندر ۾؛
صاف ڪيائون دل کي، لائي ڌ تيا داڳ؛
جاڳي اوديا ننڊ مون، **ساهي** ٿيا سڄاڳ؛
سهجي ڪيلن ڦاڳ، چڙهي مير محل ۾.

١٨- هميشه هوري، **ساهي** ڪيلن سنت جن؛
لڳي جن کي لِڪ جي، لنوَ لنوَ ۾ لوري؛
ڪڍيائون ڪلپت جي، چت مون سڀ چوري؛
دم دم ڪٽوري، پيري پيمَن پريم جي.

١٩- هوري ڪيلن سنت، سدا سارنگ ڌر سان؛
لائي رنگ رهت جو، گائن انهيءَ چنت؛
مُوليا ڌسن موج ۾، **ساهي** سڀ جيءَ جنت؛
رهن اليپ اچنت، پين پيارن رام رس.

٢٠- سنتن ڪڍيو هٽ، هيرن ۽ لعلن جو؛
ڪولن ڳنڍ خوشيءَ سان، ڏسي نهه ڪپٽ؛
عينڪ ڏيئي اڻ ملهي، پرکائن پرگهٽ؛
**ساهي** لاهي لٽ، جن جوڙي ڪن جواهري.

٢١- ساڳ جاڻن سيرو، **ساهي** سنت شرم جو؛
ڦاڙيائون گر گيات سان، چنتا جو چيرو؛
پائي هرِ هيرو، سمهيا سڪپت سيج تي.

# (سلوڪن جو ترجمو)

مٿين سلوڪن ۾ **ساميءَ** سنتن يا درويشن جي وڏائيءَ ۽ گڻن جو ذڪر ڪيو آهي. **سامي** چوي ٿو ته جيڪي سنت يا مها پرش آهن سي پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ ڪوشش ڪري ان کي پائين ٿا ۽ پنهنجي دل مان پاپن روپي گندگي ڪڍي شڪتي پراپت ڪن ٿا. اهي نه رڳو پاڻ هن سنسار مان تري پار وڃن ٿا پر ٻين کي به تارين ٿا. اهي مها پرش کهڙي به ديش جا هجن پر اهي سڀ هڪ ئي ڳالهه ڪن ٿا. پر ڪو ٻيائيءَ جو نقطو دور ڪري انهن کي سمجهي! اهي مهاپرش پريم جو رستو وٺي انهيءَ اَچ تي چڙهن ٿا يعني جٽي خدائي نور آهي اتي واسو ڪن ٿا، ۽ آنند جي پلنگه تي ليٽن ٿا. اهي درويش جنهن کي گيان يا معرفت جو اپديش ڪن ٿا سي نور محل ۾ ڌڻيءَ جو ديدار حاصل ڪن ٿا. انهيءَ نور محل ۾ نڪو ”تون“ آهي ۽ نه ”مان“ آهي، نڪي ويد پران آهن. اتي سم درشٽي يعني هيڪڙائي آهي. سنتن جي درسن ڪرڻ سان نيڻ سيتل ٿيو وڃن ۽ انهن جا آنند روپي وچن ٻڌي روم روم خوشيءَ ۾ ڀرجيو وڃي، اگيان جا اجايا ويچار ۽ آپو سڀ نڪريو وڃي ۽ آتم دن پراپت ڪري سکيت سيج تي وڃي آرامي ٿجي ٿو. اهي مها پرش پرم روپي وڻ جي پاڙ،

بنياد کان وني پٽي ڦٽي ڪن ٿا؛ سڀ ۾ هڪ پرماتما بسي، محبت جي محل ۾ واسو ڪن ٿا ۽ ڪنهن به خوف کان سواءِ هريءَ سان هولي کيلن ٿا يعني خوشيون ڪن ٿا ۽ سڀيءَ دنيا کي گيان جي گلال ۾ ٻاڙهو ڏسن ٿا. جيڪي مها پرش آهن سي جگياسو جن جي مٿان پنهنجو ڪپڙو وجهي ڍڪين ٿا، يعني انهن جي عيبن ۽ اوڻاين ڏانهن نٿا ڏسن، پر پاڻ انهن تي ديا ڪري انهن کي اندر ۾ ساکي پرش پرماتما جو درشن ڪرائين ٿا؛ انهيءَ درشن پراپت ٿيڻ ڪري اگيان جي اونده دور ٿيو وڃي ۽ انهد شبد ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. مها پرش ٻل هوندي به نربل رهن ٿا؛ اهي پنهنجي مست من کي ماري پنجن ئي وڪارن تي سوڀ پراپت ڪن ٿا؛ ڌرتيءَ ۽ آسمان جي وچ يعني سڀي دنيا ۾ جيڪي پيو ٿئي تنهن جي هو جاڻ رکن ٿا؛ ايتري شڪتيءَ هوندي به هو هٺ اهنڪار ڪو نه ٿا ڪن، پر پاڻ مان سڀ وڪار ڪڍي جل وانگر هيٺانهين وات وٺن ٿا.

Gul Hayat Institute

## (هرجن جا گڻ)

۱- هر جن هر دائي، ڪيلن سڀ خيال ۾؛
رهن اليپ ڪنول جان، **ساهي** سُهاڻي؛
ٻڌي ڳالهه تني جي، سيتل ٿي ڇاتي؛
ڇهاتي تن ٻاتي، ڇوڙ چارو ناٿهن ڪو.

۲- هر جن ڪڍي هٿُ، وينا سودي سارِ جو؛
سمر ڪيائون ٽڪري، سمر ڪيائون وٽُ؛
جيڪو جگياسي اچي، ڇڏي ڪوڙ ڪپٽُ؛
**ساهي** سرسان مٿ، توري ڏين تنهن کي.

۳- هر جن ڪبلن ڦاڳهه، ملي هميشه هرسان؛
لائي رنگ رهت جو، ڳاون انهد راڳهه؛
ڌوئي دنيا داڳهه، **سامي** پين رام رس.

۴- سداءِ پرسن، هرجن پنهنجي حال ۾،
اسٿت ٿيا آرام ۾، پائي رام رتن؛
سار ڏنائون سڀ ۾، عجائب انن؛
**ساهي** تنهجو من، اچل چلي ڪينڪي.

۵- سداءِ هرجن، ٿا جوڙن جگياسيءَ کي؛
خوش ٿي ڏين پورن کي، نانا ويد وچن؛
**ساهي** ڪن انن، ڪلپت ڪلر ڪيڏي ڪري.

Gul Hayat Institute

٦- آهي سڀ پوري، رچنا منهنجي رام جي؛
سمجهي کو **ساهي** چئي؛ هر جن حضوري؛
جنهن درسن ڏنو دوس جو، نيڻن سان نوري؛
کري صبوري، ڦرني ۾ فارق ٿيو.

٧- ورلو کو هرجن، هر سان ملي هڪ ٿيو؛
تنهن اوديا ۾ کڏي کري، کيو من امن؛
**ساهي** سداءِ رهي، پرچي ۾ پرسن؛
سپاوڪ وچن، کڏي انيءَ سار جو.

٨- سڀ کنهين پاتو، کيو کيتو پنهنجو؛
کوڙين ۾ کو هڪڙو، هر جن رنگ راتو؛
**ساهي** گر ويساه سان، جنهن سچ سڃاتو؛
تنهنجو خط کاتو، واريو ڏرم نواس ۾.

٩- ورلو کو هرجنُ، کرم کري نهڪرم ٿيو؛
چڙهي وينو چوڏول ۾، ميٽي سڀ منُ؛
جنَ پوک پچائي کرمي، کڏي انيءَ اَنُ؛
کلپت کانو پنُ، ستي وجهي **ساهي** چئي.

١٠- هر جن کين هٽي، پريم پريت ويساه کون؛
سوري جان سنمک لڙي، سنسو سڀ ستي؛
ماري نانا دَلَ کي، کلپت سڀ کٽي؛
سهجي سوپ کٽي، **ساهي** من مواس کون.

Gul Hayat Institute

## ( ويساسي ۽ جگياسي )

١- ويساسي ۽ وستي، سنت لڌي سڀ مون؛
چڙهي جنهنجي چت ۾، محبت جي مستي؛
ماري من هستي، سوڪم ٿيو **سامي** چئي.

٢- ويساسين وٺي، سود و ڪيو سنتن سان؛
سنت ست سروپ جي، جنهنکي سڪ گهٽي؛
**سامي** سڻيائون سر تون، ڪل ڪل سڀ ڪٽي؛
توڙي پنن پنج ڪٽي، ته به راجا رانول ديس جا.

٣- وچن تي ويساهه، رکيو جنهن رهت سان؛
سو اُلٽي انترمک ٿيو، درونند داناءُ؛
**سامي** لڌاءِ سم ٿي، روم روم مون راهه؛
پائي پد اسگاهه، چڙهي وينو چوڏول ۾.

٤- ويساسي ۽ وچن، **سامي** منيو سنت جو؛
جيئنياءِ جُگت سان، پرچي من پون؛
گهٽ وڌ وائي واچ ڪي، ڪلپي ڏيئي نه ڪن؛
بنا ڀيد ڀڄن، ڪري ڪرتا پرک جو.

٥- ويساسي ۽ ڪيو واس، سڀ وسٽن جي وچ ۾؛
جنٽي تون مان ناه ڪا، نڪو ناڪر داس؛
سنت رهي **سامي** چئي، چيتن چد آڪاس؛
پائي پد نراس، مشڪي ڪشڪي ڪينڪي.

Gul Hayat Institute

٦- ويساسيءَ واسو، ڪيو انهيءَ ٻڌ ۾؛
پائي گيان گروءَ جو، ٿيو نرمل نراسو؛
**سامي** رکي نه من ۾، ممتا جو ماسو؛
ڏسي تماشو، ساکي ٿي سنسار جو.

٧- پوٿيون ۽ پنا، ويساسين وڃي رکيا؛
سمجهيائون **سامي** چئي، ساري لاوڪنا؛
چڙهيا انهيءَ اڄ تي، پلي پنج رتان؛
وڏا جنهن ٻنا، اڳيون آتم رام جي.

٨- ويساسي واصل، وڃي ٿيو وحدت ۾؛
جتي تون مان ناهه ڪا، نڪو هيبت هُل؛
روپ رنگ پن پاڙ ري، ڪليو غيبي گل؛
ڪرانت جنهن ۾ ڪُل، سورج چندر چراغ جي.

٩- وڏو جاڻ ويساهه، **سامي** سيکنهين ڪون؛
ويد پراڻ مٿي ڪري، ڪڏيو اهو راءِ؛
Gul Hayat Institute
انترمک اچي ڪري، سمجهي ڪر سماءِ؛
چڏ وڏائي واءُ، ته سهجي ملني سپرين.

١٠- جنکي جاني ياد، آءُ ياد ڪريان نت تنکي؛
**سامي** مليا سپرين، پرچي تنهن پرساد؛
تن من ارپيان پاوُ سان، ڇڏي باد بباد؛
اِها آد جڳاد، وات ٻڌي ويساهه جي.

١١- وڀاسيءَ والٿ، لڌو ساريءَ وسُ جو؛
پرچي ڏنائين پاڻ ۾، ڇڏي اوڻگهه آلس؛
رهي مايا موهه کون، خلاصو خالص؛
**ساميءَ** تي ٿالٿ، ورتي وڏ وچار سان.

١٢- جيڪو جگياسي، اچي هن اوسر ۾؛
تنهنکي پنهنجي ديس جو، وڃي ڪري واسي؛
جنهن تون مان نانهن ڪا، نڪو ڦند ڦاسي؛
الک اڀناسي، سته رهي **سامي** چوي.

١٣- **سامي** سيپيئي، ليکا اوري لک کون؛
ڪنهن ورلي وڀاسيءَ کي، گرگم سڌ پيئي؛
جو ارڌ اُرڌ پيئي، مٿي وينو من موُن.

١٤- اهو ڪري سوال، جگياسي جگديس کي؛
ڏيئي سنگ ساڌن جو، ڪٽي ڪلپت ڪال؛
رهي نه رتي جيترو، **سامي** جگ جنجال؛
پڇندي حال حوال، پرچي ڪري پنهنجو.

١٥- جنهنکي سم وساهه، **ساميءَ** ڏنو ستگروءَ؛
سو لحظي منجهه لنگهي ويو، اٿڪ جو درياءُ؛
پاتائين پرچي ڪري، آتم ڏن اسگاهه؛
سدا بي پرواهه، رهي پنهنجي حال ۾.

١٦- لکي گر چني، ڏني جگياسيءَ کي؛
ڪٽي ويو جگديس ڏي، واچي تنهن ڏني؛

Gul Hayat Institute

**ساهي** رکيائين سر تي، محبت سان مٿي؛
رِتِ سِڌِ سڀ ڪئي، سونپيائين سيوڪ کي.

١٧- جاڳيو جگياسي، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
جنهن جڳندي ڪئي جم سان، ڪِلي خلاصي؛
وڃي ٿيو واسي، **ساهي** پد اواچ جو.

١٨- ويساسيءَ جو واس، سدائين گر گيات ۾؛
جئن رهي من ۾، اڻ لکو آڪاس؛
مايا ڪايا ڪُل ۾، **ساهي** رهي نراس؛
پاتائين پرڪاش، پرچي پرماتم ۾.

١٩- بنا وڏ ويساه، ڪنهن پد پاتو ڪينڪي؛
توڙي لوڪ لک بندي، ڪن اُپاوَ اٿاه؛
ساک ڏين **ساهي** چوي، درد مند داناه؛
پورن پاڪ نگاه، جنکي گر گوبند ڏني.

٢٠- ويساسيءَ ورق، پڙهيو پريم پرتيت جو؛
تنهين ۾ تد روپ ٿي، ڪيائين حاصل حق؛
سدا رهي **ساهي** چوي، گگن منجه غرق؛
ميٽي سنسو شڪ، ماڻي دور درس جو.

٢١- جئن گلابي گل، ڏئي خوشبوءِ جي؛
تئن اوڏوت انيڪي، ڪن اپديش اصل؛
وني ڪو ويساه سان، ڏيئي محبت ملهه؛
ڪٽي ڪلپت ڪُل، **ساهي** سم سيتل ٿئي.

Gul Hayat Institute

## (سيوا ۽ سيوڪ)

١- سيوا منجهه جوئي، سيوڪ سماڻو رهي؛
ڀڳت هار ڳچيءَ ۾، پاتو تنهن پوئي؛
اوڏيا ميل اندر مون، ڪڍيائين ڌوئي؛
جنهن رنگ رَتي لوئي، تنهن ساهي رَتو رنگ ۾.

٢- آيا سنت حصي، ساهي جنهن سيوڪ جي؛
تنهنجو سڪ سچيءَ ڪون، پير نه پوءِ ڪِسي؛
پهچي پار پسي، سنمک سپرين کي.

٣- جيڪو شرط پيو، اچي ساڌ سنگت جي؛
سهجي تنهن سيوڪ جو، ڪارج سڌ ٿيو؛
ڏسي ڪين پيو، ساهي سپرين ري.

٤- سيوا منجهون جن، لڌو لعل اڻ ملهو؛
سي ساهي سڪ سچيءَ سان، سدا سيوا ڪن؛
لنيون مُڪان موچڙا، سيئي سهن؛
رتا رنگ رهن، انهي پهر عجيب جي.

٥- حاضران حضور، سائين سيوڪ جي رهي؛
پلڪ پراهون نه ٿئي، جنهن نيڻن ۾ نور؛
ڪڍي سنسو سور، ساهي رهي سياءَ ۾.

٦- سوئي سيوڪ جاڻُ، جنهن کي سڪ سچ جي؛
سيوا ۾ سنمک رهي، ڪڍي پنهنجو پاڻُ؛
ساهي ڏسي ساڻُ، اندر ٻاهر سپرين.

Gul Hayat Institute

٧- سوئي سڌ سيوڪ، سيوا جنهن سهي ڪئي؛
پرچي وڏاءِ پريم سان، ستگروءَ کون سبق؛
چاڙ وڃائي پنهنجي، پڙهي ٿيو پرپڪ؛
حاصُل ڪري حق، **ساهي** چڙهيو سير تي.

٨- پريو جنهن مُجرو، **ساهي** ساڌ سنگت جو؛
سهجي تنهن سيوڪ جو، اندر ٿيو اُجرو؛
لڏائين حُجرو، پرچي پاڪ پرينءَ جي.

٩- روئي ڳل پيو، **ساهي** سيوڪ گر جي؛
ڏسي ڇل مايا جو، پاري پؤ ٿيو؛
سهجي رمز سهي ڪري، ڪامل ڪرم ڪيو؛
وني تت ويو، جتي پريم پلائو نانهن ڪو.

١٠- سيوڪ آزاري، آيو گر طبيب جي؛
تنهن ناڙ نهاري من جي، ڏيا درشت ڏاري؛
تپت ترِ تاپن جي، ڪن ہِ نواري؛
لنوَ لنوَ سپ ٺاري، سيتل ٿيو **ساهي** چوي.

Gul Hayat Institute

١١- آيو هرِ حصي، گرگم جنهن سيوڪ جي؛
پڳه تنهين جو پريت کون، **ساهي** ڪين ڪِسي؛
وينو سدا ڏِسي، سنمکه پنهنجي سپرين.

١٢- جنهن کي سمجهه ڏني، **ساهي** پوري ستگروءَ؛
سهجي تنهن سيوڪ جي، لنوَ لنوَ عرش پني؛
چڪا سپ ڇني، چڙهيو انپيءَ اچ تي.

١٣- ڳٽيا کھڙا پاڳ، **سامي** تنھن سيوڪ جا؛
جنھن پونجي ڏني پنھنجي، ستگر جي ھٿ واڳ؛
ڇڏي نانا راڳ، لڳو رھي لڪ ۾.

١٤- گر سکيءَ جي گت، سمجھي جنھن **سامي** چئي؛
مٽي تنھين جي من مون، ٻي سڀ ممتا مت؛
اندر ٻاھر نپ جان، ڏسي ساکي پت؛
ڪري سنت سپت، ساک ڏين تا سچ جي.

١٥- د ٻيت منجھہ ادٻيت، سنت لکائين سيکي؛
ڪوڙين ۾ ڪو ھڪڙو، سمجھي سِکہ سُچيت؛
ڪيو جنھن ڪلپت ري، ھر ڀڳت سان ھيتُ؛
جاڻي انيءِ ڪيتُ، **ساھي** مانڪہ ديھہ ڪي.

١٦- ورلو ڪو جاڻي، مرد سِکہ مرم ڪي؛
جو ملي ساڌ سنگت سان، پسريو گھر آڻي؛
ھلي ھٿ ڇڏي ڪري، ڀڳونت جي پاڻي؛
سمھي پت تاڻي، **ساھي** سکپت سيج تي.

١٧- ورلو ڪو آھي، **ساھي** سِکہ گروءَ جو؛
ڏنو جنھن گر گيات ڪي، اوديا پت لاھي؛
سيوا سنگت جي ڪري، ممتا مٽائي؛
سھجي سلاھي، روم روم سان رام ڪي.

Gul Hayat Institute

١٨- ٽيڪيو جنهن مٿو، سنگروءَ اڳيون سِڪُ تي؛
سهجي تنهن سيوڪ جو، سنسو دک لٿو؛
موٽي اوديا ڦاس ۾، **ساهي** ڪين ڦٿو؛
توڙي ڪري ڪٿو، ته به راڄا رانول ديس جو.

١٩- رنگيلي رهت، سنگر ڏَسي سِڪَ ڪي؛
پرچي ڏنائين پي ڪي، پورن سرب سڪت؛
ماٺي دور درس جي، ميٺي ممتا مت؛
سدائين اسٿت، **ساهي** رهي سُمير جان.

٢٠- ڪامل ڪرم ڪيو، جنهن تي پرچي پنهنجو؛
**ساهي** تنهن سيوڪ جو، ڪارج سِڌِ ٿيو؛
اڻ هوندي آراه ڪان، لنگهي پار پيو؛
بنا ٻوڙ ٻيو، ڏسين ڪين اکين سان.

٢١- جيڪو مڃيندو، ديکيا دات گروءَ جي؛
**ساهي** تنهن سيوڪ جو، ڪارج سِڌِ ٿيندو؛
آدي انيڪي گهرجا، ڏَسَ ڏونگها ڏيندو؛
موٽي نه ايندو، گرڀ جونِ جي غار ۾.

Gul Hayat Institute

## (گرگم)

١- گُرَگُمَ جنهن پاتو، اُتي منهن مڙهيءَ ۾؛
تنهن **سامي** سپرين کي، سهجي سڃاتو؛
وائي نه واتو، پرچي پائي پريم رس.

٢- پرچي جنهن پاتو، گرگم منهن مڙهيءَ ۾؛
**سامي** سپرين کي، تنهن سهجي سڃاتو؛
جيئندي وينو جم جو، واري خط کاتو؛
سدا مدماتو، رهي پنهنجي حال ۾.

٣- گرگم رمتا رامُ، **سامي** جنهن سهي ڪيو؛
سو ڪڏهن ٿئي ڪينڪي، مايا جو غلامُ؛
سدائين نهڪامُ، رهي پنهنجي حال ۾.

٤- ڪيو جنهن سهي، گرگم رمتا رام کي؛
سو مرگهه ترشنا جي جل ۾، وڃي ڪين وهي؛
ڪري راج رهي، سچ وسنو جي وچ ۾.

Gul Hayat Institute

٥- گرگم اُڏاڻي گُڏي، سَهج آڪاس ۾؛
ست اُئي لوڪ لنگهي ڪري، سُن ۾ سماڻي؛
بولي پريم پَوَن سان، بيحد جي باڻي؛
**سامي** مَن پاڻي، جُڙي جوڳيسر جو.

٦- گرگم ڳالهه ٻُڌي، نريئي هڪ نرٻاڻ جي؛
منٿي وئي من مون، **سامي** سڀ خودي؛
ڳگن گٿون ڏُڌي، ڪرپا سان ڪلپت ري.

٧- گرگم لڌي واٽ، اُلٽي آتم پد جي؛
وَسيو مينگهه مهر جو، کليا بجر ڪپاٽ؛
بن بارن جي وچ ۾، ڏني ڏئي لات؛
ڇڏي من اُچاٽ، **ساهي** ڇڙيو سروپ سان.

٨- جني کي آئي، گرگم سمجهه سروپ جي؛
ميل تني جي من ۾، رهي نه رائي؛
**ساهي** سدائي، پرچا رهن پد ۾.

٩- ڪيو جنهن پري، گرگم پٽ اندر جو؛
**ساهي** تنهن جي گهر ۾، اکنڊ جوت ٻري؛
ڏسي منهن محبوب جو، راتيون ڏينهن ٺري؛
منجهي تار تري، لهر نه لوڙهي تنهن کي.

١٠- گرگم چڙهيو سورُ، انيٺي آڪاس ۾؛
اوديا اونده نه رهي، متيو سنسو سور؛
حاضران حضور، **ساهي** ڏٺا سپرين.

Gul Hayat Institute

١١- جنهين سمجهايو، گرگم پنهنجي من کي؛
پوَنُ تنهين جو پاٺهي، اُلٽي گهر آيو؛
**ساهي** سمايو، جگتُ ڏنائين جوتِ ۾.

## ( سهاڳڻ )

١- جنهن رِيجهايو ڪنت، آءٌ سهاڳڻ سان چوان؛
چڙهي سڪ‌پٽ سيج تي، ڪيلي نت بسنت؛
پائي سڪ بي انت، **سامي** سلي ڪينڪي.

٢- سا راڻين جي راڻي، جنهن لڌو سڪ سهاڳ جو؛
ساهرن ۽ پيڪن ۾، سهڄي سيباڻي؛
**سامي** شهه ياڻي، سا پلڪ پراهون نه ٿئي.

٣- سنسو ڪوه ڪري، سهاڳڻ ڏک سک جو؛
ڪانڌ جنهين جي ڪڇ ڪون، پلڪ نه ٿئي پري؛
رکي نيڻ نيڻن ۾، **سامي** سدا ٺري؛
منجهي تار تري، نه ٻي لهر نه لوڙهي تنهنکي.

٤- **سامي** سائي جاڻ، سهاڳڻ سڄڻ جي؛
جنهن پرچايو پرينءَ کي، ارپي پنهنجو پاڻ؛
سنسي ري سيوا ڪري، سڪ صبوريءَ ساڻ؛
پوري تنهنجو پاڻ، خاوند خالي نه ڪري.

Gul Hayat Institute

٥- جنهين من ڏيئي، پرين رِيجهايو پنهنجو؛
سا سهڄي سهاڳڻ تي، پرين ڳل پيئي؛
منن ساڻ مرم جي، سرتيون سيئي؛
تاريا ءِ بيئي، **سامي** پيڪا ساهرا.

٦- سهاڳڻ ڪا هڪ، بيون سهسين ڪن سينگار تيون؛
**سامي** سپيرين جي، جنهنکي سچي سڪ؛

پاتائين پرچي ڪري، آئم سڪ اَدَڪَ،
پيون سب چِتن چِڪَ، ٿيون مرم ورائي من مُڪيون ۔

٧- سهاڳڻ سائي جنهنکي سڪ اندر ۾؛
جاڳي ڪري جڳ سان، جِئندي جدائي؛
ماري ڪيدي من مون، ٻي سب ٻيائي؛
**ساهي** سدائين، ملي رهي محبوب سان ۔

٨- سهاڳڻ سائي، ڪانڌ جنهنجي ڪڇ ۾؛
ممتا ميل اندر ۾، رکي نه رائي؛
**ساهي** سدائين، پاٽي منجهه پِني رهي ۔

٩- جنهنکي پاڻ چڪي، ڪانڌ ڪيو ڪٺي ڪڇ ۾؛
سا پائي سڪ سهاڳ جو، **ساهي** سدا سکي؛
ويهي آنڻ وچ ۾، منهن سان نه مرڪي؛
لوڪن کون لڪي، سنمڪ ڏسين سپرين ۔

١٠- سهاڳڻ سائي، جنهنکي پر ٻنءِ پنهنجو ڪيو؛
سنسو پرم چِڏي ڪري، اَدب ۾ آئي؛
ڪائي ڪارائي سب ڪي، محبت منائي؛
**ساهي** سدائين، سنمڪ ڏسي سپرين ۔

١١- سهاڳڻ سائي، جا پر ينءِ پرچي ڪي پنهنجي؛
بنا هار سينگار جي، خصم کي پائي؛
کهڙي ڳڻيان مڪ سان، تنهنجي وڏائي،
**ساهي** سدائين، ملي رهي محبوب سان ۔

Gul Hayat Institute

١٢- ڀڳونت کي ڀاڻي، آءٌ سهاڳڻ سا چوان؛
رکي نيڻ نيڻن ۾، نر کي نماڻي؛
ساهرن ۾ ڀيڪن ۾، سهڄي سيباڻي؛
سا راڻين جي راڻي، **ساميءَ** ماڻي سيج سک.

١٣- پرين هٿ رکي، نماڻي نهال ڪئي؛
پرچي ڪيائين پنهنجي، سهاڳڻ سڪي؛
آتم رس چکي، **سامي** لنؤ لنؤ لعل ٿي.

١٤- جنهن ريجهايو **ساميءَ** ور ويساه سان؛
تنهن کي خاوند خوش ٿي، ڳل ڳچيءَ لايو؛
چاڙهي سکپت سيج تي، سنسو چٽايو؛
اهڙو رس آيو، جو مشڪي ڪشڪي ڪين ڪي.

١٥- سڀ ڪا چکي چڪ، ته آءٌ سهاڳڻ شد جي؛
ممت مٽائي من جي، ڪا ورلي ملي هڪ؛
جنهن چڙهي سکپت سيج تي، **ساميءَ** لاتي سک،
ٻيون سڀ چٽين چڪ، سمجهه ورائي سکٽيون.

١٦- سهسين ڪن سينگار، سهاڳڻ ڪا هڪڙي؛
پاتو جنهن پرتيت سان، حليميءَ جو هار؛
چڙهي سکپت سيج تي، ڀيٽي نت ڀتار؛
ٻيون سڀ ٿين خوار، سڪ ورائي سکٽيون.

١٧- مٺي پاڻ مڳڻ، مٽان ڏسين ڏکه ڏهاڳه جو؛
پوئي پائي ڳچيءَ ۾، **ساميءَ** محبت مڻ؛
ته سهڄي سهاڳڻ، پرين ڪريئي پرچي.

Gul Hayat Institute

١٨- ڏکي ڇڏ ڏمر، متان ڏسين ڏک ڏهاڳ جا؛
ممت وڃائي من جي، وٺ دوسن جو در؛
سهجي ور امر، ملينئي مهر ڪري.

١٩- پيتار کي پائنئين، سا راٽين جي راتي تي؛
**ساهي** ملي تنهن کي، وڏي وڏائي؛
رڏيون سڏيون پانهيون، سڀ ڪرن ڪمائي؛
سڄڻ سدائين، نهاري نينڻ پري.

٢٠- پڳونت کي پائنئين، تنهن سان دعوي ناه ڪا؛
**ساهي** ملي تنهن کي، پَٽُ پردو لاهي؛
پائي سک سهاڳ جو، ڪلني ۽ ڪائي؛
سنسو متائي، جهولي جهروڪن ۾.

٢١- ادب ري اڄهاڳ، ڪن سينگار سرير جو؛
سونپي سپرين کي، ڪنهن ورليءَ ڏني واڳ؛
اڇي جاڳيا جنهنجا، **ساهي** پاڳين پاڳ؛
ڇڏي نانا راڳ، ماڻي سک سهاڳ جو.

Gul Hayat Institute

## (اندر جي صفائي يا پوترتا)

١- گرگم گند غير، ڪيو جنهن اندر مون؛
سو ساکي ٿي سنسار جو، **سامي** ڪري سير؛
ڪميا ساڻ سُگهير، گُهري درس دلدار جو.

٢- اوراٽا آهن، ڳالهيون ساپرسن جون؛
ممتا ميل اندر جي، ڌوئي سڀ لاهين؛
نرمل ڪري من کي، پد ۾ پهچائين؛
سڀ گهٽ لکائين، **سامي** سپرين کي.

٣- صفائيءَ جو سڪ، ڪهڙو چوان زبان سان؛
سمجهي ڏس **سامي** چوي، تون ڪري انترمک؛
ڪوٽ جنم جو ڏک، مِٽي وڃئي من مون.

٤- ستگر صفائي، ڏني دل درپڻ کي؛
انهد مورت انيئي، درشٽ ۾ آئي؛
مِٽي ويئي من مون، بانيڻ چئي ٻيائي،
سهجي سمائي، بوند وڃي سرسبز ۾.

٥- گرگم جنهن ڪيو، شيشو شڌ اندر جو؛
انيئي آتم ديو جو، تنهن پرلاءُ پيو؛
اندر باهر هڪڙو، ڏسي ڪين بيو؛
ڪارج سڌ ٿيو، **سامي** تنهن ساپرس جو.

Gul Hayat Institute

٦- بنا پاڪيءَ پاڪ، ڪنهين پاتو ڪينڪي؛
سمجهي ڪو **ساهي** چئي، محبتي مشتاق؛
چڙهي جنهن عرش تي، ٻڌو وحدت واڪ؛
ڇڏي سنسو ساڪ، جدا ٿيو جهان ڪون.

٧- **ساهي** شد شيشو، پرچي ڪيو جنهن پنهنجو؛
مٽيو تنهنجي من مون، طمع ۽ تيسو؛
خاوند ري ڪيسو، خالي ڏسي ڪونڪو.

٨- پرچي جنهن پلال، گرمڪ ڪديو گهر مون؛
تنهن ڪي لڳي ڪينڪي، **ساهي** ڪلپت ڪال؛
جاٽي جاٽ ڪدي، ڪري خاوند جو خيال؛
سدائين نهال، رهي پنهنجي حال پر.

٩- آئينو اُوجل، ڪامل ڪاريگر ڪيو؛
ڪاٽي سڀ ڪلپت جي، محبت سان مَلُ؛
ڏسي منهن محبوب جو، **ساهي** تي سيتل؛
جل سان ملي جل، مؤجان ڪري ممتا ري.

١٠- سوئي نرمل نَرُ، **ساهي** هن سنسار پر؛
جو ڪري وس ويرين کي، وڃي نرت ننگر؛
کولي دسوون در، سنمڪ ٿئي سروپ جي.

Gul Hayat Institute

## (مَن ۽ مَنن)

١- ڇيو وڃي نہ مَن، ڪارو ڳاڙهو ڪمرو؛
جنهن جو ماءُ پيءُ ڪونڪو، نڪو ديس وطن؛
ڪن ۾ ڪري خيال سان، تيئي لوڪ ڳون؛
ڪڏهن پِني ٿئي پرسن، ڪڏهن **سامي** روئي راڄ ۾.

٢- وساري وارث، مَنا جيءَ منن ۾؛
جاڳي ڏسن نہ پاڻ کي، اندا ڪري آلس؛
ڪو عاشق چڙهيو اچ تي، خلاصو خالص؛
**سامي** تي ثالث، ورتي وِڌ ويچار سان.

٣- سارو جڳ نچي، تو منن جي محلات ۾؛
انئي پهر اندر ۾، بنا باه پچي؛
ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو، بلا ڪون بچي؛
جنهنکي درشت اچي، **سامي** سورج سر تي.

٤- منن منجهہ مُنا، گياني - ڌياني - گرهستي؛
سوڌي راهہ چڏي ڪري، پائن پير پنا؛
وارون وار سمجهہ ري، ڪلپت ڪال ڪنا؛
مورکہ رهن رنا، **سامي** سُڌُ سروپ ڪون.

٥- رچي مَن خلل، ڦاهيءَ ڦاٿو پاڻهي؛
**سامي** سمجهي ڪين ڪي، مورکہ مايا ڇل؛
سانت نہ پائي مرگهہ جان، ڏسي مرگهي جل؛
تڏهن ٿئي اَچل، جڏهن پرچي ڏسي پاڻ کي.

Gul Hayat Institute

٦- سارو جڳ جڪي، تو منن جي محلات ۾؛
ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو، آتم رس چکي؛
جنهن تي هٿ رکي، **ساهي** پورو ستگرو.

٧- اڻ هوندي مايا، اوديا ڪري سِتَ تي؛
مَنيِ وينو پاڻهي، پنهنجا پرايا؛
**ساهي** جاڻي جيءُ ست، ڪلپت جي ڪايا؛
درخت جي ڇايا، جاڳي ڏسي ڪين ڪي.

٨- مُنا سڀ مَنن، گياني - پنڊت - پستڪي؛
بنا سُک سروپ جي، ڪن اتر ۽ پرشن؛
پائي وينا ڪيچ ۾، ترشنا ڏائڻ رن؛
ورلي ڪنهن هَرجن، **ساهي** سار سهي ڪيو.

٩- ڏاڍو من چلي، ڪيو ڏکيو ساري ڏيهه کي؛
جنهن ڪسي ودي ڪل سان، سڀ جي مت پلي؛
ورلو ڪو گرمک بچو، بانيڻ ڇٽي بلي؛
جنهن کي سَنڌ سلي، ستگر سکراڳم جي.

Gul Hayat Institute

١٠- مَني منُ خلل، تو ناحق تپت منجهه تپي؛
آهي ساکي سڀ جو، سدائين سيتل؛
پرم منجهه پُلي ڪري، جاڻي چل اچل؛
**ساهي** جل کي مل، ڪڏهن لڳي ڪينڪي.

## ( من مارڻ يا جيتڻ )

۱- جنهين جيتيو من، تنهين جيتيو جڳ کي؛
لڌائين گر گيات سان، گهر مون آتم ڏن؛
ساکي ڏسي سڀ ۾، پائي گيان انجن؛
سدائين پرسن، **ساهي** رهي سياءَ ۾.

۲- تنهن کي لڳي ڪين، جنهن من ماري وس ڪيو؛
توڙي رهي راڄ ۾، توڙي ڪيڏي ڪوپين؛
پرچي ڏنائين پاڻ ۾، آتم پد پرپين؛
سدائين لنولين، **ساهي** سنسي ري رهي.

۳- جيڪو سمجهي، پسريو آهي گهر ۾؛
سو سهجي سڀرين کي، پرنگيءَ جان پيئي؛
سُکي تي ليٽي، **ساهي** سکپت سيج تي.

۴- ايڪا ري انن، ڪونه ٻڌو سي ڪاٿهين؛
ملي ساڌ سنگت سان، جني جيتيو من؛
سي پائي رام رتن، **ساهي** چڙهيا سير تي.

۵- جنهين جيتيو من، ملي ساڌ سنگت سان؛
**ساهي** تنهن جي مک مون، نڪري سار وچن؛
رهي سدا پرسن، سنسي ري سنسار ۾.

۶- جنهين جيتيو من، تنهين جيتيو جڳ کي؛
لڌاءِ گر گيات سان، گهر مون آتم ڏن؛

Gul Hayat Institute

ساکي ڏسي سڀ ۾ پائي گيان انجڻ؛
سداءِ پرسن، **ساهي** رهي سياءَ ۾.

جنهين جيتيو پاڻ، تنهين جيتيو جڳ کي؛
ڀيد وڃائي من مون، صاحب تي سڀ ساڻ؛
تنهن کي هٽي ڪونڪو، بل ڀيائيءَ جو ٻاڻ؛
نت گاوي راڳ ڪلياڻ، **ساهي** چڙهي سمير تي.

٨- جوڳي سو پرواڻ، جو جيتي من پوڻ کي؛
ترڪٽي سر سير ۾، نت ڪري اشنان؛
ٻُنڌي گورک جو گيان، رهي گئب گگن ۾.

٩- ڏَڙَ تون سِرُ لاهي؛ ساڌو چڙهي سنگرام تي؛
ماري ڏُبڌا دل کي، نوبت وڃائي؛
**ساهي** جُهلائي، انيئي چت متي تي.

١٠- جنهن پليو پاڻ، ملي ساڌ سنگت سان؛
سو **ساهي** رکي ڪينڪي، ويرڀاءُ ڪنهن ساڻ؛
سڀ جو گهري ڪلياڻ، پريتم جاڻي پنهنجو.

Gul Hayat Institute

١١- سوئي سپاهي، جو ماري من مواس کي؛
جوڌا پنج جيتي ڪري، گهوڙي جا گاهي؛
چڙهي تئي چوڏول ۾، رام نگر راهي؛
ده دس ڏُهائي، ڦيري ڦرلي فوج ري.

## (هٿ هارڻ)

١- جنهِي هٿ هاريو، تنهِي جيتيو جڳ کي؛
نرمل ڀاو ڀڳت سان، سڀ جو چت ٺاريو؛
گهٽ گهٽ نهاريو، **ساميءَ** سڀرين کي.

٢- هٿڙي هٿ وڃاءِ، ساڄهر سمجهي پنهنجو؛
داسن جي داسي ٿي، سيوا سڀ ڪماءِ؛
پاڻيپڻ ڇڏي ڀائيءَ ري، چت چرنن سان لاءِ؛
پريمءَ کي پرچاءِ، مٿان رنائي رهجي وچن.

٣- هٿڙي هٿ وڃاءِ، مٿان ڏسين ڏک ڏهاڳ جو؛
ڪر اَدب سان عاجزي، پاند ڳچيءَ ۾ پاءِ؛
من مت ڇڏي ڪري، چت چرنن سان لاءِ؛
پريمءَ کي پرچاءِ، ته **ساميءَ** پائين سيج کي.

٤- جيڪو هٿ هاري، سرن پوي ساڌوءَ جي؛
سهجي تنهن سيوڪ جو، سڀسو نواري؛
ڏيئي هٿ همت جا، تار منجهان تاري؛
گڏ گذاري، **سامي** سڀ سان سم ٿي.

٥- هَيا هٿ ڪري، ڪوهين مانڪ ڏيهه کي؛
ملي وٽ محبوب سان، نرمل ڏيان ڌري؛
ڪال تنهنجي ڪنڌ تي، ايئو ٻاڙ پري؛
پوندين پوءِ ٻري، **سامي** مها جار ۾.

Gul Hayat Institute

٦- ڇڏي هٿ هڻي، پاڻيڻ ڇڻي پڌ ترهو؛
پنهنجي پار پرينءَ کي، سٽت ڪر سهي؛
ويرين جي ويڙهي ۾، ڪنڌين ڪوه رهي؛
ويندءِ ڏينهن لهي، پوءِ ڪٽيندءِ ڪوپري.

٧- ڇڏي هٿ هڻي، ملي وڃ محبوب سان؛
ڦٽو ڪر فرصت کي، ويندءِ ڏينهن لهي؛
جاڳي جڳ سپني جو، ساهي ڪر سهي؛
متان پوءِ رهي، پوين وس ويرين جي.

٨- هڻي هٿ نه وار، متان ڏسين ڏک ڏهاڳ جا؛
ڇڏي خيال خلق جو، گهر پنهنجي ۾ گهار؛
ڪر سينگار ملڻ جو، پڇي ڇيڏيون چار؛
ته دوست اچي دربار، ڏئيءِ سک سهاڳ جو.

٩- هڻي هوڏ مَ ڪر، مُٺي محبوبن سان؛
پينهن ڇڪي، پوءِ پاٽي، محبت منهون پر؛
ته دوست تنهنجي در، پنهي اچي پاٿهي.

١٠- هلي هٿ ڇڏي، محبتي مرمري؛
واءُ وڏائيءَ لوپ ڪون، رکي پاڻ جهلي؛
ڪنهنکي ڪين سلي، ساهي سک پرينءَ جي.

١١- جيڪو هٿ هاري، سرڻ پڻي ساڌوءَ جي؛
تنهن کي پيالو پريم جو، پرچي پياري؛
آڻي غرقي غار ۾، اچرج ڏيکاري؛
نانت نواري، ساهي چڙهيو سير تي.

Gul Hayat Institute

## (ايمان يا خودي)

١- خوديءَ منجهه خراب، مورک لوڪ اُپار ٿيا؛
مڇي وينا ست، سڀ جڳت جو اسباب؛
اڳيون ڪال قهار جو، **ساميءَ** جهلن تاب؛
هر هر ڏين حساب، سمجهه ورائي سڪتا.

٢- پانڻ پڇي چڙ، منان چاڻ وجهيئي جار ۾؛
آهيون اسين جنجا، تنين وَٽون اَڏ؛
پاڻ تنين سان گڏ، نينهن جن جو نانهن سان.

٣- گرمکه جو گذران، سدا ساڌ سنگت ۾؛
جنهن کي ڏنو سنگروءَ، سک سمجهه جو دان؛
رکي نه رتيءَ جيترو، اندر ۾ ايمان؛
سمر ڏسي پڳوان، چيٽي ءُ ڪنچر ۾.

٤- ڪيو جنهن نروار، ويهي پنهنجي گهر ۾؛
ڪڍيو تنهن قلوب مون، اوڏيا جو اهنڪار؛
لڏائين لوڙي ڪري، **ساميءَ** سر جنڄهار؛
دوست جو ديدار، پائي پرچو پاڻ ۾.

٥- انيئي جو آرام، آيو جنهن اوڏوت کي؛
مِٽي تنهنجي من مون، بي سڀ خودي خام؛
در در ديوانن جان، ڪري ڪين سلام؛
سدائين نهڪام، **ساميءَ** رهي سياءَ ۾.

٦- فقيرن فرمان، منيو محبوبن جو؛
تن ڪوري ڪپي ڪڍيو، اندر مون ايمان؛
گهڙي لڌائون گهر مون، انيٺي آتم گيان؛
تيڙا سي پروان، اڳيون عجيبن جي.

٧- خوديءَ منجهه خوار، تيا بيڪ، گرهستي لوڪ سڀ؛
مَني وينا من ۾، وِڌ نڪيڊ وهنوار؛
جاڳي ڏسن ڪينڪي، ساڪي سر جنهار؛
**ساهي** پائين چار، تا سمجهه ورائي سڪتا.

٨- تياڳيو جنهن اهنڪار، تنهن سِرب تياڳ ڪيو؛
**ساهي** سيتل جل جان، نري ٽڙو نار؛
اندر باهر ده دسان، ڏسي ساڪي سار؛
جاڻي سڀ سنسار، ڪلپت پنهنجي جيءَ جي.

٩- پرميشر جو پار، ڪنهن پاتو ڪينڪي؛
ٿڪي بينا ڪيترا، ڪري ويل ويچار؛
وِرلي ڪنهن گرمک ڪيو، دل ۾ دب ديدار؛
سٽي سڀ اهنڪار، سيتل تيو **ساهي** چوي.

١٠- من ماري مهين ڪر، خوديءَ ڇڏ خيال؛
پڇن ري پگوان جي، هاڻي ڪونهي حال؛
اچي وننده اوچتو، ڪنهين ساعت ڪال؛
پورن جپج پِتو چوي، جو لالن جو لال؛
جنهين ميڙيو مال، سي پڇن ري پُري ويا.

Gul Hayat Institute

## (ڪوڙ)

١- ڪوڙي کي ڪو ٿانءُ، ڏئي نہ وٽ وهڻ جي؛
ڪنهن کي ڀاوين ڪينڪي، جنهن ڪارو ڪانءُ؛
سچي کي **سامي** چوي، سڀ ئي سڀ ڳرانءُ؛
نارائڻ جو ناءُ، مُکہ رکي موجون ڪري.

٢- ڪوڙا ڳُريتو هلن، حرف حساب ري؛
مري پائين پاڻيهي، ڪَٿي جو ڪيتو؛
**سامي** سچارن، سچو پيالو پُر پيتو؛
جاڳي جڳہ جيتيو، پورن جاڻي پيءُ کي.

٣- ڪوڙا ڪوڙ ڪري، ٻوڙي ٻوڙين پنهنجي؛
ڀوَن ڀوَ ساگر ۾، نانا روپ ڌري؛
**سامي** سچارن جو، سدا جهاز تري؛
پَت سان پُور ڀَري، پار لنگهائين پاڻهي.

٤- ڪوڙن جو ڪوئي، ٿاءُ نہ پوي جوڳہ جپ؛
ڀوڳن ڀوڳہ نرڪ جا، رهن سدا روئي؛
**سامي** سچارن جو، سر سچو سيوئي؛
جنهن رنگہ رتي لوئي، تنهن رتا رهن رنگہ ۾.

٥- ڪوڙو ڪري قرار، ڪڏهن وِهي ڪينڪي؛
ست جاڻي سنسار کي، ڪيري تنهن خوار؛
اِستت رهي آڪاس جان، **سامي** سنت سچار؛
اندر باهر يار، پرتکيہ ڏِسي پنهنجو.

Gul Hayat Institute

٦- ڪوڙا جيءَ ڪرمَ، ڪرن ڪلپت ڪوڙ جا؛
پائي پون پاٽيهي، نانا جون جنم؛
**ساهي** سچيارن سان، سچا دم قدم؛
سنته ڏسن سم، اندر ٻاهر آتما.

٧- ڪاتي ڪوڙ نہ ڪر، ڪنهين ساڻ ڪَڙِ جيترو؛
اِهو واڪ ويساه جو، هردم هردي ڌر؛
نہ پرچي نيئي پل ۾، گهوٽ پنهنجي گهر؛
ڪري سيني ڪان سَرِ، **ساهي** ڏيئي سڪ سچو.

٨- ڪوڙا ڪوڙ ٻولين، مت مرم ري؛
لعل وڃائي اڻ ملها، ڪوهن پنهنجي پَتِ؛
**ساهي** سچيارن جي، سچي سڀ سنگت؛
ميٺي ممتا متِ، جوڙيا جوت سروپ سان.

٩- ڪوڙا ڪپٽي ڪوڙ، سچ سڃاڻن ڪينڪي.
مري پائين مت ري، جنم انيڪ اگهورَ؛
ڪو سڃاڪو سورمو، ماڻي درسن دور؛
**ساهي** چڱي جنهن چور، پنجئي ڪيا وس پنهنجي.

١٠- ڪوڙا ڪمائي، ڪوڙي ڪن ڪلپت سان؛
سڀ ڪي سهن سِر تي، ڄاڻي وڏائي؛
سچا ماڻن سانت سک، **ساهي** سدائين؛
پڪي پڪائي، روٽي کائين رس پري.

Gul Hayat Institute

## (سچ ۽ سچيار پرکہ)

١- سوڍي سنگہ ڪري، **سامي** سچارن جو؛
سدا جن جي من ۾، محبت مچ ٻري؛
سنئہ سڌ سروپ ڪون، پلڪ نہ ٿين پري؛
ڏين ٻنڌار ٻري، سڀ ڪنهن کي سکہ جا.

٢- سچ سچا تو جن، سي ڪوه ڪريندا ڪوڙ کي؛
مورت محبوبن جي، سڀ صورت منجھہ ڏسن؛
انئَي ٻهر عجيب سان، ملي موجان ڪن؛
منجهي راڄ رهن، ڪيول ڪنول جان سدا.

٣- سچ سچا تو جن، سي ڪوه ڪريندا ڪوڙ کي؛
هوندي ٻل ٻربل ٿي، سڀ جي سيوا ڪن؛
**سامي** اوديا سنڌ ۾، وهي ڪين وڃن؛
وينا گهر رهن، ساکي سهج آڪاس جا.

٤- **سامي** سچہ پلي، ٻڌو جنهن ٻيائي ري؛
سو راتيون ڏينهن رهت سان، پنهنجو پارٺ پلي؛
جڳہ ۾ جڳہ جهڙو ٿي، بنا چاه چلي؛
ڪنهن کي ڪين سلي، انيءَ سکہ اندر جو.

٥- جنهنکي سچہ پلي، سو سيتل رهي سياءَ ۾؛
هرکہ سوگہ جي باه ۾، **سامي** ڪين جلي؛
وينو انيءَ تخت تي، پنهنجي دوت دلي؛
بنا چاه چلي، جڳہ ۾ جڳہ جهڙو ٿي.

Gul Hayat Institute

٦- سدا ئي تنهنجي جيءُ، جنهنکي سچ اندر ۾؛
ساهي ڇڏي سنسار جي، پولي رکي نه ڀئي؛
سنت ستگر سروپ جي، لنو ۾ رهي لڳي؛
پرچي پيري پئي، کري سڀ کنهين سان.

٧- ساهي سو سچيار، جو ڪڍي ڪوڙ قلب مون؛
ڏيهي ڏسي پاڻ ۾، آتم سکه اپار؛
ساکي سرجڻهار، ويا پک ڏسي وس ۾.

٨- سدا تنهنجي جيءُ، جنهن کي سچ اندر ۾؛
جيتي اوديا دل کي، ساهي تيو نرڀئي؛
تنهن ڇوٽيءَ تاءِ پاڻ کي، لکه ۾ جاٽي لڳي؛
پرچي پيري پئي، کري سڀ کنهين سان.

٩- ٻڌو جنهن پلي، سچ سچائي پنهنجي؛
حڪم تنهن هرجن جو، سڀ تي سيکه هلي؛
پنج ئي ڪيائين پنهنجا، ساهي داس دلي؛
اچل ڪين چلي، نهچل نرمل سار ڪون.

١٠- ورلو واپاري، ڪو سودو ڪري سچ جو؛
پري ڪيپ ڪميا جي، پگت جي پاري؛
ساهي لوڪ پرلوڪ جي، ستد رکي ساري؛
کري نيزاري، سنمکه تني شاهن سان.

Gul Hayat Institute

١١- سو درٻاري داس، جنهنکي سچ اندر ۾؛
**ساهي** سدائين رهي، ڪل ڪل ڪون خلاص؛
ڏناءِ گر گيات سان، اَنڀيءَ جو آڪاس؛
جنهن ۾ پريم پرڪاش، سو ساکي سورج جان رهي.

١٢- جنهنکي سچ پلي، تنهن جي جيءَ جڳت ۾؛
ساکي جاڻي سڀ ۾، **ساهي** سم هلي؛
ڪنهنکي ڪين سلي، انيڪي سک اندر جو.

١٣- سچ سڃاتو جن، سي ڪوه ڪريندا ڪوڙ کي؛
مرگهه ترشنا جي جل ۾، **ساهي** ڪين وهن؛
رتا رنگ رهن، **ساهي** سپرين جي.

١٤- ڏني جن چکي، **ساهي** سُرڪي سچ جي؛
اوديا پنڊ مٿي تون، لاهي تن رکي؛
لنوَ لنؤ منجهه لڪي، سَتا سڀ ساکيءَ جي.

Gul Hayat Institute

١٥- سچ سي سڃاڻن، جنکي سڪ سل ڪيا؛
پاڻ ڏنائون پاڻ ۾، نرکي نماڻن؛
مورکه ڇا ڄاڻن، دردوندن جي دم کي.

١٦- جن سڃاتو سچ، ملي ساڌ سنگت سان؛
سدا تنجي من ۾، ٻري محبت مچ؛
ڪيڏي ڪلپت ڪچ، **ساهي** چڙهيا سير تي.

١٧- ٻري مارِيا ٻاڻ، ستگر پوري سچ جا؛
چوُر ڪيائين چت کي، رهي نہ سُرت سڄاڻ؛
**ساهي** سپرين ري، ٻي سڀ ٻلي جاڻ؛
اچي ٻينا پاڻ، سنمک منهنجي سپرين.

١٨- جنهن کي ٻتايو دڳ، ستگر پوري سچ جو؛
سو مري پيو ميدان ۾؛ چڏي هٿ هلڪ؛
سڀ ڪڍيائين جيءَ مون، **ساهي** سنسو شڪ؛
حاضر ڏسي هڪ، ٻنا ڄاڻ اکين جي.

١٩- جنهن کي سچ ٻلي، **ساهي** ڏئي ستگرو؛
انيئي آتم سکہ جي، تنهن کي ڳالهہ سلي؛
سو اچل ڪين چلي، پائي پرتيت سان.

٢٠- ستگر پياري، **ساهي** سُرڪي سچ جي؛
اچي اجگئبي چڙهي، انيءَ خماري؛
خودي خواري، متي ويئي من مون.

٢١- ڪيول ڪسوٽي، ستگر لائي سچ جي؛
ڪڍيائين اندر مون، ممتا مت کوٽي؛
اچي نا موٽي، جئن جگياسي جگہ ۾.

Gul Hayat Institute

## ( پڙهڻ )

١- ويد پران پڙهي ڪري، تو لوڪن ريجھائين؛
سُپريان جي سڪ ۾، جهاتي نه پائين؛
چاهه نه چکائين، تون پسين ڪيئن پرينءَ کي.

٢- ٻانيڻ ٻَنڌ مَ ناتَ، ڪوڙا مايا موهه جا؛
ڪٿي هٿيندءِ ڪتب ۾، اها ڏاڍ ذاتَ؛
ڇڏي پوٿيون پاٿ، جاڳي ڏس جڳديس کي.

٣- ويدن جا وادي، اسين آهيون ڪينڪي؛
نڪي جاٺون چت ۾، اسين اٺڪل اُستادي؛
سامي ڏني سنگروءَ، اڻيءَ لکه آدي؛
اها مُرادي، سوگهي آهي ساهه کون.

٤- توڙي نت چئي، ڇهه چار اٺاره مکه سان؛
تپ تيرٿ ساڌن ڪري، غفا منجهه رهي؛
بنا ساڌ سنگت جي، وهڻ منجهه وهي؛
سامي ڪئن لهي، پني ڏيئي پار ڪي.

٥- مورکه سڀ منجهي، پيا ويدن جي واچ ۾؛
سامي لکه سروپ جي، ڪنهن سياڻي سمجهي؛
جنهن کي ڏني ڪنجهي، ستگر عين عشق جي.

٦- لکين هزارين، ويد پڙهي وادي ٿيا؛
ورلو ڪو گرمکه ٻجهي، وڌ سان ويچاري؛

آئي من پَوَنَ کي، اندر آتاري؛
نانت نواري، سيتل ٿئي **ساهي** چئي.

٧- سهسين پڙهي سبق، حافظ جاڻن پاڻ کي؛
سمجهي ڪين سُلوڪ جو، اشارو احمق؛
ورلو ڪو واقف ٿيو، ويڙهي سڀ ورق؛
ڏنا ڄڻهن طبق، چوڏهن پنهنجي چت ۾.

٨- پوتر پلالي، ڪوڙين گهڻن ڪيترا؛
ڳالهيون ڪن زبان سان، خلوت جون خالي؛
جاڳي ڏسن ڪينڪي، خاوند خيالي؛
لنؤ لنؤ منجهه لالي، **ساهي** تنهن سروپ جي.

٩- ڇهه، اناڙهن، چار، ڳالهه چون ٿا هڪڙي؛
ڀڳت ڪر ڀڳوان جي، نانا پيرم نوار؛
ساڄهر پاڻ سنڀار، متان پوين پوءِ ڏکن ۾.

١٠- ڇهه، اناڙهن، چار، ڳالهه چون ٿا هڪڙي؛
دربدر ديوانن جان، ناحق ڪيم نهار؛
ملي ساڌ سنگت سان، بيحد ڏيو بار؛
ته بيٺو منجهه بزار، **ساهي** ڏسين سپرين.

١١- چريا سي چئجن، جي پاڻ پڇاڻن ڪينڪي؛
ڳالهيون ويدن جون ٻُڌي، مرم نه رکن من؛
پنهنجيءَ ڳجهيءَ پاڻهي، جوڙي سيل وڃن؛
**ساهي** ڪين ڏسن، جهاتي پائي گهر ۾.

Gul Hayat Institute

## ( رهت )

١- جنکي رهت رتي، آئي ساڻ عشق جي؛
تنکي لڳي ڪينکي، **سامي** واءُ تتي؛
پائي پران پتي، سيتل رهن سياءَ ۾.

٢- رهت هڪ رتي، پاتي جن پرتيت سان؛
تنکي لڳي ڪينکي، تذي ءَ تتي؛
سي رسيا راه سنتن ءَ تي، پائي پران پتي؛
جن لوئي رنگ رتي، تن **سامي** رتا رهن رنگ ۾.

٣- رهت ورائي وڪ، ڪوڙا پائن ڪيترا؛
رکي چاه اندر ۾، در در مارن جڪ؛
مائل ٿيو مهراڻ ۾، ڪو پريمي چڙي پڪ؛
جنهنکي لڪ الڪ، **سامي** ڏني ستگروءَ.

٤- سڀ ڪو ڳالهه چئي، منهن سان پد اگم جي؛
ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو، **سامي** سڪ لهي؛
جيڪو رهت رهي، پاڻ ڪڍي پرتيت سان.

٥- آئي هٿ رهت، **سامي** جنهن سيوڪ جي؛
مٽي تنهنجي من مون، سڀ ممتا مت؛
اندر ٻاهر ڏه ڏسان، ساکي ڏسي ست؛
راتيون ڏينهان رت، رهي پد اواچ ۾.

Gul Hayat Institute

٦- رتي هڪ رهت، ودي جنهن ويساه سان؛
مٿي تنهن جي من مون، ٻي سڀ ممتا مت؛
اَنٿي ٻهر الک جي، ڪري اپيد ٻگت؛
**ساهي** چاٽي ست، ساکي سپڪنهن ۾.

٧- رهت ساڻ رهين، **ساهي** چئي سنسار ۾؛
ڀُلي مايا موه جي، وه ۾ ڪين وهين؛
جاڳي اوديا ننڊ مون، پنج ئي دوت دهين؛
متان پوءِ سهين، ڪشالا ڪرمن جا.

٨- رهت رهين، پائي گيات گروءَ جي؛
لڳو رهين لکه ۾، ڪنهنکي ڪين چئين؛
ميل وڃائي من جي، دکه سم سهين؛
تڏهين سکه لهين، **ساهي** سپيرين جو.

٩- گذري سان گذري، باقي رکه رهت سان؛
وڃي ساڌ سنگت ۾، **ساهي** ٻؤ ڪري؛
ته پرچي پاڻ پرين، ڪٽي ونئي هٿ سان.

١٠- مُکه سان رام چئي، سانت نه اچي جيءَ کي؛
اَن پاڻيءَ جي ناتو سان، بکه اُج ڪين لهي؛
اگر پهچي ڪونه ڪو، بنا پند ڪئي؛
گرگم رهت رهي، ته سکي تئي **ساهي** چئي.

Gul Hayat Institute

## (سِڪ)

١- **سامي** ڪين گھٽي، سِڪ سڄڻ جي من مون؛
سَلَ الوٽي سَمَر جي، ڏني جن ڇٽي؛
ڪلپت سڀ ڪٽي، پرچا رهن پرينءَ سان.

٢- سِڪ ساڪيات ڪيو، جاڳائي هن جيءَ کي؛
سورج آيو سر تي، اوديا پرم ويو؛
ٻانيڻ ڇٽي ٻيو، نظر نه اچي نينهن ري.

٣- جن کي سِڪ ثابوت، آهي عجيبن جي؛
تني ڏنو سڀ ۾، **سامي** ساکي پوت؛
بنا درسن قوت، ٻيو کڌهن ڪرن ڪينڪي.

٤- نڪو آر نه پار، سپيريان جي سِڪ جو؛
سِٿانتيءَ بنا سِپَ کي، اچي ڪين قرار؛
مڇيءَ جي من ۾، وسي پاڻي پراڻ آڌار؛
**سامي** سرجڻهار، هڪ پلڪ پراهون نه ٿئي.

Gul Hayat Institute

٥- بنا سِڪ سڄڻ، ڪنهين پاتو ڪينڪي؛
نڪري ڪِٿِن ڏهيءَ ري، منجھون ڪير مکڻ؛
قل ورائي وڻ، **سامي** سچو سڪڻو.

٦- جنهن کي لڳي سِڪ، **سامي** سپيرين جي؛
مٽي تنهن جي من مون، ٻي سياڻي ڇڪ؛
مورت محبوبن جي، سڀ ۾ ڏسي هڪ؛
راتيون ڏينهان ٽڪ، لائي وينو لکه سان.

٧- اڃي سڪ وڏي، پرينءَ جي پسڻ جي؛
ديکيا پوري گروهه جي، چڪي ڳنڍ ٻڌي؛
**ساهي** ڪنئين سر تي، نيڪي ۽ ٻڌي؛
لنؤ لنؤ موج لڌي، مورت پنهنجي مڙ جي.

٨- سڪ ملايو يار، ساڌوءَ سنگ **ساهي** چئي؛
اندر ٻاهر ده دسان، ڏنو دب ديدار؛
ٽيٹو جيءَ جيءَ ڪار، اوديا ڪلپت نه رهي.

٩- سڪ مون لڌو سچ، گرپرسادي گودڙي؛
ڪڍيائين اندر مون، سڀ ڪوڙو ڪلپت ڪَچ؛
ٻاري محبت مَچ، **ساهي** ڪيائين سوجهرو.

١٠- وڃي سڪ سهي، ڪيو در دوسن جو؛
سنسو سير صبر ۾، وڙو سڀ وهي؛
آتم لعل لهي، سڪي تيو **ساهي** چئي.

١١- ڪنهنکي ڪريان حال، سپرين جي سڪ جو،
ڏسان ڪونه جهان ۾، دردوند دلال؛
جو ملائي محبوب سان، ڪٽي ڪلپت ڪال؛
اهڙو پرڪ ديال، **ساهي** آهي ستگرو.

١٢- لائي وير وُڏي، سڄڻ سڪ سوڙهو ڪيو؛
اَڃي اڏ موئن تي، ڪندين مهر ڪڏي؛

ٽڙقي ٽڙقي تن مون، ويندو ساه ڇڏي؛
**سامي** ڇٽي ٽڏي، ميلو ڪندين ڪنِ سان.

۱۳- هزارن جي هڪ، ڳالهه ٻڌائي سنگروءَ؛
مليا سي محبوب سان، جن ڪي سچي سڪ؛
ڪڏهن ٿين ڪينڪي، اوٽا ءِ اڏڪ؛
ٻيا ٻانيڻ ڇٽي ٻالڪ، ڦُلي پيا ڀرم ۾.

۱۴- جن ڪي سچي سڪ، سي پاٽيهي پڌرا؛
**سامي** ٿيا سنسار جي، ڦرني ڪان فارق؛
مورت محبوبن جي، هردم ڏسن هڪ؛
ٻيا سڀ ڇٽين ڇڪ، تا مورکہ جيءَ مرم ري.

۱۵- جيڪو سر رکي، لاهي پيت گروءَ جي؛
سو سهجي سڪ سچيءَ سان، انيءَ رس چکي؛
گهت گهت منجهہ لکي، **سامي** سار سروپ کي.

۱۶- جنهنکي سچي سڪ، اديون عجيبن جي؛
سا پلڪ پراهون نہ ٿئي، حاضريءَ ڪون هڪ؛
**سامي** سکپت سيج تي، ويڙهي سڀ ورق؛
ٻيون سڀ ڇٽين ڇڪ، سڪ ورائي سکٽيون.

۱۷- سڪ ري صفائي، اچي نہ اندر کي؛
توڙي سڀ ساڌن ڪري، ٻائي سر ڇائي؛
اها ڳالهه سمجهه ۾، ڪنهن ورلي کي آئي؛
گرگم جنهن لائي، **سامي** لنو سروپ سان.

Gul Hayat Institute

١٨- سڄڻ رنگيلو، اچي مليو سک سان؛
**ساهي** سڀ ڦُلي ويو، کٽنب قبيلو؛
اهڙو ٿيو حيلو، ته ڀي سُڄهي ڪين سڄڻ ري.

١٩- جيڪو هن ويلي، اچي سک سچيءَ سان؛
تنهنکي ڏيان تتڪال ۾، من موهن ميلي؛
خلل ري کيلي، پيو **ساهي** چئي سنسار ۾.

٢٠- روح ڏنو ريلو، لڳي سک سروپ جي؛
ملي مهد جنن سان، تيڙو من چيلو؛
تن ڏيکاريو ڏيل ۾، مليو اکيلو؛
ميل ري ميلو، **ساهي** تيو سروپ سان.

٢١- سچي سک آئي، تڏهن ساگر ترڻ سُگم ٿيو؛
ملي مهد جنن سان، انيءَ لنؤ لائي؛
او ديا دکه اندر ۾، رهيو نه رائي؛
سهجي سمائي، مايا محبوبن جي.

Gul Hayat Institute

٢٢- کر ڳجهائي ڳول، ٿيءُ پيرانڊو پر جو؛
منجهي سک **ساهي** چئي، تون ڏوري لهه اڏول؛
لڄ مڙيئي ڀول، ته سهج ملني سپرين.

## ( محبت )

١- محبت مٺائي، ملي ملهه اپار سان؛
وڃي لڄ لٿي ڪون، ڏني جن ڪائي؛
چڙهيا انهيءَ اڄ تي، وڃائي وائي؛
**ساميءَ** سدائين، سنمک ڏسن سچ رين.

٢- محبت جن جي من ۾، سي پاڙيهي پڌرا؛
پيئن پيارين پريم رس، ٻيائي ڏيئي ٻن؛
**ساميءَ** سدا رهن، اٿل جان آڪاس ۾.

٣- محبت جن جي من ۾، سي سداءِ سنرا؛
**ساميءَ** سپرين ڪون، پلڪ نه پاسو ڪن؛
اندر ٻاهر ڏه ڏسان، سم سروپ ڏسن؛
رتا رنگ رهن، محبت مٺائي من جي.

٤- محبت جنهجي من ۾، سي رهن نماڻا جڳ ۾؛
**ساميءَ** سپرين جي، سدا پيئي رڪن؛
لاٻاري جاڙي ڪري، ڪينو ڪبر نه ڪن؛
آگيا منجهه رهن، جاڻ وڃائي پنهنجي.

٥- محبت جن جي من ۾، سي پاڙيهين پڌرا؛
هٿين پيرين پيت پر، **ساميءَ** سدا رڙهن؛
جيئڻ مرڻ ڏک سک جو، سنسو سوچ نه ڪن؛
وڃي پرين پسن، لنگهي اوديا سنڌ مون.

Gul Hayat Institute

٦- محبت جي ميدان ۾، عاشق رنگ رچن؛
پون پروانن جان، اڳيون عجيبن؛
سانگ نہ وارن سر جو، توڙي ڪچ ڪچن؛
ماسو ماس نہ تن، برہ جني جي بُگري.

٧- محبت مست ڪري، عاشق نيانِ اسگاہ ۾؛
پرچي ڪيائون پنھنجو، ساهي پُٽ پري؛
ڏسي منھن محبوب جو، وينا ڌيان ڌري؛
پرين پاڙ پري، نت پيالو ڏين نور جو.

٨- محبت باريو مچ، عجائب اندر ۾؛
سڙي ويو ساهي جنءِ، ڪوڙو ڪلپت ڪچ؛
سيڪ رھيو ھڪ سچ، ساکي رھي سنسار جو.

٩- محبت جنجي من، سي پاٽيھي پڌرا؛
درسن پسي دوس جو، راتيون ڏينھن رھسن؛
پريا ساگر پريم جا، انھيءَ رس چکن؛
ساهي ڪين لکن، تارتيءَ آڪاس ۾.

١٠- محبت جو مذڪور، بڌو جنھن بيائيءَ ري؛
اچي تنھنجي جيءَ مون، جاڳيو يڳت انگور؛
ديہ ايمان ڇڏي ڪري، تيو گگن ۾ گرڪور؛
حاضران حضور، ساهي ڏسي سپرين.

Gul Hayat Institute

## (پريم)

١- انيڪي انڪ، رکن ڪانہ اندر ۾؛
پور و اکر پريم جو، پڙهي تيا پرڪَ؛
ويڙهي سڀ ورق، **ساهي** چڙهيا سير تي.

٢- آتم درسي داس، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
ڪيو جنهن ڪلپت ري، نيڻن منجهہ نواس؛
چيتن چد آڪاس، پورن ڏسي پريم سان.

٣- اچي پريم پياس، گرگم لڳي جيءَ کي؛
اُٿندي، وهندي، ننڊ ۾، جپي ساسون ساس؛
**ساهي** سپرين ري، ٻي ڪا رکي نہ آس؛
سڀ پلائي پياس، لنوَ لنوَ ۾ٿي رام رس.

٤- سوئي تيڙو داس، سنتن سا پرسن جو؛
اچي جنهن جي گهر ۾، ڪيو پريم پرڪاش؛
**ساهي** ڏسي سڀ ۾، واسديوَ جو واس؛
ڪري ڪلپت ناس، چڙهيو انيءَ اچ تي.

٥- ورلو ڪو پوري رکي، پريت پرينءَ سان؛
هار جيت، دک سک ۾، ڪري **ساهي** صبوري؛
ممت وڃائي من جي، سهي سِر سوري؛
سو هردم حضوري، پلڪ پراهون نہ ٿئي.

Gul Hayat Institute

٦- جيءُ ڪري جڪ جڪ، راتيون ڏينهان نند ۾؛
پنهنجي ڏسي نه پريم سان، **ساهي** انهيءَ اڪ؛
پرميشر پرتڪ، وياپي رهيو وس ۾.

٧- پريم پريم سڀ ڪن، پريم پرڪ پرماتما؛
من، بُڌِ، واڻيءَ کون پري، لڪايا لهن؛
ٻيا سڀ باد بڪن، سمجهه ريءَ **ساهي** چوي.

٨- بيگم پور شهر، اٿي عين آڪاس ۾؛
من، بُڌ، واڻي واچ کون، اگم اگوچر؛
ڪٺي پريم پرتيت سان، **ساهي** سهج ٿمر؛
ته انهيءَ پرڪ امر، پهنجي وڃي پرمر ري.

٩- هر جن ڪين هٿي، پريم پريت ويساه کون؛
سُوري جان سنمڪ لڙي، سنسو سڀ سٿي؛
ماري نانا دَلَ ڪي، ڪلپت سڀ ڪَٽي؛
سهجي سوپ ڪَٽي، **ساهي** من مواس کون.

Gul Hayat Institute

١٠- عاشقن اڏيو، پريم پينگهوڙو گهر ۾؛
پسڻ ڪاڻ پرينءَ جي، ٻيو سڀ ڪم ڇڏيو؛
اچي گڏ گڏيو، سڄڻ سڪ ڏسي ڪري.

١١- پريمي تيو پريتم، اچي پريم نگر ۾؛
پاتائين پرينءَ جو، **ساهي** سهج مرم؛
پلائي پرم، پاڻ ڏسي تو پاڻ ۾.

١٢- مهان ڇَتر پربين، پريم ڪيا وس پنهنجي؛
مانُ وڏائي سڀ ڇڏي، ٿيا عاشق لنو لين؛
پويا پچن ڪين، **ساهي** پريم پساچ سان.

١٣- سنگر لڪائي، ظاهر جنهن کي پريم پد؛
سو سوگهو رکي ساه ڪون، لنوَ سان لڪائي؛
سدا رهي سنتوک ۾، واتون نه وائي؛
جئن گونگو گڙ کائي، مشڪي ڪشڪي ڪينڪي.

١٤- آءُ نه پيار يانءِ، پريءِ پيالو پريم جو؛
**ساهي** هن اوسر ۾، تن من سڀ ناريانءِ؛
ده دس ڏيکاريانءِ، انڀءِ پرڪ اکين سان.

١٥- پرچي ڪو پاڙهي، پنڊت پٿي پريم جي؛
من کي محبوبن ڏي، لنوَ لائي لاڙي؛
**ساهي** پڳت جهاز ۾، چڙڪي ڏکي چاڙهي؛
ڦڪل سان ڦاڙي، پردو پيد ڀرم جو.

١٦- پريميءَ کي پرلاءُ، سته پيو سروپ جو؛
بڌائين باون ري، ڳگن ۾ گوگاءُ؛
ميٺي ڏٺيا ياءُ، سيتل ٿيو **ساهي** چوي.

١٧- ورلي ماءُ ڄڻي، ڪا پريمي پُتر گرڀ مون؛
**ساهي** سچرين جي، جنهن کي پڳت وٽي؛
جاڙ وڃائي پنهنجي، سڀ جو داس ٻڻي؛
ليکو ڪين ڳڻي، ڏسي اليڪ اکين سان.

Gul Hayat Institute

١٨- ورلو وَڌ ياڳي، پهتو پريم نگر ۾؛
جنهن مليي ساڌ سنگت سان، ممتا مت تياڳي؛
ڌنائين جاڳي، پنهنجي اکين پاڻ کي.

١٩- پرچي جنهن پڙهيو، پورو اکر پريم جو؛
سو ممت مٽائي من جي، انپيء اچ چڙهيو؛
**ساهي** اڻ گهڙيو، ڏِيو ڏنائين ڏيهه ۾.

٢٠- جن کي پريم پياس، اچي اڙ غٽي لڳي؛
سي **ساهي** سدا رهن، مايا منجهه اداس؛
مليي سنگت سان، ٿيا داسن جا داس؛
ڪٽي اوديا ڦاس، سڀ گهٽِ ڏسن سپرين.

٢١- سڀ جي گهر آهي، پريم پدارث رام ڏَن؛
**ساهي** ڏسي ڪونڪو، منهن مڙهيء پائي؛
ستگر لکائي، ته ڏسي پد اکين سان.

٢٢- جنهن جي پريم پَلي، سنمکه تنهنجي سپرين؛
**ساهي** سکه سروپ جو، کنهن کي کين سلي؛
پرچو رهي پد ۾، پنج أي دوت دَلي؛
هلي کين چلي، جاڻ وڃائي پنهنجي.

٢٣- پيالي مان پرينء جي، رتيائي رحمت؛
پيتي جن پريت سان، سي ٿيا متارا مت؛
سي کٿن کين اکٿ، ريدا رهن حال ۾.

Gul Hayat Institute

## (عشق)

١- جنهن کي عشق لڳو، اڇي عجيبن جو؛
تنهن مليو ساڌ سنگت سان، **سامي** پول پڳو؛
وڪڙي ڀور ڀڳو، سمهيو سکپت سيج تي.

٢- عشق، عقل آهين، ٻئي پر پکيءَ جا؛
انهيءَ جي آڪاس ۾، گر گم پهچائين؛
درسن سار سروپ جو، لنوَ سان لکائين؛
ممت مٽائين، **سامي** سڀ اندر جي.

٣- جنهن کي ڏيکاري، عاشق لنڪ عشق جي؛
تنهن **سامي** سٽي سر تون، خودي خواري؛
اتري ڪين اکين مون، جا خوشي خماري؛
قري نه بيڪاري، درد ڪارڻ دوس جي.

٤- عشق ۽ عقلُ، ٻئي ساڌن سمر جا؛
ساڌي لهه **سامي** چئي، آتم پد عمل؛
ناحق روهه مرل، مورکه من جي پاوَ تون.

٥- انهيءَ عشق، لوري لڳو جن کي؛
سي ڪنهنکي چون ڪينڪي، لنوَ لپيٽيو لڪُ؛
اندر باهر هڪ، **سامي** ڏسن سپرين.

٦- **سامي** ڪوهه ڪٿي، جنهنکي عشق اندر ۾؛
چڙهو پهچي چاهه جو، وحدت منجهه وُٺي؛
جٺي رهي تني، سنمکه ڏسي سپرين.

Gul Hayat Institute

٧- ڦرني جو فرياد، عاشقن کي اندر ۾؛
جنهنکي آيو عشق کون، **ساهي** ڇڏي سواد؛
درسن پائي دان، پريت نہ مٺن پنهنجي.

٨- عشق جو نقطو، سمجهو جنهن **ساهي** ڇڏي؛
جئندي تنهن جهان مون، ليکو ڪيو ڇڪتو؛
ڪري من مڪتو، سمهيو سکپت سيج تي.

٩- ڪامل ڪرم ڪيو، تڏهن پرين پنهي گهر آيو؛
اوديا اونده نہ رهي، سج ري ڏينهن ٿيو؛
اَجگڻي عشق جو، اُلٽو پيچ پيو؛
**ساهي** سپ ويو، وڇوڙو ورهن جو.

١٠- نيون نهوڙي، نينهن جنهنکي عشق عجيب جي؛
سو وينو درس درياء ۾، پيائي سپ پوڙي؛
**ساهي** منهن موڙي، ڪنهن ڏي ڏسي ڪينڪي.

Gul Hayat Institute

١١- اڃي عشق رکيو، زور جنهين جي من ۾؛
تنهن چيت مٽائي چت جي، چيتن رس چکيو؛
ستہ ست مليو، **ساهي** ڇڏي سروپ کي.

١٢- شڪر ۽ صبر، عشق عقل سان گڏ ٿيو؛
ڇڏي جي چوڏول ۾، ڪو جهولي نرپک نَرُ؛
وڃي لڌو جنهن پنهنجو، انيم آدي گهر؛
ميٽي ڏڪہ ڏمر، سينٽل ٿيو **ساهي** ڇڏي.

## ( پريمي يا نيھي )

١- ساڌو سرڻ پئي، پريمي پريت پرتيت سان؛
چاڙَ وڃائي پنھنجي، آڳيا منجھ رھي؛
تڏ گرمي بڪ ديھ جي، **ساميءَ** سڀ سھي؛
تڏھن لعل لھي، امولڪ اندر موَن.

٢- نيھي نُرَ نھڪام، ڪوڙن ۾ ڪو ھڪڙو؛
ڪٽي جنھن گرگيات سان، طمع سڀ تمام؛
اندر باھر نَپ جان، ڏسي رمتا رام؛
سرڳ جھڙو ڌام، **ساميءَ** چاھي سپنو؛

٣- نانگن ڪين نِوايو، ناٿُ نوايو نيڻھن؛
اصل اوڏو تن کي، مڙھيءَ اُنا ميڻھن؛
ڪن چاڳندي ڏينھن، ڪن کي پلڪ ۾ پرچو ٿيو.

٤- نيڻھن بنا نادان، ويد پڙھي وادي ٿيا؛
بانيڻ ڪن پيائيءَ سان، چپ تپ دان اشنان؛
نيھي نارائڻ ري، ٻيو سڌ رکن ڪانه؛
رھن منجھ جھان، نرپيکه نيارا نپ جان.

٥- نيھي نماڻو، مانُ چڏي مائل ٿيو؛
رھي ساڌ سنگت ۾، وِڌ سان وڪاڻو؛
پرچي لڌائين پنھنجو، پريتم پراڻو؛
پڳونت جو پاڻو، **ساميءَ** رکيائين سر تي.

٦- پريميءَ کي پرلاءُ، سنڌ پيو سروپ جو؛
ٻُڌائين ٻاون ري، ڳگن ۾ گوڳاءُ؛
ميٺي ڏٺيا ڀاءُ، سيتل ٿيو **ساهي** ڇوي.

٧- ٻانيڻ کو ٻُجهي، ٻولي ٻاون ٻاهرين؛
توڙي سياڻو سورمو، پنڊت پڙهيو هجي؛
کو جن پريمي پريتوان، سمجهايو سمجهي؛
موٽي ڪين منجهي، اوديا جي اونده ۾.

٨- آهي اَڻ وَٽي، **ساهي** ڳالهه سروپ جي؛
سياڻا سمجهن ڪينڪي، مصلحت ڪن مڙي؛
اِياڻا ويا عقل ري، رسن منجهه رڙهي؛
نرمل نئن ڪڙي، پيا نيهيءَ نرپکه ڇا.

٩- نيهي نه ڪرم، ڪرم ڪن ڪلپت ري؛
نڪي مايا موهيا، نڪي جوهيا جم؛
ٻولن ٻڌن ٻيائيءَ ري، انيڪي واک اگم؛
**ساهي** ڏسن سم، اندر ٻاهر آتما.

١٠- نئنن لايو نينهن، نور محل ۾ ناٿ سان؛
جتي سج نه چنڊ ڪو، نڪو رات نه ڏينهن؛
مهرؤن وَسي مينهن، **ساهي** سدا عرش جو.

Gul Hayat Institute

## (محبتي)

١- محبتي مطلب، ڪنهن سان رکن ڪينڪي؛
رهي جني جي روح ۾، راتيان ڏينهان رب؛
ڳالهيون ڪن عرش جون، عجائب عجب؛
توڙي لائي لوڪ لقب، تہ بہ مست رهن مهران ۾.

٢- محبتن ملڪ، جيتيو سڀ جُڳت سان؛
لائي وينا لڪ جو، گرمکہ تت تلڪ؛
اندر باهر هڪ، سامي ڏسن سپرين.

٣- محبتي مشتاق، ڪاڻ نہ ڪين ڪنهنجي؛
ڏنائون ڏائڻ ڏسي، طمع کي طلاق؛
سدا سپرين سان، پرچا رهن پاڪ؛
بولن بيحد واڪ، سياوڪ سامي چئي.

٤- محبتن ماڙي، لڌي لڪ اگم جي؛
جنهن ۾ لائي لعل ثيا، طمع ري تاڙي؛
ڳالهہ نہ ڪرن ڳجهہ جي، سامي اگهاڙي؛
ڏسن ڏهاڙي، پنهنجي اکئين پاڻ کي.

٥- محبتن جو من، سيتل رهي سياءَ ۾؛
سامي ڪن سروپ جو، بنا پيهہ پچن؛
گهٽ وڌ واٽيءَ واچ کي، ڪلپي ڏين نہ ڪن؛
ڪڏي ڪانو پُن، ڏسن انيئي اَن کي.

Gul Hayat Institute

٦- محبتن ماريو، غيبي غوطو گهر ۾؛
انهيءَ لعل لهي ڪري، جيءُ جسو ناريو؛
ٻرڪي نواريو، **سامي** ڏسڻ ڏيهه جو.

٧- محبتي مستان، رهن پنهنجي حال ۾؛
**سامي** سپيرين ري، ڪلپت رکن ڪانه؛
جئن ٻالڪ نادان، رهن الڳ اڇا ري.

٨- محبتي محتاج، ڪنهن جا تين ڪينڪي؛
رکن نه رتيءَ جيتري، ٻنا درسن هاج؛
انهيءَ آواز، ٻنا ڪين پاوَ سان.

٩- محبتي مگن، رهن پنهنجي حال ۾؛
**سامي** جاڻن ڪونڪو، سڪ ٻنا ساڏن؛
ڪيائون وس ويساه سان، ٻرچي من پون؛
سڀ انگي سمپن، ڏيئو ڏنائون ڏيهه ۾.

١٠- محبتي مشتاق، لڪن ڇپن ڪينڪي؛
پائي وينا پريم سان، اکين منجهه اوطاق؛
سدا سپيرين سان، پرچا رهن پاڪ؛
ٻانيڻ ٻولن واڪ، درد پريا ديدار جا.

١١- محبتي مامور، رهن پنهنجي حال ۾؛
ڪايا مايا ڪل ۾، وڃن نه وهلور؛
جاڻن سڀ سنسار ڪي، ٻيڙيءَ جو پور؛
حاضران حضور، **سامي** ڏسن سپرين.

Gul Hayat Institute

١٢- محبتي مامور، رهن پنهنجي حال ۾؛
مرشد جي مهر سان، ڇيت ڪيائون ڇور؛
سو ڪئين سان سور، جنهن ڪارڻ جوڳي ٿيا.

١٣- محبتي مستان، ٿيڙا سهج سروپ ۾؛
بنا سڪ سڄڻ جي، بي سڌ رکن ڪانہ؛
ار پيائون عجيب ڪي، تن من ڌن پت پران؛
سدا رهن غلطان، **سامي** سپيرين سان.

١٤- محبتي مستان، پرچا رهن پاڻ ۾؛
بنا سڪ سڄڻ جي، بي سڌ رکن ڪانہ؛
انئي پهر عرش ۾، جپن ريءَ زبان؛
جڳ ڄاڻي نادان، **سامي** ساکي سڀ جا.

١٥- محبتن مذڪور، ويهي ڪيو پاڻ ۾؛
اوديا جو اندر مون، سڀ ڪڍيائون سور؛
حاضران حضور، **سامي** ڏسن سپرين.

١٦- محبتي ملڪ، جيتيو سڀ جڳت سان؛
دئيت ڪڍياءِ دل مون، رکي سم صدق؛
اندر باهر هڪ، **سامي** ڏسي سپرين.

١٧- ويڙو ڪوڙ ڪپت، محبتيءَ جي من مون؛
لاثانئين گر گيات سان، **سامي** اوديا پُٽ؛
پرچي ڏناءِ پاڻ ۾، پرينءَ کي پرگهٽ؛
ڪڍي وينو هٽ، سودي سار آپار جو.

Gul Hayat Institute

١٨- ورلو ڪو آهي، محبتي مشتاق جن؛
جو ملي ساڌ سنگت سان، منهن مٿي پائي؛
جاڻ وڃائي پنهنجي، لنؤ لنؤ لنوِ لائي؛
ممتا مٽائي، **سامي** ڏسي سروپ کي.

١٩- محبتي مستان، جهولن جهروڪن ۾؛
**سامي** سڀرين ري، بي سُڌ وڪن ڪانہ؛
پل پل پيئن پريم رس، ڪيدي اوڊيا آن؛
رهن منجهہ جهان، سدا اليپ ڪنول جان.

٢٠- محبتين مڙي، مجلس ڪئي پاڻ ۾؛
پيئن پيارين رام رس، واڪن سان وڏهي؛
سنڌ پيو **سامي** چئي، چيتن چنڊ ڪڙي؛
رهت وان رڙهي، تنهين ۾ تڏ روپ ٿيو.

٢١- محبتي مڪتو، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
جنهنکي ڏنو ستگروءَ، پرچي پريم پتو؛
پيو **سامي** چاٽي ڪونڪو، من ۾ منتر متو؛
رهي رنگ رتو، سدا سڀرين جي.

٢٢- محبتي مستان، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
جو رهي پنهنجي حال ۾، سداءِ غلطان؛
چڙهي وينو چوڏول ۾، ڪيدي غير گمان؛
ڪياءِ سِر قربان، ميخاني جي موج تون.

Gul Hayat Institute

## (عاشق)

١- سيڪو ڪوناهي، منهن سان عاشق پاڻ ڪي؛
ڪو ورلو پاڻ پتنگ جان، جيئندي جلائي؛
جنهن کي لڪائي، **سامي** درس سپرين.

٢- عاشق سڀ مڃي، آگيا عجيبن جي؛
**سامي** رهي سڪ ۾، وچن ڪين ڀڃي؛
توڙي سِر وڃي، پير نه وجهي پوئتي.

٣- قرني جو فرياد، عاشقن کي اندر ۾؛
جنهن کي آيو عشق کون، **سامي** چکي سواد؛
درسن پائي داد، پريت نه مَٽن پانهنجي.

٤- **سامي** چکي سواد، جنهنکي آيو سهج جو؛
سي ڪنهن سان ڪرن ڪينڪي، وائي ۽ وڪاد؛
هار جيت دکه سکه کون، عاشق رهن آزاد؛
ڪري مدعي مات، مليا سَتهه سروپ سان.

٥- عاشق ڪين الڪن، سورج جان هن لوڪ ۾؛
سدا البيلن جا، نيڻ رتا رهن،
ڪاڻ نه ڪين ڪنهنجي، سوري پڻ سهن؛
انکي ڀهر وِهن، **سامي** سپرين سان.

٦- موهيا درس ديدار، عاشق عملي سنت جن؛
رکن نه رتيءَ جيتري، **سامي** سرت سنڀار؛
سدائين نردار، رهن پانهنجي حال ۾.

٧- عاشق ڪن عرض، سدا سڪ سچيءَ سان؛
درسن درد وندن کي، ڏي نارائن نج؛
اوديا اونده نه رهي، ڏسي ساکي سج؛
سڙي وڃي ٻج، **ساهي** ڇٽي سنسار جو.

٨- عاشق تانگهو تار، ٻُٽن ڪين اندر ۾؛
لنؤ سان لڪ ٻنڌي ڪري، پل ۾ لنگهيا پار؛
وڃي ٻيگم پور جي، ٻينا منجهه بازار؛
ڪري اکيون چار، **ساهي** مليا سروپ سان.

٩- عاشقن جي راه، جدا سڀ جهان کون؛
هلن هٿ ڇڏي ڪري، بنا چنتا چاه؛
ڪنهنجي رکن ڪينڪي، پرينءَ ري پرواه؛
سدا ڪن سلاه، **ساهي** سپرين جي.

١٠- پرچي پٽڙا پنڌ، عاشق سچيءَ سڪ سان؛
لنگهيا پار سمنڊ جي، بنا ٻيڙيءَ ٻنڌ؛
وڃي سوکم ديس ۾، **ساهي** هنياؤن سنڌ؛
ڪيري ڪلپت ڪنڌ، سنمک ٿيا سروپ جي.

١١- عاشق ڪونائين، ته صرفو ڇڏ سرير جو؛
ڏيئي سِرُ ستگروءَ کي، ٻيو اڳي پائين؛
تڏهن لنوَ لائين، **ساهي** سپرين سان.

Gul Hayat Institute

١٢- سرڳ ۽ نرڪ، عاشق ڄاڻن ڪين ڪي؛
رهن سدا سنسي ري، ڳڳن منجهه غرق؛
اندر ٻاهر هڪ، **سامي** ڏسن سپرين.

١٣- عاشق آرامي، رهن ديس ملار ۾؛
جتي اچ نه ٻڪ ڪا، نڪا ڏم ڏامي؛
سدائين **سامي**، سنمک ڏسن سپرين.

١٤- راتيون ڏينهن ٽڪي، عاشق منهن محبوب جو؛
رهي اکنڊ ڌيان ۾، **سامي** ڪين ٽڪي،
جاڳ وڃائي پنهنجي، لنؤ لنؤ رس چکي؛
بنا مک ٻڪي، چڙهي گنب ڳڳن ۾.

١٥- ٻيهن، ڪين ٻڇن، عاشق اڳيون عجيب جي؛
**سامي** سک سهي ڪري، آڳيا منجهه رهن؛
جنم مرڻ دک سک جو، سنسو سوچ نه ڪن؛
هلايا هلن، ڄاڻ وڃائي پنهنجي.

Gul Hayat Institute

١٦- عاشقن جهيڙو، **سامي** لايو گهر سان؛
وڃهين ڪوه ڳجهي ۾، ڪوڙو ٻکيڙو؛
اسان ڪيو تنهنجو، ڏوه ڳناه کهڙو؛
ويهي نبيرو، سنمک ڪر ڳُنن جو.

١٧- عاشق اگهاڙي، ڳالهه نه ڪري ڳجهه جي؛
ڪيائون ڪليت ڪدي، ڪري محڪم مهاڙي؛

لائي وينا لَڪَ سان، **ساهي** سر ٽاڙي؛
ڏسن ڏهاڙي، پنهنجي اکڙين پاڻ کي.

١٨- عاشق عشق پريا، مست رهن مهران ۾؛
**ساهي** سچاڻن کينڪي، تنکي لوڪ چريا؛
سياڻن سچاڳن جا، ڏسي نيڻ ٺريا؛
سته ڪاج سريا، سچيءَ سڪ وارن جا.

١٩- ڪريان ڪهڙو حال، درد وندن جي دل جو؛
ڪنا ڪڇن کينڪي، لنوَ لائي تيا لعل؛
تن کي ڪوه ڪريندو ڪال، جي مرڻ کون اڳي مئا.

٢٠- ڪري جهد جفا، عاشق چڙهيا اڄ تي؛
ڪثيائون ڪلپت جا، ڪرڻ ۾ خيال خفا؛
**ساهي** ڏسن صفا، اندر باهر آتما.

٢١- ڪو عاشق جن اڇي، مڻن جي مجلس ۾؛
ڪنيو خلاصو ڪري، جنهنکي سڪ سچي؛
پتنگ جئن پاڻ کي، ڏسي مچ مچي؛
**ساهي** رنگ رچي، سته سپرين جي.

٢٢- ليکي وڏو لڙ، **ساهي** جڳي سنسار ۾؛
عاشق چڙهيا اڄ تي، ڪري پنج أي پُرُّ؛
سنمکه سپرين جي، لائي وينا جهڙ؛
جئن گونگو کائي گڙ، مشکي ڪشڪي کينڪي.

Gul-Hayat Institute

## ( ڀڳتي ۽ ڀڳت )

١- ڀاڳوني ڀڳت، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
مٺيو جنهنجي من مون، **ساهي** ممتا مت؛
اندر ٻاهر ٽيپ جان، ڏسي ساڪي سٽ؛
واري وينو ڪت، جتندي پانهنجو جم سان.

٢- وڏي وڏائي، **ساهي** جاڻ ڀڳت جي؛
نيچ اوچ ٿيا ڪيترا، ڪري ڪمائي؛
ڌيڙ چمار جولاها، ڀيچارا نائي؛
جنهين لنؤ لائي، سي سيپيٺي سڌريا.

٣- ڀڳت ڀيارا جاڻ، نارد مان ڪي سڀ ڪون؛
جني منهنجي نانو تي، ڏنو پنهنجو پاڻ؛
سنسو ڪيڏي جيءِ مون، سمرٿ سڀ ساڻ؛
پوري تن جو پاڻ، **ساهي** چڏيان ڪينڪي.

٤- سوئي سنت ڀڳت، سوئي ڀڳت گيان وان؛
مرڳهه ترشنا جي جل جان، ڏٺو جنهن جڳت؛
متا پائين من مون، **ساهي** ممتا مت؛
انيءِ آتم نت، پائي پرچو پاڻ سان.

٥- ڀاڳوني ڀڳت، ماڻن سک سروپ جو؛
سمجهي جن **ساهي** چوي، اُلٽي اشارت؛
چڙهيا چيتن چت تي، ڪٽي سڀ ڪلپت؛
عين ايڀد اَڏ ڀُٽ، ٻاٽي ٻولن ٻيهدي.

٦- جيڪو ڪمائي، ڀڳت ڳر ويساھ سان؛
چاڙ وڃائي پنھنجي، **ساھي** لنؤ لائي؛
جنم مرڻ سک دک جو، سنسو مٽائي؛
سمجھي سو پائي، جيون پدوي گھر ۾.

٧- ڀڳت پد پارو، پاتو جنھن پر تيت سان؛
مٽيو تنھنجي من مون، اوندھ اندارو؛
لٿي ڏنائين لڪ ۾، **ساھي** جڳ سارو؛
نپ جان نيارو، رھي بدبھي دنيا ۾.

٨- ڀڳت ڏني ڀڳوان، جنھن کي پرچي پنھنجي؛
تنھن **ساھي** سپيئي ڪيا، جپ تپ دان اشنان؛
راج يوڳ سک سرڳ جي، اڇا رکن ڪانہ؛
رھن منجھہ جھان، سدا اليپ ڪنول جان.

٩- ڀڳت اپيد ڪري، جيڪو سڪ سچيءَ سان؛
**ساھي** تنھن کان سپرين، پاڪ نہ ٿئي پري؛
انٿي ڀھر پري، مھان مشعال اندر ۾.

١٠- ڀڳت ڪمائي، گرمک چٽي دکن کون؛
ڏنائين ڳر گيات سان، منھن مڙھيءَ پائي؛
ڳالھہ نہ سلي ڪنھن کي، جڻن گنگو ڳڙ کائي؛
رھيو لنؤ لائي، **ساھي** سپرين سان.

Gul Hayat Institute

## (گيان)

١- ٻُڌو جنهن گيان، **سامي** گرگم واچ سان؛
مٽيو تنهنجي من مون، اوديا جو ايمان؛
پرچو رهي پاڻ ۾، لائي سهج ڌيان؛
**سامي** ڏسي ڀڳوان، اندر ٻاهر ڏهه دسان.

٢- جنهن ڪن ڏيئي، ٻڌو گيان گروءَ جو؛
پڙهي تنهن پورا ڪيا، شاستر سڀيئي؛
سادي چڙهيو سير تي، اُروار پار ٻيئي؛
درشت وڃي ٻيئي، **سامي** چئي سروپ تي.

٣- اَوديا جو اُپاءُ، ڪونهي آتم گيان ري؛
پچي ڪر پرتيت سان، **سامي** سُڌ سماءُ؛
جاڳي ايشور جيو جو، ڪي دل مون دنيا ڀاءُ؛
اهڙو دلبر داءُ، موٽي ايندءِ ڪينڪي.

٤- بنا آتم گيان، ممت نه مٽي من جي؛
توڙي سڀ سادن ڪرين، پڙهين ويد پران؛
گيتا ۾ ڀڳوان، ارجن کي ائين چيو.

٥- گيان ورائي گت، ڪنهن جي ٿئي ڪينڪي؛
توڙي تپ تيرٿ ڪري، سادن نانا ڀتِ؛
سمجهي ڏس **سامي** چئي، تون ڪيڏي ممتا مت؛
ڪري ساڌ سمت، ساکه ڏين ٿا سچ جي.

Gul Hayat Institute

٦- منجهي ڏُنَ ڏيان، اٿي ڏُني ڏيان ۾؛
سمجهي ڏس **ساهي** چئي، تون اهو آتم گيان؛
نہ اوديا جو ايمان، متي وڃيئي من مون.

٧- گُروءَ لکايو گيان، تڏهن ٻولڻ ٻنڌڻ گيان ٿيو؛
جيڪي اڇي درشٽ ۾، سو **ساهي** سڀ ڏيان؛
سيوا سهج سروپ جي، ڪانڻ پيرڻ اشنان؛
پائي پد نرباڻ، ماهل ٿيو مهران ۾.

٨- ڏني گيان ڪلا، ستگور پرڪ ديا ڪري؛
متي ويئي من مون، **ساهي** سڀ بلا؛
ڪنهن کي ڳالهہ سلان، اهڙي سڪہ اگم جي.

٩- مشڪل ڪيو آسان، **ساهي** پوري ستگروءَ؛
پرچي ڏنائين پريم سان، انڀيءَ آتم گيان؛
رهيو نہ رتيءَ جيترو، اندر ۾ ايمان؛
سم ڏنو ڀڳوان، ڪيٽيءَ ۽ ڪنچر ۾.

Gul Hayat Institute

١٠- ڏنو آتم گيان، پوري گر پرچي ڪري؛
اوديا ڪلپت نہ رهي، پرڪ ڏنو پرڏان؛
**ساهي** سڀ جهان، آهي جنهنجي آسري.

١١- پرڪ مليو پرڏان، **ساهي** پورو ستگرو؛
جنهن رکي درشٽ ديا جي، ڪڍيو غير گمان؛
ڏيئي آتم گيان، اسٿت ڪيائين پد ۾.

## ( گياني )

١- گيانيءَ سڀ گهوري، سک وڏا سم سک تون؛
**سامي** چڙهائين سرڳ کي، ترِيا منجهه توري؛
جهولي پريم اَگم جي، هردم هندوري؛
اور وِيئو اوري، سَت چِت سروپ سان.

٢- سو گياني گياتو، سو جو ڳيسر جڳ ۾؛
الٽي جنهن اوديا ڪون، منهن مڙهيءَ پاتو؛
سَت چِت سروپ کي، سم ٿي سڃاتو؛
سدا مت ماتو، **سامي** رهي سياءَ ۾.

٣- گيات وان گياني، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
ڏٺو جنهن ڏيهيءَ ۾، اَچرج آسماني؛
جاڻي سک سنسار جا، سڀ ڦڪا فاني؛
**سامي** سيلاني، ورتي ٿي وهنوار ۾.

٤- پل پل منجهه پلي، گياني گرمک پاڻ کي؛
توڙي سينڌل ٿيو **سامي** چئي، پنج ئي لڏوت دلي؛
اها ڳالهه اندر جي، ڪنهن کي ڪين سلي؛
بنا چاهه چلي، ساکي ٿي سنسار ۾.

٥- ورلو ڪو گياني، الڳ رهي انچا ري؛
جنهن جي سرت سروپ ۾، **سامي** سماڻي؛
ڏٺائين فاني، جاڳي سڀ جهان کي.

Gul Hayat Institute

٦- گياني هڪ رکي، نهچو آتم ديو جو؛
نهاري نيڻن سان، **ساهي** سم لکي؛
ممت وڃائي من جي، لنؤ لنؤ رس چکي؛
**ساهي** ڪين جکي، اوديا جي اهنڪار ۾.

٧- سو گياني گيات گيئو، جو رهي سم سپاو ۾؛
سمجهائين **ساهي** چئي، پاڳوتن جو پيؤ؛
ڏسي آتم ديؤ، چئيءَ ڪنچر ۾.

٨- گيانيءَ کي گرهست، آهي انيتيءَ جهڙو؛
ڪنهن تي رکي ڪينڪي، ڏليون ڏيت ڏست؛
ڏسي ڏيهه ايمان ري، وياپڪ هڪ وست؛
بنا مد مست، **ساهي** رهي سپاو ۾.

٩- گياني بد گياني، ڪيئن سڃاڻي سنگرو؛
هو ٻاڻي ٻولي ٻيهدي، هو جڙي زباني؛
هو ڏسي وياپڪ آتما، هو اندوانوماني؛
نينهن نشاني، سهي ڪئي **ساهي** چئي.

١٠- گياني گرمکه، ٻاڻي منجهه پنو رهي؛
ممتا مٽائي من جي، سم جاڻي ڏکه سکه؛
پورن هڪ پرکه، **ساهي** ڏسي سڀ ۾.

١١- گرمکه نر گياني، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
ڪئي جنهن ڪلپت ري، حاصل حقاني؛
رهي انيپ جڳت ۾، **ساهي** سيلاني؛
پرينءَ ري پراڻي، خالي ڏسي ڪونه ڪو.

Gul Hayat Institute

## (سنياسي)

١- سنياسي سيئي، جي سنسي کون صاف ٿيا؛
ڏسن پنهنجي ڏيل ۾، شِوُ شڪتِ بيئي؛
ٻيءَ پر سيئي، تا مٽي پائين منهن ۾.

٢- سنياسي سيئي، جي آدم کون اڳي ٿيا؛
اوريان اورن عام سان، پريان پريئي؛
تني کي ڏيئي، باد وڃايو بکيا.

٣- سيئي سنياسي، جي ممت نہ رکن من ۾؛
**سامي** ڪنيائون سر ٿي، ڦرني جي ڦاسي؛
حد پري ٻي حد ۾، وهي ٿيا واسي؛
الک ابناسي، ڏسن نت نرباڻ ٿي.

٤- سر جهو سنياسي، کوڙين ۾ کو هڪڙو؛
**سامي** جنهن گرگم ڏني، ڪايا منجهہ ڪاسي؛
ممت وڃائي من جي، ٿيو نربل نراسي؛
الک ابناسي، **سامي** ڏسي سڀ ۾.

٥- سوئي سنياسي، جو ڀگوان ڀهري ڀاو جا؛
لائي خاڪ ڪميا جي، ڪٽي جم ڦاسي؛
ڪري نت ڪليت ري، ٻيا آڪاسي؛
الک ابناسي، **سامي** ڏسي سڀ ۾.

Gul Hayat Institute

٦- ورلو جن وسي، سنياسي سنسار ۾؛
ودو جنهن پنجن جو، گرگم ٻل کسي؛
مايا موھ اسار ۾، **ساهي** ڪين ڦسي؛
چڙهي پار رسي، انيئي پد اپار ۾.

٧- سنياسي سيئي، پار ڪيو جنهن پاڻ ۾؛
**ساهي** تن کي آتم پد جي، سهجي سڌ پيئي؛
ساڌن سپيئي، ار پيائون آرام ۾.

٨- جوڳي، سنياسي، بيراڳي، ٻانيڻ گهڻا؛
نانا بيک جڳت ۾، سيوڙا اداسي؛
تنهين ۾ ڪو هڪڙو، درسن جو پياسي؛
جنهن جو ڦند ڦاسي، **ساهي** ڪٽيو ستگروءَ.

٩- سوئي سنياسي، جو سيتل رهي سياءَ ۾؛
ڪٽي جنهن ڪرپا سان، ڦرني جي ڦاسي؛
سر ڏسي **ساهي** چوي، الک ابناسي؛
گنگا گيا ڪاشي، پوين ڪين پلن جان.

Gul Hayat Institute

## (آتما)

۱- جاڳرت ۾ جوئي، سپني ۾ سوئي اچي؛
سمهي سکپت ۾، ڪري آنند اُهوئي؛
تريا سان تہ روپ ٿي، تہ ساکہ ڏئي سوئي؛
آتم اهوئي، جو ٽنهي کي چيتن ڪري.

۲- بانيڻ ٽائو بار، نپٽوسڪ جي نار کي؛
جنهنجو روپ نہ رنگ ڪو، نکو انگ آڪار؛
ڏسي جيءَ نري پيو، تنهنجو دب ديدار؛
از غئبي اسرار، اچي نہ واڻي واچ ۾.

۳- دوست جو ديرو، اٿي اڌ آسمان ۾؛
سوکم کون سوکم ٿي، پرچي پُهہ پيرو؛
نہ مٿي وهيڻي من مون، اوديا انڌيرو؛
پاڳوان پيرو، سڦلو ڪري سامِي چوي.

۴- اکين منجهہ آهين، اکيون عجيبن جون؛
جني ڏسان نيڻ پري، تني واجهائين؛
مٿون پانڌ مهر جو، هڪ لحظو نہ لاهين؛
لنو لنو لڪائين، درسن دردوندن کي.

۵- آتم پد واسي، ڪوڙين منجهہ ڪو هڪڙو؛
جٺن پکين ۾ هڪڙو، اَنل آڪاسي؛
ڪتي قند قاسي، وڃي بيگم پور ہر حال ٿيو.

Gul Hayat Institute

٦- آتم ڏِن اَپار، ڪٿي وڏي ڪينڪي؛
ڳڻتيءَ ليکي ڪون پري، بيحد بي شمار؛
وٺي پاري رند پاھ ڪون، **ساھي** نرمل سار؛
اھڙو اڪنڊ پنڊار، گرگم لڌو گھر مون.

٧- مڙھيءَ منجھ مڙھي، تنھن ۾ مڙھي دوسن جي؛
پاڻ مڙھيءَ ڪون پار تي، چاڙھي ڏس چڙھي؛
پڇي پِرم گھري، نات ملي نج نات سان.

٨- منڌي من خلل، تو ناحق تپ ۾ تپين؛
آھين ساڪي سپ جو، سدائين سيتل؛
پرم منجھ پُلي ڪري، جاڻي چل اَچل؛
**ساھي** جل ڪي مَلُ، ڪڏھن لڳي ڪينڪي.

٩- سوکم ڪون سوکم اٿي، راھ عجيب جي؛
ڪٿي سان ڪميا جي، **ساھي** دم قدم؛
جيڪو اٿي ڪم، پسڻ منجھ پرينءَ جي.

١٠- **ساھي** الک اپار، من بُڌ واٽيءَ ڪون پري؛
وياپي رھيو وس ۾، ساکي سرجڻھار؛
ملي ساڌ سنگت سان، ڪر غضي کي غار؛
تہ دوست جو ديدار، ڏسين ھن اکين سان.

١١- آتم ديس اَنرُ، واڪ نہ چلي تنھن ۾؛
سمجھي ڏس **ساھي** چئي، تون چڏي پر آپر؛
وياپڪ اٿي وس ۾، ساکي سھج سير؛
جرين پد اجر، تہ اسٿت ٿئين آرام ۾.

Gul Hayat Institute

## (جوت)

۱- انتي ڀهر ڀري، تي انيءَ جوت اندر ۾؛
اندو ڏسي ڪينڪي، نرمل نيڻ ڀري؛
ديهي مني پاڻڪي، ممتا منجھ مري؛
جي مالڪ مهر ڪري، ته سڪي تني سامي چوي.

۲- عجائب اپديش، سامي ڏنو ستگروءَ؛
نور محل نرباڻ ۾، پرچي ڪيو پرويس؛
متيو ڪلھ ڪليس، سڀ گھٽ ڏنا سپرين.

۳- لڌو جنھن ڏٽي، سودي ھن سرير مون؛
سامي تنھن ساپرس جي، ڀاري منجھ ڀري؛
ڪيول تنھن قلندر جي، متي منجھ مٽي؛
توٽي پني پنج ڪٽي، تان ڀي راجا رانول ديس جو.

۴- گرگم ساڻ ڀريو، انيءَ ڏيو گھر ۾؛
اوديا اونده نه رھي، سڀو ڪاج سريو؛
ڏسي جيءَ ٺريو، سامي سروپ ڪي.

۵- نٽنن لايو نينھن، نور محل ۾ ناٿ سان؛
جتي نه سور چنڊ ڪو، نڪو رات نه ڏينھن؛
بنا بادل مينھن، سامي سدائين وسي.

۶- مومن ءَ مسلمان؛ ڪوڙين ۾ ڪو ھڪڙو؛
جو واصل تي وحدت ۾، ڪڍي غير گمان؛

Gul Hayat Institute

نور محل جي نائن تي، سيل ڪري سبحان؛
تنهن کي سڀ جهان، ڄاڻي دوست خدا جو.

٧- پرين پياريو، پري پيالو نور جو؛
اندرو اندر جو، ڪڍي نواريو؛
از غيبي ٻاريو، ڏيو منهنجي ڏيل ۾.

٨- پار لنگهايو پاتڻيءَ، پرچي پنهنجي پور؛
چڙهي نور محل ۾، ڏٺا هوت حضور؛
مون پانيو تي ڏور، وني ڪامل ڏٺا ڪيچ ۾.

٩- ٻاتو جنهن ليو، گرگم پنهنجي گهر ۾؛
ٻن ٻارين جي وچ ۾، ڏٺو تنهن ڏيو؛
سدائين ڪيو، **سامي** رهي سياءَ ۾.

١٠- ورلو جن ڪري، انن آرتي ديو جي؛
جوت جڳائي انيڪي، ڌوپ ڌيان ڌري؛
لائي پوڄ پرانت ري نروڪلپت ڪلس پري؛
ڪري ٻنت پري، **سامي** ڏسي سروپ کي.

١١- عجائب عشق، **سامي** ڏني سنگروءَ؛
ڏني تنهنجي آسري، پلڪ منجهه جهلڪ؛
ڏيو نرمل نرڪ، ڪتي جيءَ جنجير سڀ.

Gul Hayat Institute

## ( انهد شبد )

۱- منجهين تن تنوار، وڄي ويل سڀ ڪنهين؛
چنگ، طنبورا ڪيترا، **سامي** ساز اپار؛
انهي پهر اندر ۾، **سامي** پرين ۽ پچار؛
ڪنهن ڪنهن مڱڻهار، سوجهي هن سرود جي.

۲- انهد جو ابياس، ڪيو جنهن گر گيان سان؛
سهجي تي **سامي** چئي، نانت تنهنجي ناس؛
ڪيائين ڪلپت ڪيڏي ڪري، تنهن منجهه نواس؛
جئن سورج منجهه پرڪاش، تئن جڳت ڏسي جڳديس ۾.

۳- جنهين ٻڌو ناد، گرو گورک ناٿ جو؛
لوري لڳو تن کي، بيحد جو بسماد؛
ماهل تيا مهران ۾، پئي باد بباد؛
وڃي پيچ سواد، **سامي** تن سڌن ڪون.

۴- گرگم ديپڪ راڳ، ٻڌو جنهين بانيءَ چئي؛
منهنجو تن جي من موهن، گرهڻ ۽ تياڳ؛
جاڳي اوديا ننڊ مون، سته تيا سڄاڳ؛
قرني بنا ڦاڳ، پل پل کيلن پيءَ سان.

۵- **سامي** سدائين، تي وڃي ڪنگري ڪرتار جي؛
ورلي ڪنهن جوڳيءَ کي، سمجهه ۾ آئي؛
جنهن گر ڪرپا ڪري، ٻُڌي ٻنڌائي؛
وڃائي وائي، سي ڳنڍيا گورک ناٿ سان.

Gul Hayat Institute

٦- مڌر مڌر مرلي، ڪان وڄائي مکہ سان؛
ٻُڌي گوپي گوار جي، **سامي** سرت ٻِلِي؛
اوديا ڳنڍ ڪلي، ڏسي منهن محبوب جو.

٧- انهد جو جهڻڪار، ٻڌو جنهن گر گيات سان؛
مٽيو تنهنجي من مون، وِڙ نڪيد وهنوار؛
ڇيڙيءَ ۽ ڪنچر، ڏسي ساکي سار؛
اهڙو پد اپار، پائي پرچو پاڻ ۾.

٨- انڌي پهر وڄي، تي مرلي من موهن جي؛
بندي ٻن ڪنن سان، **سامي** ڪين رجي؛
توڙي پران تجي، تان پي ڌُن ڌيان ۾.

٩- نرڀئي نگارو، اکنڊ وڄي تو آد جو؛
بندي کو ٻاڻيڻ چوي، پاڳوان پارو؛
مٽيو جنهن جي من مون، اوديا اندارو؛
جاڳي جڳ سارو، چمتڪار ڇيتن جو.

Gul Hayat Institute

١٠- تن ۾ طنبورو، وڄي ٻاون ٻاهرون؛
بندي کو **ٻاڻيڻ** چئي، ساڌو جن سورو؛
جنهن کي گر پورو، اچي از غئبي مليو.

١١- انهد جو آواز، ٻُڌو جنهن گر گيات سان،
پرچي ڪيو تنهن پنهنجو، بنا ڪلپت ڪاج؛
مايا جو موتاج، ڪڏهن تئي ڪينڪي.

## ( آتما جو آنند )

١- جنهن کي رس آيو، آتم پد اپار جو؛
تنهن موڙي من مرم سان، انتر مک لايو؛
سهجي سمايو، **ساهي** ساگر بوند ۾.

٢- وڃهي ماڻداڻي، جنهن مکرط ڪيو من مان؛
تنهنجي سرت سروپ ۾، سهجي سماڻي؛
موج تنهين ماڻي، آتم پد اپار جي.

٣- آتم رس ڀاري، اتي سڀ رسن کون؛
ڪڏهين اُتري ڪين ڪي، **ساهي** خماري؛
وڃي پڇ تنين کون، ممتا جن ماري؛
بي حد جي ٻاري، پٺي وينا پريم سان.

٤- ڏني گيان ڪلا، ست پرڪه ديا ڪري؛
پرڪائي پورن کون، ڪيم پڪ تسلاءِ؛
مٺي ويئي من مون، **ساهي** سڀ بلا؛
ڪنهن کي ڳالهه سلان، انيئي سک اگم جي.

٥- آتم رس منو، اٿئي سڀ رسن کون؛
وڃي پڇ تنين کون، چکي جن ڏنو؛
ڪيائون پاڻ ڦٽو، **ساهي** ڏسي سروپ کي.

٦- آتم رس جي مئِ، چڙهي اُتري ڪينڪي؛
من ٻڌ اندرين جي، جڳه ٿيو لٽڪي ۾ لئِ؛
**سامي** هڪ نريئي، ساڪي سيڪه رهي ويو.

Gul Hayat Institute

٧- جن کي آيو رس، آتم پد اپار جو؛
لوري لڳي تن کي، راتيون ڏينهون رهس؛
پڇ تنين کون خبران، ته **ساهي** ڏيني ڏس؛
ڪوٽ جنم جي ڪس، مٽي وڃيئي من مون.

٨- پوري گر پرساد، آتم سک سهي ڪيو؛
پاڻ وڃائي ننڊ ۾، سو جاڳي آيو ياد؛
مٽي ويئي من مون، ٻانهڻ ٻاد ٻباد؛
جنهنجو انت نه آد، سو ڪيئن اچي ڪٿ ۾.

٩- آتم درسي داس، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو،
ڪيو جنهن ڪاپٽ ري، نيٽڻ منجهه نواس؛
چيتن چد آڪاس، پورن ڏسي پرڀر سان.

١٠- جن کي خماري، چڙهي آتم پد جي؛
مٽي تن جي من مون، خودي خواري؛
لنؤ لنؤ منجهه تاڙي، **ساهي** لڳي سروپ جي.

Gul Hayat Institute

١١- پيالو گر پياريو، ورلي ڪنهن گرمکه کي؛
ڏنو جنهن اکين سان، انيئي اجارو؛
جاڳي ڪديائين جيءَ مون، پرم پؤ سارو؛
رهي متوارو، پئي پياري رام رس.

## ( اندر جو ڳجهه نه سلڻ )

۱- گرمکهه پد پائي، ڪنهن کي سلي ڪينڪي؛
انئي پهر اندر ۾، سامي سالاهي؛
جئن گنگو ڳڙ کائي، مشڪي ڪشڪي ڪينڪي.

۲- ستگر لڪائي، جنهن کي پد اکين سان؛
سو سوگهو ڪري ساهه کون، لنؤ لنؤ لڪائي؛
سامي سلي ڪينڪي، وينو وجائي؛
جئن گنگو ڳڙ کائي، مشڪي ڪشڪي ڪينڪي.

۳- جي محبوبن معاف ڪيا، پرچي پير ڪنهين؛
سالڪ سلبج نه ڳالهڙي، ريدو راءِ جنهين؛
آڳ به تار تنهين، ملان محبوبن سان.

۴- درد ڪيم بداء، حب حقيقت ڳالهڙي؛
ملي مهد جنن سان، جهاتي جهروڪي پاءِ؛
اوڍيا ڪلف اندر جو، لنؤ ڪنجيءَ سان لاءِ؛
ته لنؤ لنؤ منجهه لڪاءِ، مورت محبوبن جي.

۵- چڙي ڪوهه چئين ٿي، درد حال حبيب جو؛
جي توکي پياس پسڻ جي، ته ڏنڏا ڪيم ڏئين؛
سامي سپرين سان، ڇڏي ناهه ڏهين؛
پنهنجي منجهه پڻين، ته لهين سک سهاڳ جو.

Gul Hayat Institute

٦- مت ڪيائون مُور، سود ڪيائون سڪ جو؛
ڪنهن آڏو ڪاڙي؛ پَڌَر وڄهن نہ پورُ؛
سو ڪٿَن سلن سُور، جنهن ڪارڻ جوڳي ٿيا.

٧- ٻانيڻ ڪيم ٻڌاءِ، ڪنهن کي گيان گروءَ جو؛
پرچي پريت سچيءَ سان، انتر مکہ لنو لاءِ؛
اَگست جان اچمان ڪري، اوديا سند سڪاءِ؛
رهين پولي ياءِ، تہ سهجي ملني سپرين.

٨- در در ڪين ٻڌاءِ، ساهي سڪ پرينءَ جي؛
انتر مکہ ادب سان، لنؤ لڪائي لاءِ؛
تہ لنو لنو منجهہ لکاءِ، مورت محبوبن جي.

٩- ڪري سَمر صدق، ملين ساڌ سنگت سان؛
جي توکي پياس پسڻ جي، تہ سپ چاترڪ جان سڪُ؛
پائي بوند انيءَ جي، ڪر اوکن ڪان لَڪُ؛
تہ اندر ٻاهر هڪ، ساهي ڏسين سپرين.

١٠- پريان سندي پار جي، جن کي ڪنون پيئي ڪل؛
سي ٻاهر ٻاڦن ڪينڪي، اندر وَلن وُل؛
دليون اندر دَلَ، تن پورا ڪيا پنج ئي.

اوم شانتي! شانتي!! شانتي!!!

Gul Hayat Institute

## الف

آڀاس: عڪس - پرتبنب.

اڀياس: خيال - دؤر - استعمال.

اپيوا: جنهن جو ڀيد يا ڳجهه نه ڄاڻي سگهجي.

آتم ڌن: آتما جو ڌن - روحاني دولت.

آتم پد: آتما جي گيان جو درجو.

آتم وت: آتما جهڙو.

آتاري: ڏتاري - ريجهائي.

اٺارهن: ١٨ پراڻ.

اَٿاه: اونهو - بي شمار.

آد: مُنڍ - آغاز - ازل.

آن: ٻيائي - هٺ.

اُجارو: سوجهرو - روشني.

آچمان: لپ - چرون.

آرجا: عمر - حياتي.

الادي: اصل لفظ عربي علحدو معنيٰ نرالي - نياري.

ابناسي: جو ناس نه ٿئي - سدائين رهڻ وارو.

اَٻجهه: ٻوجهه کان سواءِ - پورڙو - سادو.

اَڀيدي: جنهنکي ڀيد يعني فرق ڏسڻ ۾ نه اچي.

اُتپت: پيدائش.

اُتري: لهي.

اُتر پرشن: سوال جواب.

اَتيت: تياڳي - الڳ - نيارو.

اُنو: وسيو.

ابار: بي انت.

اُپرت: جدا - ڌار - دنيا کان رهت - تياڳي.

اپت ڪامي: نسڪامي - خواهش کان سواءِ.

اپرس: جو ڪنهن پدارٿ يا وستوکي نه ڇهي - نيارو.

اُپاڌي: وڪيپتا - جنجال.

اَڦر: ڦرڻي يا ڳڻتي کان سواءِ.

اَجر: جو نه سهاري يا سهي سگهي.

Gul Hayat Institute

اَجر جري : نہ سهاري سگهڻ
جي وسنوءَ کي سهاري
سگهي - محڪم رکي .
اَجري : صفا .
اَڏين : وس - قبضي ۾ .
اَر : اٽڪ .
اڄڳڻبي : ڳجهہ مان - ازغيبي .
اَجل : موت .
اَچاه : بنا چاه - بنا خواهش .
اَچات : اوچائي - وڏائي -
ڏنگائي - ول چل .
اَچنت : چنتا کان رهت -
خيال کان آجو .
اَچل : جو چري نہ - محڪم .
اَڇ : هڪ رس - صفائي .
اُداس : مايا جي آسرءِ
پدارٿن کان نيارو .
آدي : آد جو - نج .
اَدڀت : اَچرج جهڙو -
ڳجهو - عجيب .
اَد ٻيت : جنهنجو ٻيائي نہ هجي .

اَڏڪ : گهٽو .
اَڏڪاري : لائق .
اَڏ آسمان - ترڪُٽي .
اَڏول - جو چري پري يا
لڏي نہ .
اَرٿ سڌ ڪرڻ : مطلب
پورو ڪرڻ .
اَرڌ اورڌ : هيناهين مٿاهين .
اُرجهي : منجهي - گمراه ٿي .
اُروار : هن پر .
آزاه : ڪُنُ .
آزاري : ڏکويل .
اَسنت : واڪاڻ - ساراه .
اسار : فاني - بي بقا .
اَست : ڪوڙو .
اِستت : قائم بيٺل - محڪم .
استر : نيڀه - قائم .
استول : ٿلهو - ڀاري .
اِسرار : ڳجهہ .
اَسريو : سريو کان سواءِ - نراڪار .
اَسگاه : سمنڊ - ڳجهو - اٿاه
بيحد - ويا پڪ .

Gul Hayat Institute

اشارت : اشارا - نشانيون - ڳجهہ .

آڪار : شڪل - صورت .

اَڪال : ڪال ڪان رهت - وقت جي حد نہ هجي .

اَڪت : ڇورڻ ۾ نہ اچي .

اُڪري : کپي - چڪي .

اَڳست : رشيءَ جو نالو .

اڳاڌ : بيحد .

اگم : جنهنجي گم نہ ہوي .

اگوچر : جو ڏسڻ ۾ نہ اچي .

اَگهر : جنهنکي روپ نہ هجي .

اگهور : خوفناڪ .

اگهوري : اوتهي .

آلتي : لڪائي .

البيلا : بي پرواهہ .

اُلٽي : سنسار کان اُبتڙ .

الاپ : نقصان .

الهدي : جدا - عليحدو .

الک : جاتو نہ وڃي .

آلوڻي : رس کانسواءِ - ڦڪي .

اليپ : سڀ کان نيارو .

اَليک : جو لکڻ کان ٻاهر هجي - جنهن جي خبر پئجي نہ سگهي .

اَمن : بنا ڦرڻي - خيال کانسواءِ .

اَناري : مورک - جٽ .

اَنڀئُ : ڄاڻ - آزمودو - سوجهرو - درشن - آتما .

اَنڀي جوت : اَندر جو سوجهرو - گيان جو پرڪاش .

اَنڀي اچ : گيان روپي ميدان - ساکي آتم پد .

اَنترمکہ : اندر ۾ جهاتي پائيندڙ .

انجن : سرمو .

اِنڇا : مرضي - خواهش

انرواڪ : جو بيان ڪرڻ يا ڇورڻ ۾ نہ اچي .

انگہ : عضوا .

اَنل : هڪڙي پکيءَ جو نالو آهي جو چون ٿا تہ هميشہ آڪاس ۾ رهندو آهي - باهہ .

Gul Hayat Institute

اَڻ : پيائي کانسواءِ - هڪ رس .

اَڻ اَپياس اپياس جنهن ۾ پيائي ڪجهه به نه هجي .

اَنهد : اندر جو آواز يا شبد .

اَنو ماني : گماني - شڪي .

اَڻ وٽي : نه وٽندڙ .

اَواچ : اُهو درجو جو چوڻ ۾ نه اچي سگهي .

اوت : اَجهو - آسرو .

اَوديا : اَگيان - بي علمي .

اَوڌوت : مست - ويراڳي ، تياڳي .

اَوسر : وقت - مهل .

اَڳو : مورک - بيوقوف .

اوت پوت : اَرس پرس - هڪجهڙائي .

اوٽ : پناه - سرڻ .

اوراٽا : لولي - مٺا راڳ .

اور اورڻ : ڏکه سور بڌائڻ .

اورن : بي - خالي .

اوگڻ : عيب - برائي .

اوٽاءِ اڏڪ : گهٽ وڌ .

اوڙو : لوڙهو .

اولو : پردو - پاچو - آسرو .

اونگهه : ننڊ - غفلت .

## ب

باد : اجائي .

باري : خدا - پرماتما .

باسي : ڏسي .

بجر : تمام سخت .

بدگياني : اگياني .

بديهي : جنهنکي سر پر جي گم نه هجي .

بره : عشق .

بُگري : گودڙي - جهولي .

بسماد : عجب - حيرت .

بلا : مصيبت .

بيدي : ويدي .

بچيا : بکيا .

## ٻ

ٻار : اَن جي ڪوڙي .

ٻاري : دري - جاءِ .

ٻن ٻارين جي وچ : ٻن اکين جي وچ - ترڪُٽي

Gul Hayat Institute

پَٽُ: پردو - ريشمي ڪپڙو.
پٽل: پردو.
پد: درجو - منزل.
پد اسگاهه: برهم پد.
پد نراس: اهو درجو جنهن ڪابه آس نه هجي.
پران پتي: پرانن جو ڌڻي يعني ايشور.
پر: ڏس - نشان.
پربت: جبل.
پربوڌي: سمجهائي - نصيحت ڪري.
پربين: پڪو - قابل - ڪامل - هوشيار.
پرتڪ: ظاهر - پڌرو.
پرتيت: ويساهه - ڀروسو.
پرپڪ: ڪامل - پڪو - هوشيار.
پرپنچ: ڪوڙو وهنوار - ٺڳي - جهنجهٽ.
پُرجهي: سمجهي.
پرچاتي: پريت ساڻ - پرچي سان.

پرڌان: امير - سردار.
پرساد: ڪرپا - مهر - جا ستگروءَ کان ملي.
پرڪاش: سوجهرو.
پرکه: پرش - مرد.
پَرکه: ڏسڻ - نهارڻ - جاچڻ.
پرڪارت ڪيو: مٽرسي ڪئي - ڪوشش ڪئي.
پَڳهه: پير.
پرگهٽ: ظاهر.
پرلاءِ: آواز.
پرلئي: ناس ٿيڻ - قيامت.
پرمارٿ: اُتم ارٿ - اُتم خواهش يا مراد.
پروانو: پتنگ.
پروانڻ: بحال - سچا - قبول پيا.
پرويس: واسو ڪرڻ - داخل ٿيڻ.
پڪي پور: پورو نشچو - پوري ڪوشش.
پُڙ: وس ڪري.
پسڙيو: پکڙيل - وياپڪ.
پساج: پوست.

Gul Hayat Institute

پکہ : پاسخاطري - ٻيائي - ڪنيپ - آڌار.

پلي : روڪي.

پلال : گند - غير - گاه جو قسم.

پَلالي : پلال کڻڻ وارا.

پلڪن سان : اکين سان.

پن : ٻيج - ثواب.

پنج ئي : پنج وڪار يعني ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه ۽ اهنڪار.

پنج رنان : پنج اندريون يعني وشيون جن ڏي اندريون ڊوڙن ٿيون.

پنج ڪٽي : ان جا داٽا.

پند : پري.

پوت : پرڪ - ٻار.

پوربي : اصلي - آدي.

پورن : پهتل پرش - وياپڪ.

پول پلال : ڪک ڪچرو - ٻيائي - غيرت.

پولو : پورو - سڪٽو.

پون : هوا.

پيچارو : ڪپہ صفا ڪندڙ - دادو پگت.

پيراندو پرجو : پرين ۽ جو پوئلڳہ يا پيري - جو پرين ۽ جي ٻنايل رستي تي هلي.

پيڪا ساهرا : لوڪ پرلوڪ.

## ق

قاگہ : بهار - خوشي.

قرني : سنڪلپ وڪلپ.

ڦڪل : ڦند - ٻول بازي.

ڦوڪ : مفت - خالي - پورو.

## ج

جات پات : ذات.

جالي : جاري.

جان : وانگر.

جَري : سڙي - جلي.

جُڙڻ : ملڻ - گڏجڻ.

جکہ مارڻ : اجايو بڪڻ.

جُگت : صفائي - اٽڪل.

جگديس : دنيا جو مالڪ.

جگياسي : ايشور جو طالب.

جم : ڪال - موت.

جن : ماڻهو - مرد.

Gul Hayat Institute

جنجال: ڏک - مصيبت.

جوڳ: يوگ - ميلاپ.

جوڳيسر: جنهن جوڳ
ساڌيو هجي.

جولاها: ڪوري -
ڪبير ڀڳت.

جوهڙ: ايذاءُ رسائڻ -
ڏک ڏيڻ.

جهد: محنت - ڪشالو.

## جهه

جهروڪ: دري - جاءِ.

جهلڪ: ترت - جلد - تڪڙو.

جهٽڪار: آواز.

جهوڪ: پلٽي ماري وهڻ.

## چ

چورن: پرزا پرزا.

چاترڪ: پکي، جو مينهن
جي ڦاٽيءَ تي عاشق
هوندو آهي.

چاڻان: چوٽون - ضربون.

چار: چار ويد.

چاه: چاهنا - خواهش.

چتر: هوشيار.

چد آڪاس: چيتن - پرماتما.

چتر: چيٽي.

چراغ: ڏيئو.

چت: صفائي - ميدان.

چڪائين: وڃائين.

چڪنا چور: ناس.

چڪور: هڪڙو تتر جي قسم
جو پکي آهي جو چوندا آهن ته
چنڊ تي اکن چڪن آهي.

چمار: چم جو ڪم ڪندڙ -
روداس ڀڳت.

چمتڪار: اَچرج - عجب -
جوت.

چوراسي: چوراسي لک جنم.

چهڙي: خراب.

چيت: خيال - ڳڻتي - چنتا.

چيتن: آتما - خبردار -
هوشيار.

چيتن چمتڪار: پرماتما جا
عجائب يا جوت.

چوري: چڪي.

Gul Hayat Institute

چوڏهن طبق: چوڏنهن لوڪ.
چيٽي: ڪٽلي.

## ڇ

ڇهه: ڇهه شاستر.
ڇار: خاڪ - مٽي.
ڇال: ٽپا.
ڇڄو: گهر - جهوپڙي.
ڇڪا: لاڳاپا.
ڇن: ڪن - لڪڙو.
ڇنت: ڇنڊ.
ڇوت: ڇوپ - اپوترتا - پاپ.
ڇيڏي: وڏي - ڪپڙي.

## ح

حجرو: ڪوٺي - جاءِ.
حق: خدا.
حقاني: حق جي ڳالهه.
حمايت: مدد - پناهه.

## خ

خالص: صاف - اڇو.
خام: ڪچو.
خس: ڪک.
خلل: خرابي - حرڪت.
خلوت: هيڪلائي - هيڪلي رهاڻ.
خماري: نشو - پنڪي.
خودي: ممتا - هٺ.

## د

داس: ٻانهون.
داهان: دانهون - رڙيون.
دبدا: ڪوتائي - ٻيائي.
دب: سريشٽ - اُتم.
دب رتن: بي بها هيرو.
دردوند: سور وارا - عاشق.
دتيا: ٻيائي.
درس: درشن - ديدار.
درڻ: آرسي - آئينو.
درشٽ ۾: ڏسڻ ۾.
درشٽ مان: جو نظر ۾ اچي ٿو - جو ڏسجي ٿو.
دسوون در: ڏهون در: ٻه اکيون، ٻه ناسون، ٻه ڪن، هڪ وات، گديا، اندري ۽ ڏهون در آهي تارونءَ وٽ.
دَل: لشڪر.
دلن: مارڻ - ڏارڻ - وس ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

دل د ٻليءَ ۾ رکڻ: دلجاءِ ڪرڻ.

دلدار: پيارو- محبوب.

دؤر درس جو: درشن جي خوشي.

ڏهه دس: ڏهه ڏساؤن- چوگرد- چوڌاري.

ڏهائي: ٻوهي- قسم.

دئيت: پيائي.

ديکيا: سکيا- اپديش.

ديوانن: مستانن.

## ڌ

ڌام: گهر- جاءِ- محلات.

ڌمڌامي: هل- ٻکيڙو- گوڙ.

ڌُن ڌيان ۾: ڌيان ۾ محو.

ڌير: ڌيرج وارو- استر.

## ڏ

ڏاور: ڪوريئڙو.

ڏڌري: ڏک ڏيندڙ.

ڏر: ٻپ- ٻچ.

ڏونگها: اونها.

ڏيل: ڏيهه- سرير.

## ذ

ذوق: خوشي.

## ر

رام رس: ايشور جي ڌيان جي لذت يا خوشي.

رامڪلي: ڇٽيهن ٣٦ راڳڻين مان هڪ جو نالو- خوشيءَ جو راڳ.

راول ديس: آتم ديس، جتي پرماتما رهي ٿو.

راه: واٽ- رستو.

رائي: رتي ماتر- ذري.

رت: پريت- رتل- لڳل.

رتا رنگ رهن: پريم ۾ مست رهن.

رٿ: گاڏي.

رج: ڌوڙ- خاڪ.

رڄي: ٻڌي.

رجهه: مشغول ٿي.

رچنا: جوڙ- قدرت.

رچيو: ٺهيو- ٺهيو.

رڌ: ڌن- دولت.

Gul Hayat Institute

رس : پوکھ ۔

رمتا : جو رميو رهي - هر جا حاضر ۔

رِندي : صوفيپڻو - مستي يا آزادگي ۔

روھ : رڻ پٽ ۔

روم روم : وار وار - رڳ رڳ ۔

رنگيلو : لعل - پريم جي رنگ ۾ رتل ۔

رهت : پوري ۽ سوڌي چال ۔

رهسن : خوش ٿين ۔

ريلو : خواهش - دل جو ميل - ڪشش ۔

## ز

زحمت : مصيبت - بيماري ۔

## س

ساپرس : ست پرش - ساڌو جن ۔

سار : نج ، خالص - سنو ۔

ساک : مائٽ - سنبندي ۔

ساکان : ساکون - شاهد يون ۔

ساکي : شاهد - ڏسندڙ ۔

ساکي پوت : پرماتما ۔

ساکيات : حاضر - روبرو - ظاهر ۔

ساگر : سمنڊ ۔

سايو : پاڇو - مهرباني ۔

سالک : پهتل فقير ۔

سپاويک : ازخود - بنا خيال جي ۔

سپر : سپرو - وڏو - چڱو ۔

ستا : بل - وڏائي - شڪتي ۔

ستہ : سپاويک - پاڻ مرادو ۔

ستہ سِد : پرماتما - آزخود ۔

سپاڙي : پاڙ ساڻ ۔

سجاتي : هڪ جات وارا ۔

سجاڳي : سجاڳ - هوشيار ۔

سج وسٿن : سکوپت ۽ جاڳرت جو وچ ۔

سد : پورائي - سامرٿائي - سمرٿي وارو - صفا - ظاهر ۔

سچيت : هوشيار - خبردار ۔

سدا تورا : گڻن وارا - سنا ۔

سِديون : سمرٿيون يا طاقتون جن سان جيڪي گهرجي سو ٿئي ۔

سڄاڻ : سمجهو - ڄاڻندڙ - سياڻو.

سَرُ : تلاءُ - چشمو.

سر ٻنگہ : سڱني انگن وارو - وياپڪ.

سُرت: سمجهہ - ٻوجهہ - ڌيان.

سرجڻ هار - پيدا ڪندڙ - پرماتما.

سرجي : سُرجيت - خبردار.

سُرجها : مڪتا - آزاد - سمجهو.

سِر سير ۾ : تلاءَ جي اونهي ۾ - سمنڊ جي وچ ۾.

سُرڪي : ڍڪ - لپ.

سُرگڻ : گڻن سهت - شڪل وارو - ساڪار.

سروپ : پرماتما.

سکپت سيج - آنند جو پلنگہ.

سُگم : سولو.

سُگهير : اُتم رستو.

سل : هڪ قسم جو گاهہ يا ٻاجي - سِر يا پاهڻ.

سلاهي: ساراهي - واکاڻ ڪري.

سلان : ٻڌايان.

سُلوڪ : گرسکيا - تصوف - صلح - ايڪتا.

سم: هڪجهڙو - سمدرشي جنهن کي سڀ هڪ جهڙو نظر اچي.

سماڌي : منزل جنهن ۾ ايشور جو ڌيان لڳي ٿو.

سماڻو: خوش - لڳل - مليل.

سمتا : هڪجهڙائي - هڪ نظر.

سمپن : پورن - سمپورن.

سمرٿ : طاقت وارو - ٻلوان.

سُمير : نالو جبل جو - محڪم - قائم.

سُن : ماٺ - ڌيان - شانت.

سنبت : سانباهو.

سَند : نشان.

سنڪہ : ڪوڏ - ناد.

سِند : درياءُ - سمنڊ.

سنگرام : لڙائي.

سنمکہ - منهن سامهون - روبرو.

Gul Hayat Institute

سنرا : خوش - سکي - سرهو.
سَنگي : ٻ ڄي .
سواسن : دمن .
سوت : آتما - روح .
سوڌا : سمجهو - سياڻا .
سوڌي : چڪاسي - سهي
ڪري - ڳولهي .
سور : سورما - سورج .
سوکم : باريڪ - ٿورو - لطيف.
سوڳ : ڏک - غم .
سٽانتي بوند : سپ ۾ پوندڙ
مينهن جي بوند. جنهن لاءِ
سپ ماندي رهندي آهي.
سهج : آتم آنند - سک - خوشي.
سهجي : سؤکائي سان.
سيباڻي : وڻي - پسند پيئي.
سيج : کٽ .
سير تي چڙهيو : پرميسر جي
پاسي هليو.
سيوا : شيوا - خدمت .
سيورا : جين ڌرم جا فقير.
سيوڪ : چيلو - مريد.
سيکه : باقي - خاص.

سِيلُ : سپتيائي - سچائي .
سيل : سير - گشت - ڪندا.
سين : اشارو - ڳجهه .
سيؤ : شيوا - پوڄا .

## ش

شبد : آواز - اپديش .
شد : صفا .
شؤ شڪت : ايشور ۽ مايا .

## ص

صدق : سچائي .
صلاح : صفت .

## ع

عرش : آسمان .
عين : صاف - پاڪ .

## غ

غارڪر : غرق ڪر - گم ڪر .
غيب ٿيا : گم ٿيا - ناس ٿيا .
غيبي : ڳجهه جو .

## ف

فارق : آزاد - فارغ .

## ق

قرار : آرام .

Gul Hayat Institute

قلوب : دل.

قصر : ماڙي، محلات.

ڪ

ڪاسي : ڪاشيءَ جو تيرٿ.

ڪامل : پھچل گرو.

ڪانُ : تير.

ڪانُ : ڪرشن.

ڪاني : پِٽ پاراتو- ڏک.

ڪبر : ھٺ - وڏائي.

ڪپاٽ : دروازا.

ڪڇو : ڏيکيو.

ڪِرانت : تيج - جوت.

ڪرتا پرک : اُپائيندڙ- خالق.

ڪرتارٿ: ڪارج سڌ- جنهن جي اڇا پوري ٿيل ھجي.

ڪرل : آواز.

ڪرم : مھر.

ڪرم : ڪم.

ڪُڙَم : ڪٽنب.

ڪس : ميل - گند - ڪٽ.

ڪسوٽي : پرک.

ڪشي : چڪي.

ڪُلُ : ڪٽنب.

ڪلپ : سنسو - ڀرم.

ڪلس : ڏلو.

ڪلپت : ڪوڙو - خيال.

ڪلپي : ناراض ٿي.

ڪلا : شڪتي.

ڪِلھ : گھڙي.

ڪليس : ڏک.

ڪلنڪ : داغ - ڇٽو - گناھ.

ڪلياڻ : سک - فائدو.

ڪنت : ڀتار - مڙس.

ڪنچر : ھاٿي.

ڪڻ : ذرو.

ڪنول : گل جو قسم - گل ڪوٽي.

ڪو: ورلو.

ڪوپين : لانگوٽي.

ڪوھ : ڇا - ڇو.

ڪوچ ڪرڻ : الڻ.

ڪوٽ : ڪروڙ.

ڪوڙي : ويھ.

ڪوڙين : سوين - ھزارن.

Gul Hayat Institute

کيت : کيتڙون - جيت.

کينو : هٺ - وير.

کيول : فقط - رڳو.

## ک

کت : خط - حساب - ليکو.

کل : چرچو.

کل کل : گهڙي.

کنچا تارڻ: چڪ تاڻ - ڪشش.

کوئي : ناس ڪري.

کيت کنڊو : حساب ڪتاب - وهنوار.

کيپ : اثو - خمار - سامان - مال.

کيسو : جاءِ - دل.

کيو : مست - خوش.

## گ

گار : غار - گڏ.

گاري : وجهي.

گاون : ڳائن.

گاهڪ يا ڳاهڪ : خريدار - طالبو.

گاهي : سڱس.

گپڙ : گپ.

گره ست : گهر ٻاري - خاندار.

گرکور : غرق - گم.

گگن : آسمان - آڪاس وانگر بي حد.

گگن گڏو : چيتن ستا.

گلزار : باغ - خوش - سرهو.

گودڙي : گودڙي پائيندڙ - فقير - سادو.

گورک : هڪڙي مشهور سنڌ جو نالو.

گنڊي : گودڙي.

گون : گهمڻ.

گرگم : گرن جي ڏنل چاڙ يا سکيا.

گوار : ڳنوار - گوپ.

گوگاءِ : آواز.

گيات : سمجهه - بوجهه.

گياتو : گيانوان - سمجهو.

گيؤ : پنهنجو سروپ ڄاڻندڙ.

Gul Hayat Institute

## ڳه

ڳنڍ کولي : اکيان جي ڳنڍ کولي .

## گھ

گھت : گھڙو، مٽ يا ڪو پورو ٽانو.

گھٽ : دل - هنيون - وچ .

گھڙي : گھڙو - دلو.

گھن : ڪڪر.

گھيرت : مايا جو نشو.

## ل

لاڀ الاڀ : نفع نقصان .

لات : جيڀي - روشنائي .

لاوڪنا : ماترا - اشارو - ڳجھ .

لٽڪ : منهن جو بناءُ - ناز نخرو - چمڪ .

لڇڻ : ڦٽڪڻ - لڇڻ .

لعل - پرميشر .

لقب لائڻ : جٽ ڪرڻ - هلاڪ ڪرڻ - گلا ڪرڻ .

لُڪ : چيلھ - جبل - خيال - سندرو.

لڪايو : ڄاڻايو.

لَڪَ : نظر - ڄاڻ - آتما .

لنؤ : پريم - پيار - محبت .

لنئن لنئن : رڳ رڳ - روم روم .

لوري : تير - ڳڻتي - محبت .

لوڙي : لوڙ يا اڇا رکي .

ليءِ ڪيو : ملائي يا گڏي ڇڏيو .

ليپ : ميل .

لين : محو - ملبل .

## م

مائل : لاڙو رکندڙ .

مشعال : ڏياٽي - جوت .

مامور : امر ڪيل - مقرر - قسمت ۾ - مست .

مثقال : وزن جو ساڍن ۴ ماسن جي برابر آهي - ذرو .

مجرو : سلام - زيارت .

محڪم : مضبوط .

محل : محلات - اندر .

Gul Hayat Institute

مد : نشو.

مدعي : دشمن.

مدماتو : مست.

مدر : مٺي.

مرگهه ترشنا : رڃ.

مرگهه : هرڻ.

مرم : حياءُ - شرم.

مڙهي : ديهه - سرير.

مڙ : مڙس - پرماتما.

مرلي : بنسري.

مذکور : ذڪر - بيان.

مستڪ : مٿو.

مُشڪي ڪشڪي : ڪلي ڳالهائي.

مشتاق : شوق وارو - عاشق.

مُڪتو : آزاد - ڇٽل.

مقابل : روبرو - سامهون.

ملار : راڳڻي جا برسات ۾ ڳائيندا آهن - خوشي.

پورب ديس ملار جو : اصل ديس جي خوشيءَ جو.

مل : ميل - ميرائي - اپوتر تائي.

ممتا : آءٌ پڻو - خودي - دنيا جو موه.

مُنائي : ڪوڙائي.

منن : منهنجائيءَ جي ڪلپنا - خودي.

مٽيا : تيج - روشنائي.

مواس : بي پرواه - مست.

موتاج : محتاج.

موليا : هريا - ساوا - خوش.

مهاڙي : لوڙهو - بچاءُ.

مهدجن : مهاپرش.

مهر : ديا.

مهران : سمنڊ.

مهرون : مهر جو.

مهما : واکاڻ - وڏائي.

مهان : وڏو.

مهيس : مهاديو - شو.

مهين : نرم - لذيذ - نازڪ.

ميا : ديا.

Gul Hayat Institute

ميخ : ڪِلي.

ميگهہ : ڪڪر - مينهن.

ميل : گند.

## ن

ناپ : ڏُنُ.

ناتو : دوستي - واسطو - پريم.

ناٿ : سوامي - ڌڻي.

نار : زال - استري.

نارد : هڪڙي مشهور مني ۽ جو نالو.

ناڙ : نبض.

نانا : گهڻا - طرحين طرحين - گهڻائي.

نائي : وار لاهيندڙ - حجام - سئنو پڳت.

نانت : بيائي - جدائي - آپو.

نائن : جاءِ.

نانهن : نيستي - نابودي.

نڀ : آڪاس.

نپوسڪ : نامرد - کدڙو.

نج : خالص.

نڌ : ڌن - خزانو.

نرآس : نراچا - بنا آس.

نرآڪار : شڪل کانسواءِ.

نرباڻ : نروان - اها حالت جنهن ۾ سپني اڇائن ۽ دکن کان آجو ٿي برهم سان لئ ٿي رهجي - مڪتي.

نرپيءُ : بي ڀؤ - بي پؤ.

نرت : نظر - ناچ - خوشي.

نرپکہ : جو پاسخاطري يا طرفداري نہ ڪري.

نرڌڪ : بي ڀؤ - نرپيءُ.

نرکي : ڌسي - ڇڪاسي.

نرگڻ : گڻن کانسواءِ - شڪل کانسواءِ - نرآڪار.

نرمل : اوجل - صفا.

نرني : ڪولي - نروار ڪري.

نروار : پڌرو - ظاهر - گذران.

نروڪلپ : سنسي ۽ پولي کان آجو.

Gul Hayat Institute

نرويرتا: اُها حالت جنهن ۾ ڪنهن سان وير ورود نه هجي.

نسنگ: بي خوف.

نمک: ڪن - پل.

ننڊر: ننڊ.

نواريو: روڪيو - هٽايو.

نواس: واسو - بيٺڪ.

نوايو: تسليم ڪئي. هيٺائين ورتي.

نور محل: صفاءِ اوجل رڌو. روشنائيءَ جو گهر.

نهچي: پڪ.

نهڪرم: ڪامنا يعني خواهش کان ڇٽل.

نياڻ: تلاءُ.

نير: پاڻي.

نيڙي: ويجهو - نزديڪ.

نين: نيڻ - اکيون.

نيهه: نينهن - پريم.

نيهي: پريم وارو.

نيوا: هيٺاهان.

و

واڇ: پڙهٽي.

وادي: ٻهڻي - گهڻ ڳالهائو.

واڙ: لوڙهو.

واس: سڳنڌ - وهڪ - بيٺڪ.

واصل: وصل - ميلاپ.

واستو: حقيقت - سچ - آتما.

واڪ: وچن.

والث: وارث - مالڪ.

وائي: وائي يا ذڪر. وحدت - هيڪڙائي.

ودي: ورتي.

ودمان: حاضر.

وڌ: شاستر جو حڪم - پوريءَ ريت.

وڌ نکيد ڪري: ويچار سان نکيڙ ڪري - جوڳ اجوڳ ڏسڻ.

ورائي: سواءِ.

ورتي: گذاري - هلي.

ورکا: مينهن - برسات.

ورڌاتا جو انگ: نصيب جو لکيو.

Gul Hayat Institute

ورونهن : وندر - ڳجهه .

وس : جهان .

وسنار : بيان - ظاهر .

وستي : بستي - آبادي .

وگسي : خوش ٿي .

ولاس : خوشي - آنند .

وَل ڇل : حرفت - ٺڳي - اٽڪل .

ول ولڻ : وڄهه ڳولڻ - حيلا ڪرڻ .

وملِ : نرمل - پاڪ - پوتر .

ونگي : ٻڌي .

وويڪ : ست ۽ اَست جو پيڇ جاڻڻ .

وهه : وهڪ - وهڪرو .

وهڙ : دريائُ .

وياپڪ : پسريل - هر جا حاضر .

ويدانتي : ويدانت مٿي وارو - ايڪائي .

ويراڳ : دنيائي پدارٿن کان ڪنائي .

ويساسي : ويساهه وارو - اعتقاد وارو .

## هه

هار : اجايو وڃائڻ .

هرجن : ايشور جو ڀڳت .

هرداتي : سڀ سان مليل - سڀ سان پريم ڪندڙ .

هردن : هرديءَ جو خزانو .

هرکه سوگه : ڏک سک .

هسي : ڪلي .

هلا يا هلن : گروءَ جي چوڻ موجب هلڻ .

هلڪ : هلڪائي .

هنگام هل : گوڙ بکيڙو .

هوري : هولي .

هيبت : خوف - ڊپ .

هيُت : پريم .

Gul Hayat Institute

# سنڌي ساهت زنده رکو

هر ڪنهن قوم ۽ جاتيءَ جو املهه خزانو سندن ساهت آهي. ساهت ئي قوم ۽ جاتيءَ کي زنده رکيٿو. پر اها کهڙي نه ارمان جي ڳالهه آهي جو اسانجو ساهت پٺتي پوندو ٿو رهي. سنڌيءَ ۾ سٺي ۾ سٺي ڪتاب جو وڪرو به ساهتڪار کي دلشڪستو بڻائي ٿو ڇڏي. سنڌي ادب جي گلستان جا ڪيترا گل ڪومائجي رهيا آهن ۽ انهن کي هٿائڻ لاءِ ڪو به خاص يتن نٿو ڪيو وڃي.

اسين سمجهون ٿا ته سنڌي جاتيءَ جي اها وڏي شيوا ٿيندي جيڪڏهن سنڌي ساهت کي زنده رکيو وڃي ۽ عمدن سنڌي ڪتابن جي ڇپائڻ ۽ نيڪال لاءِ ڪو خاص ادم ڪيو وڃي.

انهي مقصد سان سنڌي ٻوليءَ جا چونڊ ۽ عمدا ڪتاب "هندستان ڪتاب گهر" ۾ وڪري لاءِ موجود رکيا ويا آهن. هوند وارن سنڌواسين جو فرض آهي ته عمدا سنڌي ڪتاب خريد ڪري پنهنجا گهر سينگارين.

شامل صفحن تي هن وقت موجود ڪتابن جي لسٽ ڏجي ٿي.

**هندستان ڪتاب گهر**

١٣، حمام اسٽريٽ، فورٽ، بمبئي-١.

Gul Hayat Institute

**گرديو ٽئگور جا پستڪ**

ٻال چند رما ١-٠-٠

ڪير ڪنهنجو ١-٨-٠

دامني ١-٨-٠

ڪمود ني ٣-٠-٠

قلواڙي ١-٠-٠

**نارائڻداس ملڪاڻي**

جواهر آتم ڪٿا (ٻه ڀاڱا) ٦-٠-٠

**منشي پريمچند جا ناول**

پراويڊنٽ فنڊ ١-٨-٠

پريم پوڄاري ١-٦-٠

**بنڪم چندر جا ناول**

آنند مٺ ٢-٠-٠

راجسنگهه ٢-٠-٠

ديوي چوڌرياڻي ٢-١٢-٠

**شرت چندر جا ناول**

آخرين التجا ٢-٨-٠

وڃرداس ٣-٠-٠

چندرناٿ ١-٤-٠

شويدا ٢-٠-٠

براهمڻ ڪنيا ١-٨-٠

لين دين ٻه ڀاڱا ٢-٨-٠

وڏي دادي ١-٠-٠

سوال ٣-٠-٠

**ساميءَ جا سلوڪ**

**انگريزيءَ ۾**

**SONG OF THE SPIRIT**

ليکڪ شانتي شهاڻي ٣-٠-٠

پڪي جلد سان ٤-٠-٠

**ساميءَ جا چونڊ سلوڪ**

**سنڌيءَ ۾** ٠-١٢-٠

**رنبير وير بي. اي.**

قاسيءَ جي ڪوئڙي ٢-٠-٠

**سرگواسي نانڪرام**

**ڌرمداس جا ناول**

نارجون ڪنگڙيون ١-٤-٠

آرام محل ١-٠-٠

**ڪنيالعل منشيءَ جو ناول**

پرٿوي ولڀ ١-٤-٠

**پروفيسر رام پنجواڻيءَ**

**جا ناول**

زندگي يا موت ١-٨-٠

لطيفه ٢-٠-٠

قيدي ١-٨-٠

چانديءَ جو چمڪو ٢-٠-٠

**ڪماري پوپٽي آر-**

**هيرانندڻي**

منجو ٠-١٠-٠

Gul Hayat Institute

**خواجہ احمد عباس**

نيا سنسار ٠-١٢-٠

**پروفيسر موٽومل منگهارام**

پيار ۾ "پاڪ" کهڙو (لارڊ لٽن جي "زئنوني" جو ترجمو) ٢-٠-٠

**نيتاجي سباش چندر بابت**

سباش بوس ڪيئن ڀڳو ١-٤-٠

نيتاجي جرمني ۾ ١-٤-٠

نيتاجي برلن کان امفال تائين ١-٤-٠

وير گرجنا (تقريرون) ١-٤-٠

نيتاجي بوس ١-٠-٠

**مهراج وشنو شرما**

وير درگاداس ١-٨-٠

**گوبند مالهي جا ناول**

زندگيءَ جي راهه تي ١-٨-٠

آنسو ١-٤-٠

**راڌاڪرشن پرساد**

شارڌا ٢-٠-٠

**گيانن مادڪولڪر**

ڪانتا ٢-٠-٠

**ڪانڌيڪر**

آهوتي ١-٨-٠

**گرنٿڪار لينو ڏانگر**

داستان ١-٤-٠

**آهوجا "طاعر"**

راڻي ١-٨-٠

**ڪرشن چندر**

اڌورو سفر ٠-١٢-٠

**آسانند مامتوار**

شاعر ١-٤-٠

**نارائڻداس ڀمڀاڻي**

غريبن جو ورثو ٢-٠-٠

**پريداس برهمچاري**

راجپوتي ڪهاڻيون ١-٠-٠

ايشور درشن ٠-٣-٠

**قومي اڳواڻن بابت**

جواهر لعل جو جيون چرتر ٠-٤-٠

جوت ۽ جواهر ٠-٤-٠

باپوجي ٠-٣-٠

چوڏس مکي گانڌي ٠-٤-٠

باپوءَ جا خط ١-٦-٠

گانڌي ويچار ١-٤-٠

شريمتي سروجني نئڊو ٠-٤-٠

ڪملا نهرو ٠-٣-٠

Gul Hayat Institute

## منوهرداس ڪوڙومل

گانڌي ويچار ٢-٠-٠
جيوديا ٠-١٢-٠
منجهيل معاملو ٠-١٢-٠
ناري ترقيءَ جيون ١-٠-٠
ملهائتا موتي ١-٨-٠
آيرويد ٠-٤-٠

## ٻيا عمدا ڪتاب

پروانو ١-٨-٠
پريم جو پل ٻه ڀاڱا ٣-٨-٠
شاهي قيدي ٢-٤-٠
طوفان ١-٨-٠
ڦرين محبت ٻه ڀاڱا ٣-٠-٠
شويا ١-٨-٠
نئون ساهتيہ ٠-١٢-٠
نئون چين ٠-١٢-٠
راجو ٠-١٢-٠
الجهن ١-٠-٠
پروليون ڀاڱو ١ ۽ ٢ ٠-٨-٠
پيءُ جا پٽ ڏانهن خط ١-٨-٠
ڪاڌ خوراڪ ١-٨-٠
تندرستيءَ جا ساٿي ٠-١٤-٠
پوڄا ٠-٦-٠

ماڌوري ٠-٦-٠
ساٿي ٢-٠-٠
اڙٻنگ ١-٨-٠
انسپيڪٽر جنرل ١-٦-٠
آه ١-٦-٠
انڌڪار ١-٠-٠
شرت بابو ٠-٨-٠
ستار ٠-١٠-٠
زندگي ۽ موت (شعرن ۾) ٠-١٢-٠
ڀارت جو ٻلوو ٠-٢-٠
سنڌي ڪهاڻيون ١-٠-٠
برف جو طوفان ١-١٢-٠
ميواڙ جا موتي ١-٠-٠
آنند محل ١-٠-٠
ترو سوامي ٠-١٠-٠

## گور سنگت جا ڇپايل ڪتاب

گورواڻي ڀاڱو ٢١ ٢-٨-٠
سکمني ارٿ سان ١-٠-٠
" بنا ارٿ ٠-١٠-٠
پرارٿنا واڻي ارٿ سان ٠-٥-٠

Gul Hayat Institute

**بابو رويندرانات ٺاڪور**

ڏهاڳڻ راڻي ٢-٤-٠
سدا گلاب ١-٤-٠
پريت جا گيت ١-٨-٠

**تيرٿ سڀاڻي**

ديش ڀڳت ٢-٨-٠

**دوارڪا پرساد شرما**

سنڌي تلوار ٣-٤-٠

**هوند راج دکايل**

لهري ١-٤-٠

**سرڳواسي**
**نانڪرام ڌرمداس**

ميگهه دوت ١-٨-٠

**گوبند مالهي**

جيون ساٿي ٢-٠-٠

**پرڀداس آڏواڻي**

سالڪ جو سفر ١-٨-٠

**بابو چنڊيچرڻ جي سين**

نند ڪمار جي ڦاسي ١-٨-٠

**بنڪم چندر چٽرجي**

دولت جو دوکو ١-٤-٠

**ڪماري چندرا آڏواڻي**

پريم جيون ١-١٢-٠

**رمڻ لعل ديسائي**

پورنما ٢-٤-٠

**هري دريائي دلگير**

ڪوڙ ٠-١٢-٠

**شري مئلارام واسواڻي**

دکي دنيا ١-١٢-٠
ڀارت جون ديويون ١-٠-٠
چندر پال ٠-١٠-٠
اجالو ٠-١٠-٠
رنل راڻي ٠-٨-٠
راجپوت زندگي ١-٤-٠
سشيلا ١-٤-٠
راڻو پرتاب ٢-٠-٠
سماج درپڻ ٠-١٠-٠
مهاراجا رنجيت سنگهه ١-٤-٠
منزل ٠-١٢-٠
جئه راجستان ١-٦-٠
رنگ محل ٣-٨-٠
راجپوت دکياري ٠-١٢-٠
سماجڪ بلوو ١-٤-٠
مصر جي راڻي ٠-١٢-٠
پرٿويراج ٢-٠-٠
بال رامائڻ ١-٤-٠
بال مهاڀارت ١-٤-٠
هندو وير بالڪ ١-٤-٠
بال سري ڪرشن ١-٤-٠
ستياما ١-٤-٠
رام رحيم ٠-١٤-٠
ديوتا ١-٤-٠
الڏو ڪلاڪار ١-٨-٠
شاهوڪاري ظلم ١-٦-٠

Gul Hayat Institute

**گرسنگت جا ڇپايل ڪتاب**

مڪتولي ٠-٦-٠
جپ صاحب ارٿسان ٠-٦-٠
دک ڀنجني ٠-٢-٠

**ٻيا ڌرمي ڪتاب**

نانڪ پرڪاش ٢-٨-٠
سري ڀڳوت گيتا ٠-١٢-

**ٻارن لاءِ**

**ونڊ رائيمل ز ڪتاب**

شري ميلارام واسواڻي

بادشاهي آکاڻيون ڀاڱو ١ ٠-٤-٠
" " ٢ ٠-٤-٠
تانسين گويو ٠-٤-٠
بن شويا ٠-٥-٠
موجي بيربل ٠-٤-٠
پرستان ٠-٥-٠
اڏند کٽولي ٠-٥-٠
گل گاڏي ٠-٦-٠
عجيب عينڪ ٠-٧-٠
قديم بادشاهه ٠-٨-٠
اخلاقي دنيا ڀاڱو ١ ٠-٧-٠
" سبق " ٢ ٠-٦-٠
" دنيا " ٣ ٠-٨-٠
من جي موج ٠-٧-٠

قلواڙي ٠-٦-٠
رستم ۽ سهراب ٠-٧-٠
موجي آکاڻيون ٠-٦-٠
سونو محل ٠-٥-٠
پارس ڀاڱو ١ ٠-٥-٠
" " ٢ ٠-٤-٠
" " ٣ ٠-٥-٠
سوني مڇي ٠-٦-٠
ٽڪ ڪٽيو سيٺ ٠-٥-٠
ٻيڙي ڀياڪ رڇ ٠-٥-٠
فوٽوگرافر رڇ ٠-٥-٠
پرستان جو شهزادو ٠-٥-٠
ٽڪ ٽڪ بابا ٠-٤-٠
سياڻا سها ٠-٤-٠
پريءَ جو بال ٠-٤-٠

**ٻيا چونڊ ڪتاب**

بندا بهادر ١-٠-٠
طمع جو تير ٠-٦-٠
جنگ هند (ٻه ڀاڱا) ٥-٠-٠
سردار پرٿوي سنگهه ٣-٤-٠

**هندستان ڪتاب گهر**

**پاران ڇپايل ڪتاب**

**نئين ڙا گهر و هنر ١-٠-٠**

**رنگين زماني جون**

**غمگين ڪهاڻيون ١-٠-٠**

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute